يو ايس ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام

استادن جي تربيت لاءِ

رهنماڪتابچو

(ريڊنگ)

ملي ڪري ٺاهيون ٺاهڪ روشن پاڪستان

هن ڪتاب جي تياري آمريڪي عوام جي تعاون سان بذريعي آمريڪي بين الاقوامي اداري ترقي جي ممڪن ٿيوآهي. هن ڪتاب جي اندراج جي ذميواري ڪيمونڪس انٽرنيشنل جي آهي. يو ايس ايڊ آمريڪي گورنمينٽ جو ان سان متفق ٿيڻ ضروري نہ آهي.

محترم استاد صاحبان ۽ تدريس و تعليم جا ماهرين

اسلام و عليڪم

مان انتهائي مسرت سان توهان کي هن ورڪشاپ ۾ اچڻ لاءِ خوش آمديد چوان ٿو پيو
يو ايس ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام جو بنيادي مقصد ابتدائي درجن ۾ اردو ۽ سنڌي ٻولي شاگردن جي پڙهڻ ۽ لکڻ جي صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر بڻائجي ته جيئن هو انهن ٻولين کي پنهنجي وڌيڪ تعليم ۽ آگاهي لاءِ استعمال ڪري سگهن.

ڪنهن به ٻولي ۾ شاگرد جو چار بنيادي لساني مهارتن ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جو سکڻ تمام اهم آهي. لساني تحقيق ٻڌائي پئي ته ننڍا ٻار اسڪول اچڻ کان اڳ پنهنجي معاشري ۽ گهر جي ماحول مان ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سکي چڪا هوندا آهن. پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ شاگرد جي مهارت استاد جي معاونت سان ٿيندي آهي جيڪي هو پهرين درجي کان وٺي پنجين درجي تائين مهيا ڪندا / ڪنديون آهن.

پڙهڻ جي مهارت کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته ٻارن جي پڙهڻ جي عمل ۾ ان کي بتدريج شامل ڪيو وڃي ۽ تدريس جي جديد طريقيڪار کي استعمال ڪندي ٻارن ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو وڃي. انهن درسي ڪتابن کان علاوه وڌيڪ معاونتي مواد ۽ پڙهڻ جو خوشگوار ماحول فراهمڪيو وڃي ته جيئن ٻار پڙهڻ جي مهارت حاصل ڪري سگهن.
هن ورڪشاپ جو مقصد استادن کي وڌيڪ پيشيوراڻي تربيت فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن هو پنهنجي شاگردن کي نه صرف پڙهائي جي طرف راغب ڪن پر انهن جي صلاحيتن کي وڌيڪ نکارن ۽ اجاگر ڪن. استاد هن تربيت مان ڄاڻي سگهندا ته ابتدائي درجن ۾ پڙهڻ جي مهارت جا معيار ڪهڙا آهن. هڪ سٺو پڙهندڙ طالب علم ڪير آهي ۽ ان جون ڪهڙيون خاصيتون آهن ۽ ابتدائي درجن ۾ پڙهڻ جي مهارت جي ترقي جا ڪهڙا مرحلا آهن جيڪي خواندگي جي سلسلي کي جاري رکڻ جو سبب بڻبا آهن. اسانکي اميد آهي ته استاد صاحبان هي پيشيوراڻي تربيتي پروگرام ۾ شامل ٿي اهو ڄاڻي سگهندا ته (1) پڙهڻ جي مهارت لکيل يا لکيل مواد مان معني اخذ ڪرڻ جو عمل آهي جنهن ۾ شاگرد لکيل علامتن کي ظاهر ڪندي مواد مان مطلب اخذ ڪندا آهن.

(2) پڙهڻ جي عمل دوران پڙهندڙ مواد مان پنهنجي گذريل معلومات جي بنياد تي مضمون جون زيرن زبرن کي مد نظر رکندي معني اخذ ڪري سگهن ٿا. (3) جديد طريقي پڙهڻ جي عمل جي ڇهن عواملن جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪي صوتي آگاهي سان شروع ٿيندي اکرن ۽ لفظن جي شناخت ۽ بعد ۾ انهن کي گرامر جي اصولن مطابق معني ۽ فهم جو ذريعو بڻائن پيا. انهن اصولن کي ڄاڻڻ استادن لاءِ تمام اهم آهي ته جيئن هو خواندگي کي جديد بنيادن تي سيکاري سگهن ۽ شاگردن جي مهارت جو جائزو وٺي سگهن.

اسان کي اميد آهي ته هي تربيتي ورڪشاپ توهانکي:
- خواندگي جي تدريسي عمل کي بهتر بڻائيندو
- شاگردن جي خواندگي سکڻ جي عمل جي تشريح ڪري سگهندو ۽
- پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي مرحلن جي وضاحت ڪري سگهندو جن جي استعمال سان شاگردن جي خواندگي جو معيار بهتر ٿيندو.

دعاگو
ڊاڪٽر محمود الحسن بٽ
چيف آف پارٽي
يو ايس ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام_ڪراچي

فهرست

يونٽ پهريون تعارف
تعارفي مرحلو پهريون مرحلو
ذهانت ۽ ان جا قسم معلوماتي مواد
ٻولي سکڻ جو تعارف ٻيو مرحلو
ٻوليءَ جون بنيادي مهارتون معلوماتي مواد
پڙهڻ جي مهارت
يونٽ ٻيو صوتي ڄاڻ (Phonemic awareness)
صوتي ڄاڻ پهريون مرحلو
صوتي ڄاڻ معلوماتي مواد
آواز جي علم جو تعارف يونٽ ٽيون
اکر جي سڃاڻپ پهريون مرحلو
آواز جو علم معلوماتي مواد
لفظن جي علامتن جي سمجه (رمز ڪشائي) ٻيو مرحلو
علامتن کي سمجهڻ جو مواد معلوماتي مواد
(Fluency) رواني يونٽ چوٿون
تعارف ۽ مرحلا رواني پهريون مرحلو
رواني جا مرحلا ۽ طريقيڪار معلوماتي مواد
(Vocabulary) لفظن جو ذخيرو يونٽ پنجون
لفظن جو ذخيرو پهريون مرحلو
لفظن جو ذخيرو معلوماتي مواد
(Comprehension) پڙهي سمجهڻ يونٽ ڇهون
ابتدائي سرگرميون پڙهي سمجهڻ پهريون مرحلو آهي
پڙهي سمجهڻ ۽ ان جون سرگرميون معلوماتي مواد

ابتدائي درجن ۾ پڙهڻ جي مهارت جي سکيا

هن پروگرام جو بنيادي مقصد ابتدائي درجن ۾ ٻولي سکڻ جي مهارتن ۽ سيکارڻ وارن استادن جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻڻ آهي. پڙهڻ جي مهارت ٻولي سکڻ جي مهارتن جهڙوڪ: ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ مان هڪ آهي. هي مهارتون استادن جي مدد سان گڏوگڏ ٻارن جي ٻولي سکڻ جي عمل ۾ واضح ڪردار ادا ڪنديون آهن. پڙهڻ جي مهارت کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ٻارن کي پڙهڻ جي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي. انهن ۾ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو وڃي. انهن کي ڪورس جي ڪتابن کان علاوہ ٻيا مددگار ۽ دلچسپ ڪتاب ۽خوش گوار ماحول مهيا ڪري ڏنووڃي تہ جيئن هو پڙهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري انکي بهتر بڻائن. شاگردن کي سُنوپڙهندڙ بڻائڻ لاءِ استادن کي مسلسل پيشي وراڻہ تربيت ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ ريڊنگ پروگرام استادن کي هڪ بنيادي ۽ سمجهہ جوڳو تصور ڏئي ٿو تہ ابتدائي درجن ۾ پڙهڻ جي مهارت ڇا آهي؟ هڪ سُنوپڙهندڙ ڪنهن کي ڇيو ويندو آهي ۽ ابتدائي درجن ۾ پڙهڻ جي مهارت ۾ اڳتي وڌڻ جا ڪهڙا مرحلا آهن جيڪي پڙهڻ جي سلسلي کي جاري رکڻ جو سبب بڻجن ٿا؟ استاد هن پيشي وراڻي تربيت کان پوءِ ڄاڻيندا تہ (1) پڙهڻ جي مهارت لکيل يا ڇپيل مواد مان معنيٰ حاصل ڪرڻ جو عمل آهي. اسان ان مواد ۾ لکيل نشانين يا علامتن کي سمجهي ان مان معنيٰ ۽ مطلب اخذ ڪندا آهيون. (2) پڙهڻ جي عمل دوران پڙهندڙ، ڏنل مواد مان، پنهنجي اڳوٽي معلومات جي بنياد تي، ڏنل معلومات جي مدد سان، مضمون جي هر پهلو کي مد نظر رکي ان مان معنيٰ حاصل ڪندو / ڪندي آهي (3) پڙهڻ جا ڇه مرحلا جيڪي ڪتاب کڻڻ کان وٺي آزادانہ طور تي پڙهندي لکيل مواد مان معنيٰ حاصل ڪرڻ تي مشتمل هوندا آهن (4) پڙهڻ جي مهارت جي بنيادي جزن کي الڳ الڳ ۽ گڏ ڪري ابتدائي ڪلاسن جي ٻارن کي پڙهڻ سيکارڻ انتهائي ضروري آهي. (5) ابتدائي ڪلاسن جي ٻارن ۾ پڙهڻ جي عمل کي بهتر بڻائڻ لاءِ تدريسي حڪمت عملين کي موثر انداز ۾ استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مقصد: هن پروگرام جومقصد پڙهڻ جي مهارت جي تدريسي صلاحيت کي بهتر ڪرڻ آهي تہ جيئن:

ٻارن جي سکڻ جي عمل کي واضح ڪري سگهجي

پڙهڻ ۽ پڙهڻ جي مرحلن جي وضاحت ڪري سگهجي

پڙهڻ سکڻ جي ارتقائي مرحلن جو خاڪو

يونٽ	مهارتون	مقصد/تعليمي نتيجا
1	بولي سکڻ جو عمل: ٻارن جي سکڻ جو عمل، بولي ۽ پڙهڻ جي مهارت جو سکڻ، پڙهڻ جي مهارت جا مرحلا	بوليءَ جي مهارتن کي سڃاڻي سگهبو. پڙهڻ جي مهارت جي وضاحت ڪري سگهبي. پڙهڻ جي مهارتن جي پنجن جزن جي تشريح ڪري سگهبي. پڙهڻ جي مهارتن جي ڇه مرحلن جي درجه بندي ڪري سگهبي
2	صوتي (آواز جي) سڃاڻپ: قافيه، آوازن جي جوڙ توڙ، هڪ آواز واري لفظن جي جوڙ توڙ، آواز کي خارج ڪري نئون لفظ ٺاهڻ	صوتي سڃاڻپ جي پڙهڻ جي مهارت سکڻ جي عمل ۾اهميت ۽ ضرورت جي وڪالت ڪري سگهبي صوتي سڃاڻپ سيکارڻ جي موثرطريقن جو سکڻ جي سطح تي عملي مظاهرو ڪري سگهبو
3	آواز جو علم: اکر جي سڃاڻپ، اکر ۽ آواز جي سڃاڻپ، (decoding)لفظن ۽علامتن کي سمجهڻ	اکرن ان جي آواز کي پڙهائڻ جي موثر طريقن جي سڃاڻپ ۽ وضاحت ڪري سگهبي. Decoding جي اهميت ۽ ان جي بنيادي اصولن جي وضاحت ڪري سگهبي ٻارن جي قابليت کي مد نظر رکي انهن لاءِ decodingجو مواد ٺاهبو
4	رواني: مرحلا ۽ طريقيڪار، بيهڪ جون نشانيون، خاص لهجي ۽ سُر سان پڙهڻ، رواني پڙهائڻ جون سرگرميون	پڙهڻ جي صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ ۾ رواني ۽جي فائدي جي حمايت ڪرڻ ٻارن جي رواني سان پڙهڻ ۾ بهتري آڻڻ جي طريقن کي ڪلاس ۾ استعمال ڪري سگهبو
5	فڻن جوذخيرو: لفظن جي ذخيري جا قسم: 1) ٻُڌي سمجهڻ لفظن جوذخيرو 2) اظهاري لفظن جو ذخيرو لفظن جي ذخيري سيکارڻ جا تدريسي طريق	ٻارن جي رواني سان پڙهڻ ۾ بهتري آڻڻ جي طريقن کي ڪلاس ۾ استعمال ڪري سگهبو ٻُڌي سمجهڻ ۽ اظهاري لفظن جي ذخيري ۾ فرق ڪري سگهبو ٻارن ۾ لفظن جي ذخيري ۾ بهتري آڻڻ جي طريقن کي ڪلاس ۾ استعمال ڪري سگهبو

6	پڙهي سمجهڻ : پڙهي سمجهڻ جي سکڻ جون حڪمت عمليون	پڙهڻ جي عمل ۾ پڙهي سمجهڻ جي وضاحت ڪري سگهبي ٻارن ۾ سمجهڻ جي صلاحيت ۾ بهتري آڻڻ وارين سرگرمين جو تنقيدي جائزو وٺي ان ۾مناسب تبديليون ڪري ڪلاس ۾ استعمال ڪري سگهبو

يونٽ نمبر 1
پروگرام جو تعارف Program
Introduction

عنوان :
تعارفي اجلاس
مقصد :

هن سيشن ڪانپوءِ استاد ان قابل ٿي ويندا تہ:
سنڌ ريڊنگ پروگرام جي بنيادي جزن جي سمجھ حاصل ڪري سگھندا
- ٻارن ۾ سکڻ جي عمل کي بيان ڪري سگھندا
- ٻارن ۾ ذهانت ۽ ان جي وضاحت ڪري سگھندا

مدڪار شيون	طريقيڪار	ڏنل وقت
30 منٽ	تعارف : پروگرام شروع ڪرائڻ کان پھريون هڪ سرگرمي ڪرائي ويندي آهي جنھن کي آئس بريڪر چيو ويندو آهي. ان سرگرمي جو مقصد پروگرام ۾ شريڪ ساٿين جو پاڻ ۾رُلي مِلي وڃڻ ۽ انھن جي گھبراهٽ ختم ڪرڻ هوندو آهي تہ جيئن پروگرام کي گڏيل مشوري ۽ تعاون سان مڪمل ڪري سگھجي. سرگرمي نمبر 1 : آئس بريڪر: توهان جي شخصيت ۽ تي تصويرون مددگار/ صلاحڪار استاد ساٿين ۾ ڪاغذ جون پرچيون ورهائي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ هو پنھنجي شخصيت کي مد نظر رکي تي تصويرون ناهن جيڪي انھن جي شخصيت جي عڪاسي ڪن. ان ڪم لاءِ ساٿين کي پنج منٽ ڏنا ويندا. ساٿين جي تصويرن ناهڻ ڪانپوءِ صلاحڪار استاد هدايت ڏيندو/ڏيندي تہ هو پنھنجي پرچين جي سڄي پاسي واري ڪُنڊ تي پنھنجو نالو لکن ۽ پنھنجي پنھنجي پرچيءَ کي قميص جي ساڄي پاسي ڪلھي کان ٿورو هيٺ ٽاچنيءَ جي مدد سان لڳائن.	ڪاغذ جون پرچيون، پيپر جو A4 چوٿون حصو عام ٽاچني

مددگار شيون	صلاحڪارساٿين کي ڪلاس ۾ ڪنهن ڪليل جڳهه تي گڏ ڪري هدايت ڏيندو / ڏيندي ته سڀ ساٿي مددگار استاد جي هدايت مطابق پنهنجي چونڊيل ساٿي جي تصوير کي سامهون رکي ان جي شخصيت جي باري ۾ پنهنجي راءِ قائم ڪن ۽ ساڳيو عمل ٻيا ساٿي به دُهرائن. مددگار جي روڪڻ تي سڀ ساٿي جلدي پنهنجي لاءِ نئون ساٿي ڳولهي ان سرگرميءَ کي ورجائيندا. نوٽ: هيءَ سرگرمي گهٽ ۾ گهٽ پنج کان ڇهه ڀيرا ورجائي ويندي ته جيئن وڌ کان وڌ ساٿي هڪ ٻئي کان واقف ٿي سگهن. سرگرميءَ کي منطقي انجام تي پهچائيندي صلاحڪاران سرگرميءَ کي ڪرائڻ جا بنيادي مقصد پڇندو / پڇندي . ساٿين جا ممڪنه جواب ٻڌي صلاحڪارسرگرميءَ جو بنيادي مقصد ٻڌائيندو.	ڏنل وقت
15 منٽ 30 منٽ	(اڳتي وڌڻ) سرگرمي نمبر 2: سنڌ ريڊنگ پروگرام جو تعارف ۽ ساٿين جا سوال سرگرمي نمبر 3: ذهانت جي تعريف ۽ ان کي ترقي ڏيڻ صلاحڪارساٿين کي ڇهن گروپن ۾ ورهائي هيٺ ڏنل هدايتون ڏيندو / ڏيندي. 1. تصور ڪريو ته هيٺ ڏنل شين مان توهان کا هڪ شيءِ وڏي پيماني تي ناهي پنهنجي شهر ۾ وڪڻڻ چاهيو ٿا. 1)چاڪليٽ Chocolate 2)چپس Chips 3)صابڻ Beauty Soap 4)آئس ڪريم Ice Cream 5)بيوٽي ڪريم Beauty Cream 6)بسڪيٽ Biscuit هر گروپ پنهنجي پسند جي ۽ مختلف شيءِ منتخب ڪندو. 2) هاڻي هر گروپ کي چونڊيل شيءِ بابت هيٺ ڏنل سرگرميون ڏنيون ويندين. 1) فهرست تيار ڪريو. 2) شيءِ جي تياري ۽ ان جي ڪپت جو تخمينو لڳايو.	چارٽ ۽ مارڪر

30 منٽ	3) شيءِ کي وڪڻڻ لاءِ پوسٽر ٺاهيو. 4) اشتهاري نعرا ٺاهيو جيئن ڪو گانو / گيت يا مڪالمو بہ ٿي سگهي ٿو. 5) شيءِ کي آخري شڪل ڏئي خوبصورت انداز ۾ ترتيب ڏيو تہ جيئن اشتهار ذريعي عوام کي ڏيکاري سگهجي. صلاحڪار ان ڳالهہ تي زور ڏيندو/ ڏيندي تہ هر گروپ پنهنجي پسند جو ڪم ڪندو ۽ هو نگراني ڪندو تہ هر گروپ ڏنل ڪم ۾ مصروف آهي. صلاحڪارهدايتون ڏيڻ کانپوءِ هر گروپ کي چاليه منٽ ڏيندو / ڏيندي. 3) صلاحڪار هر گروپ کي واري سان گهرائي ان کان پنهنجي ڪم جي پيشڪش ڪرائيندو /ڪرائيندي ۽ بعد ۾ ساٿين جي سوالن جي همت افزائي ڪندو.	
30 منٽ	خلاصو سيني گروپن جي پيشڪش کانپوءِ صلاحڪار هر گروپ جي ساٿيءَ کان ڏنل ڪم جي باري ۾ پڇندو/ پڇندي تہ هن ڏنل ڪم ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو. ممڪن جواب اهو هوندو تہ هر ميمبر جيڪا ذميواري ڪنئي اها هن بهتر طريقي سان پوري ڪئي. صلاحڪار سيني کي متوجه ڪندو / ڪندي تہ ٻارن ۾ اَٺ يا ان کان وڌيڪ ذهانتون هونديون آهن ۽ هر انسان ۾ ڪا هڪ ذهانت باقي ٻين ذهانتن کان ڪجه قدر وڌيڪ هوندي آهي. ان ڪري اسان کي پڙهائڻ دوران سيني ذهانتن تي مشتمل سرگرمين کي شامل ڪرڻ گهرجي. صلاحڪارهاڻي ذهانت ۽ ان جي قسمن جي باري ۾ تفصيل سان بيان ڪندو / ڪندي. خاص طور تي اَٺ ذهانتن جو باقائده تعارف ڪرائيندو / ڪرائيندي. صلاحڪار انهن مختلف ذهانتن کي ٻارن جي سکڻ جي عمل سان جوڙيندو. نوٽ: وضاحت لاءِ اڳئين صفحي تي ڏنل معلومات مان مدد وٺو	

ذهانت ڇا آهي؟

سکڻ جي صلاحيت ۽ پوءِ ان صلاحيت سان روز مره جي پڙهائڻ دوران ايندڙ مشڪلاتن کي سني طريقي سان سلجهائڻ کي ذهانت چئبو آهي.

روايتي نظرين ۽ پڙهائڻ جي طريقن ۾ ذهانت جي ترقيءَ لاءِ فقط ٻولي (Language) ۽ عدد شماري (Mathematic) جي مهارت ڪافي هئي. ان ۾ فقط استاد کي علم جو ذريعو سمجهيو ويندو هو. استاد جو ڪم ٻارن تائين معلومات پهچائڻ هوندو هو. سڀ نظريہ شاگردن تي مڙهيا ويندا هئا. استاد جو ڪم پڙهائڻ ۽ شاگردن جو ڪم پڙهڻ هوندو هو. استاد شاگردن جي ذهنن ۾ علم پريندو ويندو هو. خاص خاص معلومات طئي شده طريقي سان ڏني ويندي هئي. شاگردن کان اها توقع ڪئي ويندي هئي تہ جيڪو ڪم انهن کي ملي اهو ڪري ڏيکارن ۽ سکن. سني ڪم تي شاگرد کي شاباش ڏني ويندي هئي. ان ۾ ٻار جي ذاتي راءِ جو احترام ڪيو ويندو هو ۽ نہ ئي هن جي صلاحيت جي ڪا اهميت هئي ڇڻ تہ ٻار جو ذهن هڪ خالي ڊبو هجي جنهن ۾ هر معلومات ڀري وڃي. هن ۾ ذهني صلاحيتن جو ڪو عمل دخل نہ هو.

جديد نظريو: تعليم ذهني اوسر جي ترقيءَ لاءِ مناسب ماحول جي اهميت تي زور ڏئي ٿي. ان جو بنياد ذهني اوسر متعلق جديد تحقيقات آهي. مختلف محققن جي تحقيق سان حاصل ڪيل نتيجا تعليم ۽ تدريس لاءِ نهايت ضروري آهن.

قدرتي ۽ سماجي اثر ذهني اوسر تي اثر انداز ٿيندا آهن.

پهريون ماحول سان واقفيت ٿيندي آهي. پوءِ ٻار پنهنجن تجربن کي غور و فڪر ڪري ڪو خاڪو ڏيندا ۽ اڳتي وڌائيندا آهن.

هر ٻار جي اوسر جي رفتار ان جي سماجي ماحول تي منحصر آهي.

شعور سوچ ۾ ڪافي صفاتي تبديليون آڻيندو آهي.

سوچ ۾ تبديلي ان وقت ايندي آهي جڏهن ٻار ڳالهائڻ لاءِ ٻوليءَ جو استعمال ڪندو آهي.

تعليم سان گڏ ٻار پنهنجي سوچ کي سڃاڻيندو ۽ ان تي حاوي ٿيندو آهي.

ذهني اوسر ۾ ٻار عمر سان گڏ لاڳاپيل مشڪلاتن کي سلجهائيندو آهي.

اَٺ ذهانتون:

هڪ محقق جو چوڻ آهي تہ انسان ۾ اَٺ يا ان کان وڌيڪ ذهانتون هونديون آهن جيڪي ذهني اوسر ۾ مدد ڏينديون آهن.

زبان / بولي: ڳالهائڻ ـ لکڻ ـ پڙهڻ

رياضي: ڳڻپ ـ منطقي سوچ تي غور ڪرڻ

بصري: تصوير ناهڻ ـ رنگن جو استعمال ـ نقشا ـ ڊزائن

جسماني: کيڏڻ ـ ورزش ـ نچڻ

هڪ ٻئي سان رابطو رکڻ: ٻين کي سمجهڻ ـ گروپ ۾ ڪم ڪرڻ ـ جذبات ۽ احساسن جو خيال

پنهنجي ذات: ذاتي تصور ـ غور و فڪر ڪرڻ ـ ذاتي خيال

موسيقي / ڌُنيون ناهڻ: آوازن جي لهرن کي سمجهڻ ـ موسيقي جي آواز کي سمجهڻ ـ ڌُنيون ناهڻ

قدرت سان ويجهڙائپ: جانورن سان محبت ـ قدرتي نظارن ۾ دلچسپي ـ گلن ۽ باغن ۾ دلچسپي

هي ذهانتون هر ٻار ۾ موجود هونديون آهن ۽ انهن جي مدد سان اسان مختلف ڪم ڪندا آهيون. هتي اها ڳالهہ غور طلب آهي تہ انهن ذهانتن جو تناسب هر انسان ۾ مختلف هوندو آهي. ڪنهن ۾ رياضي جي ذهانت وڌيڪ هوندي آهي تہ ڪو ڳالهائڻ ۾ تيز هوندو آهي. ڪو سٺيون تصويرون ناهي سگهندو آهي تہ ڪو راند روند ۾ ماهر هوندو آهي. مطلب تہ ڪا هڪ ذهانت باقي ذهانتن کان وڌيڪ هوندي آهي. انهن ذهانتن کي ٻارن ۾ ڳولهڻ ۽ انهن جي مدد سان ٻارن جي تعليمي اوسر لاءِ سرگرمين مان مدد وٺڻ استاد جي فرض ۾ شامل آهي ڇو تہ اهي ذهانتون ٻارن جي سکڻ جي عمل جي راهہ هموار ڪنديون آهن.

ٻار ڪيئن سکندا آهن؟

1) لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سان
2) رياضي ۽ دليلن سان
3) تصويرون ناهڻ سان
4) کيڏڻ سان
5) هڪ ٻئي سان رابطو رکڻ سان
6) غور و فڪر ڪرڻ سان
7) موسيقي جي مدد سان
8) قدرتي شين جي مشاهدي سان

يونٽ نمبر 1
پروگرام جو تعارف (Program Introduction)
سيشن 2

عنوان:

ٻولي سکڻ جو تعارف

مقصد:

هن سيشن ڪانپوءِ استاد ان قابل ٿي ويندا تہ:

ٻولي سکڻ ۽ ان جي جزن جي تشريح ڪري سگهندا

پڙهڻ جي جزن جي وضاحت ڪري سگهندا

پڙهڻ جي اوسر جي مرحلن جو تنقيدي جائزو وٺي سگهندا

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
20 منٽ	تعارف: سرگرمي نمبر 1: ٻولي سکڻ ۽ ان جا جزا 1 _ رهنماءُ استاد Think _ Pair _ Share جو طريقو استعمال ڪندي ٻولي سکڻ جي جزن تي ساٿين جا خيالات معلوم ڪندو / ڪندي. 2 _ رهنماءُ استاد ٻولي سکڻ جي وضاحت اڳئين صفحي تي ڏنل معلومات "ٻولي سکڻ جون بنيادي مهارتون" جي مدد سان ڪندو / ڪندي.	
30 منٽ	اوسر: سرگرمي نمبر 2: پڙهڻ جي اوسر جا مرحلا (Stages of Reading) رهنماءُ استاد پڙهڻ جي اوسر جي مرحلن جو تعارف ڪاري تختي (Black Board) تي هڪ ڏاڪڻ جي شڪل ۾ ناهي ڏيکاريندو / ڏيکاريندي (ڏاڪڻ ناهڻ لاءِ اهم نقطا "پڙهڻ جي اوسر جا مرحلا" ڏسو). رهنماءُ استاد ساٿين کي ڇه گروپن ۾ ورهائي انهن ۾ اڳ ۾ ئي تيار ٿيل پرچين جا سيٽ ورهائيندي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ پنهنجي پنهنجي گروپ ۾ هڪ ٻئي جي مشوري سان پڙهڻ جي مرحلن جي ڇهن عنوانن جي هيٺيان پرچين ۾ لکيل مرحلا پڙهي لڳائن.	اڳئين صفحي تي پڙهڻ جي اوسر جي مرحلن ۾ پڙهندڙ جي خاصيتن جون پرچيون

20 منٽ	رهنماءُ استاد ڏنل ڪم دوران نگراني ڪندو / ڪندي ته سڀني گروپن جا ميمبر دلچسپيءَ سان ڏنل ڪم ڪن ٿا. جڏهن رهنماءُ استاد کي اندازو ٿي ويندو ته سڀني گروپن ڏنل ڪم مڪمل ڪيو آهي ته ساٿين ۾ پڙهڻ جي مرحلن بابت تحقيقي تحرير (Hand Out) ڏئي هدايت ڏيندو / ڏيندي ته سڀ گروپ پنهنجي لڳايل "پڙهڻ جا مرحلا" کي تحقيقي لکت واري پڙهڻ جي مرحلن سان ڀيٽ ڪن ۽ غلط لڳايل مرحلن کي صحيح جڳه تي لڳائن. سرگرمي ختم ٿيڻ کانپوءِ رهنماءُ استاد گروپ جي ڪنهن ساٿي کي چوندو ته اچي "پڙهڻ جي مرحلن" تي پيشڪش ڏئي. ان کانپوءِ رهنماءُ استاد هيٺ ڏنل پڙهڻ جي جزن جو تفصيلي تعارف ڪرائيندو / ڪرائيندي.	
	خلاصو: رهنماءُ استاد هيٺ ڏنل سوالن جي مدد سان بحث ڪري اجلاس کي ختم ڪندو / ڪندي. 1) توهانجي خيال ۾ هي مرحلا اسان جي ماحول ۾ ڪيتري حد تائين پڙهائڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا؟ پڙهڻ جي جزن جو تعارف ڪرايو ويندو ۽ سڀني ساٿين کي ٻڌايو ويندو ته ايندڙ ڏينهن ۾ انهن جزن تي تفصيل سان ڪم ڪنداسين. پڙهڻ جا جزا	

ٻولي سکڻ جون بنيادي مهارتون، ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ آهن. انهن مان ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جو شمار سمائيندڙ/ ٻڌي سمجهڻ (Receptive Skills) وارين مهارتن ۾ ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو شمار پيداواري (Productive Skills) مهارتن ۾ ڪيو ويندو آهي

	ٻڌي سمجهڻ	پيداواري
زباني	ٻڌڻ	ڳالهائڻ
تحريري	پڙهڻ	لکڻ

ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جو مهارتون زباني عمل آهي جڏهن تہ لکڻ ۽ پڙهڻ لکڻ جي عمل سان تعلق رکن ٿا.
ٻولي سکڻ صرف انهن چار مهارتن تي مشتمل ناهي پر هڪ ننڍي مهارت "لفظن جو ذخيرو" کي ڪجه محقق ٻولي سکڻ جي بنيادي مهارتن ۾ شمار ڪن ٿا ڇو تہ ٻولي سکڻ جي چار مهارتن ۽ انهن ۾ بهتري آڻڻ جو دارومدار لفظن جي ذخيري تي مبني آهي. ان ڪري هيٺ ڏنل خاڪي ۾ ڇئني مهارتن کي "لفظن جي ذخيري" گول دائري جي شڪل ۾ گهيريو آهي جيڪو ظاهر ڪري ٿو تہ لفظن جو ذخيرو ڇئني مهارتن کي سکڻ لاءِ لازمي آهي.

لفظن جوذخيرو



پڙهڻ ڇا آهي؟

پڙهڻ بولي سکڻ جو اهم پهلو ۽ مهارت آهي. اظهار خيال جي لکت واري شڪل کي سڃاڻي پڙهيو ويندو آهي. ان عمل ۾ آوازن ۽ انهن جي علامتن ۽ صحيح اعرابن کي سڃاڻي وڏي آواز يا خاموشيءَ سان پڙهي ان جو مفهوم سمجهڻ کي پڙهڻ چيو ويندو آهي. پڙهڻ واري مهارت جي ڪري انسان پڙهيل لکيل سڏيو ويندو آهي ۽ معاشري ۾ عزت ۽ وقار قائم ڪندو آهي. پڙهڻ تعليم ۽ تربيت جو پهريون قدم آهي. جنهن جي ذريعي انسان علم ۽ هنر جي خزانن تائين رسندو آهي. دنيا داري جو ڪاروبار هلائڻ ان لاءِ آسان ٿي ويندو آهي. ذهن ۽ عقل ۾ پختگي ايندي آهي ۽ روزمره جي معاملن کان باخبر رهندو آهي. پڙهڻ ذهني تفريح جو ذريعو پڻ آهي. تهذيب ۽ تمدن جون رونقون پڙهڻ جي ڪري آهن ڇو تہ پڙهڻ سان ئي انسان سکندو آهي. انسان جيترو پڙهندو اوترو ان جي معلومات ۾ واڌارو ايندو. پڙهڻ ئي روزگار جا موقعا فراهم ڪندو آهي ۽ دفتري ۽ ڪاروباري معاملن ۾ مدد ڏيندو آهي.

پڙهڻ جي عمل ۾ ذهن، ڏسڻ ، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جا حواس نهايت اهم ڪردار ادا ڪندا آهن ان سان گڏ و گڏ جسماني حرڪتون بہ پڙهڻ جي عمل کي نکاريندڙيون آهن تحقيق مطابق پڙهڻ جي مهارت کي پنجن جُزن ۾ ورهايو ويو آهي .

1) صوتي ڄاڻ
2) آواز جو علم
3) رواني
4) لفظن جو ذخيرو
5) سمجهي پڙهڻ

پهريون مرحلو: پڙهڻ کان پهريون پڙهندڙ

ڪتاب پڪڙيندو آهي ۽ صفحا صحيح طرح اٿلائيندو آهي
ڪتاب جي شروع ۽ آخر کي سڃاڻيندو آهي
آکاڻي ٻڌندو ۽ جواب ڏيندو آهي
تصويرن جي معنيٰ ڪڍندو ۽ انهن تي توجه ڏيندو آهي
ڪجه اکرن کي سڃاڻيندو آهي.
پڙهڻ جي آرزو ڪندو ۽ ان ۾ دلچسپيءَ جو اظهار ڪندو آهي.

ٻيون مرحلو: نئون پڙهندڙ

استادن جي تربيت لاءِ رهنماڪتابچو

آڪاٽي ٻڌائڻ لاءِ تصويرن جو استعمال ڪندو آهي.
لکيل تحرير کي جڏهن هو پنهنجي چوڌاري ڏسندو آهي تہ ان ۾ دلچسپي ظاهر ڪندو آهي.
لکڻي بابت ڄاڻيندو آهي تہ ساڄي کان کاٻي ۽ مٿي کان هيٺ ويندي آهي.
ڪجه آواز ۽ اکر ڄاڻيندو آهي جنهن مان آواز نڪندا آهن.
ڪجه لفظن کي سڃاڻيندو آهي جهڙوڪ پنهنجو نالو وغيره
جڏهن هو مشهور ڪتاب پڙهندو آهي تہ هو استاد ۽ پڙهندڙ سان منسلڪ رهندو آهي.
جن ڪتابن سان لڳاءُ هوندو اتس انهن ڪتابن جي جوڙ جڪ ۽ لفظن کي پڙهندو آهي.
پنهنجي ماحول جي ويجهو لکيل شين کي پڙهندو آهي.
ٽيون مرحلو: شروعاتي پڙهندڙ
گهٽن اکرن جا نالا ۽ انهن جي آوازن کي سڃاڻيندو آهي.
پنهنجي عمر جي لحاظ سان آڪاٽيءَ کي ٻيهر ٻڌائي يا ورجائي سگهندو آهي.
پنهنجي عمر ۽ صلاحيت مطابق ستر فيصد لفظ پڙهي سگهندو آهي.
پاڻمرادو پڙهڻ وقت وڏي آواز ۾ پڙهندو آهي.
اڃان تائين رواني‌ءَ سان نہ پر لفظ بہ لفظ پڙهندو آهي.
شروعاتي مرحلن وارا ڪتاب ۽ تصويري ڪتاب سڃاڻپ مطابق پڙهندو ۽ ورجائيندو آهي.
چوٿون مرحلو: ماهر پڙهندڙ
تصويرن کي معني ڪڍڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي.
تصويرن جي مدد سان معني اخذ ڪندو آهي.
پنهنجي ڄاڻ کي جملي جي سڃاڻپ لاءِ استعمال ۾ آڻيندو آهي.
لفظن کي سمجهڻ لاءِ آوازن جو استعمال ڪندو آهي.
ڪجه ٻين مددگار لفظن جي ذخيري ۽ انهن جي معني سان واقف هوندو آهي.
آڪاٽيءَ جي شروعات، اختتام ۽ لکيل واقعا ٿوري تفصيل سان ٻڌائيندو آهي.
پڙهڻ لاءِ پاڻ کي وقف ڪرڻ شروع ڪندو آهي.
خاموشيءَ سان پڙهڻ شروع ڪندو آهي.
پڙهڻ دوران پنهنجين غلطين جي سڃاڻپ ۽ درستگي پاڻ ڪندو آهي.

جيڪڏهن ڪتاب ۾ لفظ واضح لکيل هجن تہ چاهي ڪيترو بہ ڊگهو ڪتاب هجي آسانيءَ سان پڙهي

ويندو آهي.

پنجون مرحلو: پاڻمرادو پڙهندڙ

گهڻن ڄاڻل سڃاڻل لفظن کي سڃاڻي ويندو آهي.

رواني سان پڙهندو آهي.

بهتر سمجهڻ لاءِ بيهڪ جي نشانين جو استعمال ڪرڻ لڳندو آهي.

معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ شروع ڪندو آهي.

تمام وڏن ۽ مشڪل جملن جي بناوٽ کي پڙهندو آهي.

حوالن کي رهنمائيءَ لاءِ استعمال ڪندو آهي.

آکاڻيءَ جي جزن کي سڃاڻي سگهندو آهي مثال طور: ڪردار ۽ خلاصي کي سمجهڻ

خاموشيءَ سان گهڻي وقت لاءِ پڙهندو آهي.

ننڍي مضمون ۾ لکيل تحريرون ۽ ڪتاب کي آسانيءَ سان پڙهي ويندو آهي.

ڇهون مرحلو: مڪمل آزاد پڙهندڙ

مختلف علامتن کي استعمال ۾ آڻيندو آهي جهڙوڪ آواز (آواز ڪيڻ) ٻوليءَ جو علم (جملي جي شناخت) ۽ عام علم تہ جيئن معنيٰ ڄاڻي سگهي.

لکيل ۽ ڇپيل لکت کي رواني سان پڙهي سگهندو آهي.

ٻين طريقن سان لکيل ۽ ڇپيل ڪتاب جو آسانيءَ سان مطالعو ڪري سگهندو آهي .

مضمون ۾ لکيل معنيٰ اخذ ڪندو آهي جيئن ان جي سمجهه ۾ واڌارو ٿئي.

مشڪل ڄاڻ وارا ڪتاب آسانيءَ سان پڙهي سگهندو آهي.

حوالن وارا ڪتاب ۽ ٻيو مواد بنا ڪنهن مدد جي پڙهي سگهندو آهي.

خود اعتمادي سان مختلف قسمن جون تحريرون پڙهي ۽ انهن جي فرق کي سمجهي سگهندو آهي.

پڙهڻ جا مرحلا (Stages of Reading)



پڙهڻ جا جزا (Reading Domains)

پڙهڻُ سيکارڻ جا طريقا

پڙهڻ سيکارڻ جا طريقا:

لسانيات جي ماهرن پڙهڻُ سيکارڻ جا مختلف طريقا ٻڌايا آهن. اچو تہ انهن طريقن تي هڪ نظر وجهون ٿا.

ترڪيبي طريقو:

هي طريقو جُز کان ڪُل جي طرف جي اصول تي واضع ڪيو ويو آهي. ان طريقي ۾ سڀ کان پهريون اکر ٻڌايو ويندو آهي ۽ پوءِ اکرن کي ملائي لفظ ٺاهيا ويندا آهن ۽ اهڙي طرح لفظن کي ملائي جملا ٺاهيا ويندا آهن.

مثال طور: لفظ بابا

جملو بابا آءُ _ آءُ بابا آءُ

انهن طريقن ۾ هيٺ ڏنل طريقا شامل آهن.

1) الف ب طريقو ا ب ٻ پ وغيره

2) تصويرن جي مدد سان ا ب سيکارڻ الف انب ٻ ٻڪري پ پڪو

3) هڪ آوازي طريقو: آ_ با _ تا _ لا _ جا _ نا _ ما _ يا _ آنا _ ڳانا _ تالا _ خالا _ نالا _با جا وغيره.

تحليلي طريقو: هي طريقو ڪُل کان جُز ڏانهن وڃڻ واري اصول تي جوڙيو ويو آهي. هن ۾ ٽي طريقا شامل آهن.

1) **ڪهاڻي وارو طريقو:** هن طريقي ۾ ڪهاڻي يا فقرو ڏنو ويندو آهي _ ٻار پهريون جملا الڳ ڪندا آهن پوءِ جملن مان لفظ الڳ ڪندا آهن _ آخر ۾ اکر الڳ ڪندا آهن.

2) **جملي وارو طريقو:** هن طريقي ۾ بليڪ بورڊ تي جملو لکيو ويندو آهي. پوءِ ان مان لفظ الڳ ڪيا ويندا آهن. آخر ۾ اکر الڳ ڪيا ويندا آهن.

3) **لفظي طريقو:** هن طريقي ۾ استاد ڪاري تختي تي لفظ لکندو / لکندي آهي ۽ پوءِ لفظن مان اکرن کي الڳ ڪرايو ويندو آهي.

صوتي طريقو: هن ۾ اکرن جي نالن بدران اکرن جا آواز سيکاريا ويندا آهن. اکرن جي شڪل ساڳي رهندي آهي . پر ان سان گڏ ان جو آواز ملايو ويندو آهي. آوازن کي ملائي لفظن جا آواز پيدا ڪيا ويندا آهن. پهريون ٻہ اکري لفظ جو آواز ڪڍرايو ويندو آهي. اکرن جي شناخت ڪرائي ويندي آهي. آوازن کي ملائي لفظ نهرايا ويندا آهن. پوءِ حرف صحيح جي آواز کي حرف علت جي آواز سان ملائي پڙهايو ويندو آهي. آخر ۾ سڪيل لفظن مان جملا نهرايا ويندا آهن.

گڏيل سڏيل پڙهائڻ جو طريقو: هن طريقي ۾ سيني طريقن جون خوبيون شامل ڪيون ويون آهن. سڀ کان

پهريون وٽندڙ شيءِ جي تصوير ڏيکاري ويندي آهي. هي ڇا آهي؟ +

انب ۾ پهريون آواز اَ آهي __ / ا /	
استاد هاڻي انب جي اکر جي علامت لکندو / لکندي آهي. پوءِ ٻارن کان پڇيوويندو آهي ته هن علامت جو آواز ڪهڙو آهي.	

پوءِ ان علامت جو نالو اَ ٻڌائيندو / ٻڌائيندي آهي. ان کانپوءِ (اَ) سان شروع ٿيندڙ ڪجه ٻيون شيون ڏيکاريون ويندیون آهن ۽ انهن جي آوازن ۽ نالن جي مشق ڪرائي ويندي

آهي. مثال طور:انگور _ / ا /	
اک _ / ا / وغيره / جي تصوير ڏيکاري پڇيو وڃي	

هي ڇا آهي (Egg) آنو ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي ؟ / آ /
پوءِ لفظ آنو (Egg) جي سامهون آ جي علامت رکي وڃي ۽ پوءِ آ جي آواز سان شروع ٿيندڙ لفظ ٻارن کي ٻڌايا وڃن
مثال طور: آڪيرو، آگر وغيره
ٽيون يونٽ پڙهائڻ لاءِ به بيٽ جي تصوير ڏيکاري پڇيو وڃي ته هي ڇا آهي. ان کان پوءِ استاد / استادياڻي پهريون وانگر اکر ب جي شڪل ٺاهي ان جو آواز ۽ نالو ٻڌائيندو / ٻڌائيندي.
بيٽ ۾ پهريون آواز ڇا آهي؟ ٻيا مثال ڏيڻ کانپوءِ استاد / استادياڻي ب + ا کي ملائي مرڪب ٺهي پڇندو / پڇندي ب + ا ملائڻ سان ڇا ٿيندو.
ٻار جواب ڏيندا با
با ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي / ب /
ٻيو آواز ڪهڙو آهي / ا /
استاد / استادياڻي ان مرڪب کي به دفعا لکي بابا
۽ ٻارن کان پڙهائن بابا
هاڻي استاد / استادياڻي پهرين يونٽ کي ملائي جملا ٺهرائيندو / ٺهرائيندي
بابا آءُ _ آءُ بابا آءُ
ان کان پوءِ هيٺ ڏنل لفظ لکائيندو / لکائيندي
ا ب _ آ ب _ با ب

يونٽ نمبر 2
صوتي ڄاڻ Phonetic Awareness
سيشن 1

مهارتون:

1_ صوتي (آواز جي) سڃاڻپ

مقصد:

هن سيشن کانپوءِ استاد ان قابل ٿي ويندا تہ:

آواز جي سڃاڻپ ۽ ان جي جزن جي وضاحت ڪري سگهندا.

پڙهڻ سيکارڻ ۾ آواز جي اهميت ۽ ان جي تائيد ڪندا.

آواز جي سڃاڻپ پڙهائڻ لاءِ موثر طريقن کي ڪلاس ۾ استعمال ڪندا.

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
	تعارف: صلاحڪار ساٿين کي پنجن گروپن ۾ ورهائيندو / ورهائيندي ۽ هر گروپ ۾ پهريون کان تيار ٿيل پرچيون ورهائيندو / ورهائيندي. نوٽ: صلاحڪار اجلاس شروع ڪرڻ کان پهريون ئي پنج مختلف آواز پرچين تي لکندو / لکندي. اهي آواز هيٺ ڏنل آهن. 1) تاڙيءَ وڄائڻ جو آواز 2) روئڻ جو آواز 3) کلڻ جو آواز 4) بوٽ پَٽ تي هڻڻ جو آواز 5) سيٽي وڄائڻ جو آواز صلاحڪار سيني ساٿين کي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ هر گروپ پنهنجي واري اچڻ تي مليل آواز گڏجي ڪڍي. ان کانپوءِ مددگار استاد واري واري سان هر گروپ کي مليل آواز ڪڍڻ لاءِ چوندو / چوندي.	

	صلاحڪار ساٿين کان هن مشق ڪرائڻ جو مقصد پڇا ڪندو / ڪندي جنهن جا ڪيترائي جواب ٿي سگهن ٿا. پوءِ ساٿين جا جواب ٻڌا ويندا. صلاحڪار آوازن تي تبصري کي اڳتي وڌائيندي هيٺيان سوال پُڇندو / پُڇندي. 1) هر گروپ کي جيڪو ڪم ڏنو ويو هو اهو ڇا آهي؟ 2) ڇا ان کان علاوه به اسانجي ماحول ۾ مختلف قسمن جا آواز آهن ؟ 3) ڇا هن ماحول ۾ موجود سڀ آواز سٺا / خراب لڳندا آهن؟ 4) انهن آوازن جو اسانجي زندگيءَ تي ڪهڙو اثر پوندو آهي ۽ ڇا اهي اسانجي ڪم ايندا آهن ؟ 5) انهن آوازن جا ڪهڙا مختلف ذريعا آهن ؟ مددگار استاد انهن سوالن جا جواب ساٿين کان وٺي سڀني جي خيالن تي تبصرو ڪرائيندو / ڪرائيندي. صلاحڪار آواز جي سڃاڻپ (صوتي سڃاڻپ) ساٿين سان متعارف ڪرائي هيٺ ڏنل تعريف بيان ڪندو / ڪندي. صوتي سڃاڻپ: صوتي سڃاڻپ اکرن جي آوازن جي انفرادي حيثيت، انهن ۾ فرق ڪرڻ ۽ انهن کي ٻين آوازن سان ملائي نوان آواز ٺاهڻ جي صلاحيت کي چئبو آهي. صوتي سڃاڻپ ۾ ٻُڌندڙ آواز ٻڌي انهن کي سڃاڻيندو / سڃاڻيندي آهي. انهن کي ٻين آوازن سان ڍاهي ۽ ٺاهي سگهندو / سگهندي آهي ۽ انهن آوازن ذريعي مختلف ٻوليون سکي سگهندو / سگهندي آهي. تحقيق مان ثابت ٿئي ٿو ته آواز جي سڃاڻپ جو تعلق شاگرد جي پڙهڻ جي صلاحيت سان آهي. ان جو مطلب ته جيڪڏنهن شاگرد آوازن جي سڃاڻپ، ٺاهڻ ڍاهڻ ۽ علامتون سمجهڻ مان واقف آهي ته هي صلاحيت هن کي هڪ سٺو پڙهندڙ ٿيڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ هو ڪهڙي به تحرير آسانيءَ ۽ رواني‌ءَ سان پڙهي سگهندو / سگهندي آهي. صلاحڪار ساٿين جو توجه ان ڳاله تي ڇڪائيندو / ڇڪائيندي ته آواز جي سڃاڻپ تي اسانجي تعليمي نظام	

	۾خاص توجه نہ ڏنو ويندو آهي، ۽ ايئن شاگرد جي پڙهڻ جي صلاحيت جي بنيادي ضرورت کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح شاگرد سنو پڙهندڙ ٿيڻ کان مرحوم ٿي ويندو آهن. استاد جو فرض آهي تہ هو شاگردن کي آوازن ذريعي پڙهائي. پر ڇو تہ ان موضوع تي استاد جي پنهنجي ڄاڻ گهٽ آهي، ان ڪري شاگردن تائين آواز جي سڃاڻپ جي ڄاڻ منتقل نہ ڪري سگهندو / سگهندي آهن. ان ڪري اهو ضروري آهي تہ استاد/ استادياڻي آواز جي سڃاڻپ جي باري ۾ مڪمل معلومات حاصل ڪري ان کي روزانو پڙهائڻ دوران استعمال ڪن.	
80 منٽ (25 منٽ بحث ۽ باقي پيشڪش جي تياري ۽ پريزنٽيشن ڪرڻ لاءِ)	اڳتي وڌڻ: سرگرمي نمبر1: آواز جي سڃاڻپ جو ڏاڪي بہ ڏاڪي طريقيڪار صلاحڪار شريڪ ساٿين کي گروپن ۾ ورهائي هر گروپ کي پڙهڻ لاءِ متن (مضمون جو حصو) ڏئي بحث ڪرڻ لاءِ چوندي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ ٻين کي سيڪارڻ لاءِ هڪ سرگرمي تيار ڪريو. آواز جي سڃاڻپ جي طريقيڪار جي مشق هيٺ ڏنل هدايتن ذريعي ڪرائي ويندي. 1) خاص طريقيڪارتي گروپ ۾ خيالن جي مٽا سٽا ۽ ڪلي بحث ڪريو. 2) خاص طريقيڪار جي فهرست ٺاهيو. 3) جيترو ٿي سگهي فهرست جي لفظن مطابق رنگين تصويرون ٺاهيو يا لفظن جي مناسبت سان شيون گڏ ڪريو يا تجويز ڏيو. 4) آواز جي سڃاڻپ جي سڀني طريقن کي ڪلاس ۾ استعمال ڪرڻ جي حوالي سان جيڪي مشڪلاتون پيش اچن انهن تي بحث مباحثو ڪريو ۽ ان جا حل تلاش ڪريو. 1_ صوتي عليحدگي (Phonemic Isolation) هي آواز جي سڃاڻپ سکڻ ۽ سيڪارڻ جو سڀ کان پهريون طريقو آهي، جنهن ۾ شاگرد کي ڪنهن بہ لفظ ۾ موجود آوازن مان ڪنهن خاص آواز کي انفرادي حيثيت ۾ ڳولهڻو هوندو آهي.	

مثال طور:

1) لفظ 'پڪي' جو پهريون آواز ڇا آهي؟ / پ /

2) لفظ 'ڪتاب' جو آخري آواز ڇا آهي؟ / ب /

3) لفظ 'قلم' جو وچون آواز ڇا آهي؟ / ل /

هن طريقي ۾ غور طلب اها آهي تہ استاد / استادياڻي هميشہ لفظ جي پهرين اکر جي آواز سان آواز جي سڃاڻپ جي شروعات ڪندو / ڪندي آهي ۽ مختلف لفظن جي پهرين اکرن جي آوازن جي مشق ڪرائيندو / ڪرائيندي آهي، جيستائين شروعاتي جماعتن جا شاگرد لفظن جي پهرين آواز ڳولهڻ ۾ ماهر نہ ٿا ٿين.

ان کان پوءِ لفظ جي آخري آواز جي سڃاڻپ ڪرائي ويندي آهي، ۽ سڀ کان آخر ۾ لفظ جي وچين آواز سان سڃاڻپ ڪرائي ويندي آهي.

لفظ جي وچين آواز لاءِ اهو لازمي آهي تہ اهو لفظ ٽن اکرن وارو هجي تہ جيئن عمر جي لحاظ سان ٻارن کي وچون آواز ڳولهڻ ۾ مشڪل نہ ٿئي.

صوتي عليحدگي واري طريقي ۾ تصويرن ۽ عام زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ شين، جنهن کي عام طور تي (Realia) بہ چيو ويندو آهي، جو استعمال فائيديمند ثابت ٿي سگهي ٿو.

2_ صوتي شناخت (Phoneme Identity)

هن طريقيڪار ۾ چونڊيل لفظن مان ڪو هڪ گڏيل / هڪجهڙو آواز ڳولهڻو هوندو آهي. مثال طور: خاني ۾ ڏنل لفظن ۾ ڪهڙو آواز هڪجهڙو آهي؟ ان آواز کي ڳولهيو.

↓

پ

پاڻي، چاپ، آلاپ، پڪار، چپر، گپ

_3 صوتي متبادل / متبادل آواز (Phoneme Substitution)

هن طريقيڪار جي تحت لفظ ۾ موجود آوازن مان ڪنهن هڪ چونڊيل آواز ڪي ڪنهن ٻئي آواز سان بدلبو آهي. مثال طور: لفظ "بان" جي پهرين آواز 'ب' ڪي 'پ' سان تبديل ڪرڻ = پان

ان حڪمت عملي سان شاگردن کي الڳ الڳ آوازن کي سڃاڻڻ ۾ پختگي ايندي آهي. هن طريقيڪار کي لفظ جي پهرين، وچين ۽ آخري آوازن لاءِ به ڪم آڻي سگهجي ٿو.

پهريون آواز:

/ ڪ / ڪوٽ / س / سوٽ

وچون آواز:

/ و / گول / و / پول

آخري آواز:

/ ٽ / پيٽ / ر / پير

_4 آوازن جي جوڙ توڙ (Oral Segmenting)

هن طريقيڪار تحت استاد / استادياڻي لفظ بيان ڪندو / ڪندي ۽ شاگرد لفظ ۾ موجود الڳ الڳ آوازن کي ڌار ڌار ٻڌائيندا.

مثال طور:

بال / ب / _ / ا / _ / ل /

چين / چ / _ / ي / _ / ن /

_5 صوتي ميلاپ (Oral blending)

هن طريقيڪار مطابق استاد / استادياڻي ڪنهن به لفظ جي آواز کي توڙي بيان ڪندو / ڪندي ۽ شاگرد انهن آوازن کي ملائي لفظ ٺاهيندا.

/ چ / _ / ا / _ / پ / چاپ

/ ب / _ / ٽ / _ / ڻ / بٽڻ

آواز ڪڍي ڇڏڻ (Sound Deletion)

هن طريقيڪار ۾ استاد / استادياڻي لفظ کي وڏي آواز ۾ پڙهندو / پڙهندي ۽ شاگرد ان کي ورجائيندا. ان کان پوءِ استاد / استادياڻي شاگردن کي لفظ جو پهريون آواز ڪڍي پڙهڻ لاءِ چوندو / چوندي.

	مثال طور: پهريون آواز: / ر / رتن تن وچون آواز: / آ / چال چل آخري آواز: / ب / بلب بل صلاحڪار ان ڳاله تي زور ڏيندو / ڏيندي تہ صوتي سڃاڻپ کي جيترو تفصيل سان پڙهايو ويندو، شاگرد اوترو ئي اڳئين ڪلاسن ۾ هر قسم جو مواد آسانيءَ سان پڙهي سگهندا. هاڻي هر گروپ کي واري واري سان گهرائي پيشڪش ڪرڻ لاءِ چيو ويندو. صلاحڪار هر گروپ جي همت افزائي ڪندو / ڪندي تہ هو سوال پڇن. پيشڪش ۾ جيڪڏنهن ڪو اهم نقطو رهجي ويندو تہ صلاحڪاران جي وضاحت ڪندو / ڪندي.	
50 منٽ	خلاصو: صلاحڪار ساٿين کي گروهن ۾ ورهائيندي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ ڪو هڪ سبق ڪٿي صوتي سڃاڻپ تي منصوبہ بندي ڪريو. ان کانپوءِ ان جي پيشڪش ڪرائي ويندي.	چارٽ ۽ مارڪر

صوتي ڄاڻ



صوتي ڄاڻ:

اسان پنهنجي ماحول ۾ مختلف قسم جا آواز ٻڌندا رهندا آهيون جنهن ۾ مختلف پکي، جانور، ڪيڙا ۽ ماڪوڙا ۽ ڪائنات ۾ موجود مختلف جسمن جا آواز شامل آهن. مثال طور: ڪڪر جي ڪڙڪاٽ ، طوفاني هوائن ۽ مشينن جا آواز وغيره

هي مختلف آواز اسان ڪيئن ٻڌندا آهيون؟

اهي آواز مختلف ذريعن کان سفر ڪندي اسان جي ڪنن تائين هوا جي ذريعي پهچندا آهن ۽ ڪن جي پڙدي سان ٽڪرائي اعصابي نظام ذريعي دماغ تائين پهچندا آهن. اسان جو دماغ آواز کي سمجهندو ((Decode آهي. اهڙيءَ طرح اسان ٻين جو پيغام ٻڌندا آهيون.

شروعاتي دور ۾ انسان آوازن کي ٻڌڻ کانپوءِ انهن آوازن کي ڳالهائڻ جي عضون ذريعي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پوءِ مختلف آوازن ذريعي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو هو. اهڙيءَ طرح مختلف ٻوليون

وجود ۾ آيون. انسان اهي آواز ٻن طريقن سان ادا ڪندو آهي. هڪ اهو آواز جيڪو نڙيءَ مان بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ڪڍندو آهي. ٻيو اهو آواز جيڪو ڳالهائڻ وارن عضون جي رڪاوٽ سان نڪرندو آهي.

لسانيات جي ماهرن انهن آوازن کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪ علت ٻيو صحيح. ٻولي جيئن ته ٻين تائين پيغام رَسائڻ جو نالو آهي. ان ڪري پنهنجا خيالات پهچائڻ لاءِ ٻولي جي ضرورت هوندي آهي. ماڻهو ان ضرورت کي محسوس ڪندي آوازن کي محفوظ ڪرڻ شروع ڪيو. پوءِ انسان پنهنجا خيال دور دراز علائقن تائين پهچائڻ لاءِ تحرير جي ضرورت محسوس ڪئي ته انهن آوازن کي علامتن جي ذريعي ظاهر ڪجي. اهڙيءَ طرح لکت جو نمونو ۽ ابجد جو تصور اُڀريو.

محترم استاد صاحبان صحيح ٻولي ۽ لکت جو نمونو ۽ ابجد سيکارڻ کان پهريون اهو ضروري آهي ته آوازن جي سڃاڻپ ڪرائي وڃي ڇو ته ٻار اسڪول اچڻ کان پهريون مختلف آوازن سان واقف ٿيندو آهي.

ٻار شين جي نالن سان ڪيئن واقف ٿيا؟

ٻار پنهنجي ارد گرد ماحول ۾ موجود شيون ڏسي ۽ پنهنجي گهر وارن جا آواز ٻڌي شين جي نالن سان واقف ٿيا.

استاد / استادياڻي آوازن جي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ ٻارن جي پهرين معلومات جي مدد وٺي ڪجه ڄاڻل سڃاڻل شين جون تصويرون ڏيکاري زباني سوال پڇندو / پڇندي ته هن شيءِ ۾ ڪهڙا آواز آهن.

مثال: ٽب جي تصوير ڏيکاري پڇو هي ڇا آهي؟	
جيڪڏنهن ٻار جواب نه ڏئي ته استاد / استادياڻي پاڻ ٻڌائي ته هي ٽب آهي. ٻڌايو ته ٽب ۾ ڪهڙا آواز آهن؟ / ٽ / ب / شاباس	

جيڪڏنهن اسان ٻنهي آوازن کي ملايون ته ڇا نڪندو؟

اچو ته هاڻي هڪ ٻي شيءِ جي آوازن کي سڃاڻون.

بدڪ جي تصوير ڏيکاري پڇو ته هي ڇا آهي؟

جيڪڏنهن ٻار جواب ڏئي ته چئو شاباس. جيڪڏنهن جواب نه ڏئي ته توهان ٻڌايو ته هيءَ بدڪ آهي. بدڪ ۾ ڪهڙا آواز آهن؟	
/ ب / / د / / ڪ / شاباس	

جيڪڏنهن ٻار نہ ٻڌائي سگهي تہ استاد / استادياڻي پاڻ ٻڌائي

/ ب / / د / / ڪ /

اچو تہ هاڻي هڪ ٻي شيءِ جي آواز تي غور ڪريون

قلم جي تصوير ڏيکاري

هي ڪهڙي شيءِ جي تصوير آهي؟

جيڪڏنهن ٻار جواب ڏئي تہ چئو شاباس. جيڪڏنهن جواب نہ ڏئي تہ توهان ٻڌايو تہ هي قلم آهي.

قلم ۾ ڪهڙو ڪهڙو آواز آهي؟

/ ق / / ل / / م / شاباس

جيڪڏنهن ٻار جواب نہ ڏئي تہ چئو

/ ق / / ل / / م /

جيڪڏنهن اسان تنهي آوازن کي ملايون تہ ڇا نڪندو؟ قلم

اچو تہ هاڻي ٻين شين ۾ موجود آواز جي مشق ڪريون



سبقي منصوبہ بندي 1 (Phonemic Awareness)

ڪلاس: ڪچو پهريون	مضمون: اردو: صوتي ڄاڻ	موضوع/ سبق: / د / جي آوز کي متعارف ڪرائڻ	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد	هن سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻار ان قابل ٿي ويندا تہ: 1) / د / جي آواز کي سڃاڻيندا 2) / د / جي آواز سان شروع ٿيندڙ مختلف تصويرن ۽ شين کي سڃاڻيندا 3) / د / جو آواز ادا ڪري سگهندا		
پڙهائڻ لاءِ مددگار شيون	هيءَ مشق تصويرن ۽ عام زندگي ۾ استعمال ٿيندڙ شين جي مدد سان ڪرائي وڃي. جائزو ونڊ لاءِ ورڪ شيٽ جو استعمال ڪيو وڃي.		
استاد/استادياڻي جو مضمون جي ڄاڻ تي عبور		استاد/استادياڻي جي ابجد جي آوازن متعلق ڄاڻ	
طريقيڪار (Procedure)			
وقت	سرگرميون		پڙهائڻ لاءِ مددگار شيون
5 منٽ	1_ استاد / استادياڻي ڪلاس ۾ موجود دروازي ڏانهن اشارو ڪندي پڇندو / پڇندي، هي ڇا آهي؟ جواب دروازو دروازي جو پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ جواب / د / 2_ ان کانپوءِ استاد / استادياڻي ٻہ کان چار پيرا / د / جي آواز کي ورجائيندو / ورجائيندي ۽ گڏو گڏ ٻارن کي ٻہ ورجائڻ لاءِ چوندو / چوندي. 3_ ان کانپوءِ استاد / استادياڻي شاگردن کي / د / سان شروع ٿيندڙ ٻين شين جهڙوڪ: دوا، دهل، درزي جون تصويرون ڏيکاري انهن جا نالا پڇندو / پڇندي ۽ پهرين آواز / د / جي سڃاڻپ ڪرائيندي پاڻ سان گڏ ورجائڻ لاءِ چوندو / چوندي ۽ ڪجه شاگردن کان الڳ ٻہ پڇندو / پڇندي 4_استاد / استادياڻي / د / جي آواز ۽ ٻين آوازن سان شروع ٿيندڙ شيون ڏيکاري شاگردن کي / د / جي آواز سان شروع ٿيندڙ شين جي سڃاڻپ ڪرائيندو / ڪرائيندي		

5 منٽ	_5 اهڙي طرح استاد / استادياڻي اهڙين شين جون تصويرون ڏيکاري انهن جا نالا پڇندو / پڇندي جنهن جي آخر ۾ / د / جو آواز اچي. اهڙي طرح آخري آواز / د / جي سڃاڻپ ڪرائيندو / ڪرائيندي ۽ پاڻ سان گڏ ورجائڻ لاءِ چوندو / چوندي. ڪجه ٻارن کان الڳ به پڇندو / پڇندي	
	جائزو: استاد / استادياڻي شاگردن کي هيٺ ڏنل ورڪ شيٽ ڏيندو / ڏيندي ۽ / د / سان شروع ٿيندڙ تصويرن ۾ رنگ ڀرڻ لاءِ چوندو / چوندي	

هيٺ ڏل هر خاني ۾ / د / سان شروع ٿيندڙ تصويرن ۾ رنگ ڀريو.















INK



سبقي منصوبہ بندي 2
(Phonemic Awareness)

ڪلاس: ڪچي	مضمون: اردو_صوتي ڄاڻ	موضوع / سبق: / ج / جي آواز جو تعارف	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻار ان قابل ٿي ويندا تہ: 1_ / ج / جو آواز سڃاڻي سگهندا 2_ / ج / جي آواز سان شروع ٿيندڙ تصويرن ۽ شين کي سڃاڻي سگهندا 3_ / ج / جي آواز کي ادا ڪري سگهندا		
پڙهائڻ لاءِ مددگار شيون	هيءَ مشق تصويرن ۽ عام زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ شين جي ذريعي ڪرائي ويندي جائزي لاءِ ورڪ شيٽ استعمال ڪئي ويندي		
استاد / استادياڻيءَ جو مضمون جي متن تي عبور		استاد / استادياڻي جو ابجد جي آوازن سان واقف هجڻ ضروري آهي	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
5 منٽ	1_ استاد / استادياڻي فليش ڪارڊ جي مدد سان / ج / جي آواز سان شروع ٿيندڙ تصويرون ڏيکاريندو / ڏيکاريندي ۽ انهن شين جا نالا پڇندو / پڇندي. مثال: جهاز جي تصوير ڏيکاري پڇندو / پڇندي، هي ڇا آهي؟ جواب: جهاز جهاز جو پهريون آواز ڇا آهي؟ جواب: / ج / 2_ استاد / استادياڻي ٻہ کان چار ڀيرا / ج / جي آواز کي ورجائيندو / ورجائيندي ۽ ٻاڻ سان گڏ ورجائڻ لاءِ چوندو / چوندي. 3_ استاد / استادياڻي شاگردن کي / ج / سان شروع ٿيندڙ ٻيون شيون مثال: جهنگ، جوتو، جاءِ نماز جون تصويرون ڏيکاري انهن جا نالا پڇندو / پڇندي ۽ پهرين آواز جي سڃاڻپ ڪرائيندي ٻاڻ سان گڏ ورجائڻ لاءِ چوندو / چوندي. . ڪجهہ شاگردن کان الڳ ٻہ پڇيو ويندو. 4_ استاد / استادياڻي / ج / جي آواز ۽ ٻين آوازن سان شروع ٿيندڙ شين جون تصويرون ڏيکاري شاگردن سان / ج / جي آواز سان شروع ٿيڻ وارين شين جي سڃاڻپ ڪرائيندو / ڪرائيندي.		

5 منٽ	_5 استاد / استادياڻي اهڙين شين جون تصويرون ڏيکاري انهن جا نالا پڇندو / پڇندي جن جي آخر ۾ / ج / جو آواز ايندو هجي. پوءِ آخري آواز / ج / جي سڃاڻپ ڪرائيندي پاڻ سان گڏ ورجائڻ لاءِ ٻه چوندو / چوندي. ڪجهه ٻارن کان انفرادي طور تي ٻه پڇيو ويندو.	
	جائزو: استاد / استادياڻي شاگردن کي هيٺ ڏنل ورڪ شيٽ ڏيندو / ڏيندي ۽ / ج / سان شروع ٿيندڙ تصويرن ۾ رنگ ڀرڻ لاءِ چوندو / چوندي. باقي تصويرن تي دائرو لڳائڻ لاءِ چوندو / چوندي.	

هيٺ ڏنل هر خاني ۾/ج/ سان شروع ٿيندڙ تصويرن ۾ رنگ ڀريو. باقي تصويرن تي دائرو لڳايو














Aa Bb Cc Dd Ee Ff Gg Hh I
2+2 4
4 4 8





يونٽ نمبر 3
آواز جي علم جو تعارف Phonics
سيشن 1

مهارتون:

1_ اکر جي شناخت

2_ اکر جي آواز جو علم

مقصد:

هن سيشن کانپوءِ استاد ان قابل ٿي ويندا تہ:

اکر جي آواز کي پڙهائڻ جي موجود طريقن جو جائزو وٺندا.

اکرن جي آوازن کي پڙهائڻ جي موثر طريقن کي پنهنجي ڪلاس ۾ استعمال ڪندا / ڪنديون.

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
30 منٽ	تعارف: صلاحڪار استاد هيٺ ڏنل سوالن سان پنهنجي بحث جي شروعات ڪندو / ڪندي. 1_ اکر ۽ ان جي آواز مان توهان جي ڇا مراد آهي؟ 2_ توهان اکرن جا آواز ڪهڙي طريقي سان پڙهائيندا آهيو؟ 3_ اکرن جا آواز پڙهائڻ جي دوران توهانکي ڪهڙيون مشڪلاتون پيش ايونديون آهن؟ صلاحڪار استاد بحث دوران ساٿين جا اهم نقطا بورڊ يا چارٽ تي لکندو / لکندي. بحث دوران ساٿين جي غلط تصورن جي نشاندهي ڪئي ويندي ۽ 'علم آواز' جو تعارف ابجد جي اصول جي ڏاڪڻ ناهي پيش ڪيو ويندو.	هينڊ آئوٽ ' آواز جو علم' ۽ ابجد جا اصول
20 منٽ	اڳتي وڌڻ: سرگرمي نمبر 1 : تصويرن جي مدد سان اکرن جي سڃاڻپ 1_ صلاحڪار پهريون کان چونڊيل ۽ ترتيب ڏنل تصويرون جنهن جي لفظن جو پهريون آواز(هڪ خاص اکر سان) هجي ان کي ظاهر ڪندو / ڪندي.	

20 منٽ	مثال: اکر (ب) _2 بدڪ ، بيٽ ، بانسري جون تصويرون ڏيکاري انهن جو پهريون آواز پڇا ڪندو / ڪندي. _3 جڏهن ساٿي (ب) جي آواز جي نشاندهي ڪندا / ڪنديون تہ صلاحڪار اکر (ب) کي بورڊ تي ناهيندو ۽ ان جي وضاحت ڪندو / ڪندي تہ هي هن اکر جو آواز آهي. نوٽ:صلاحڪار هن طريقي کي استعمال ڪندي ڪجه اکرن جون تصويرون ڏيکاري انهن اکرن جي سڃاڻپ ڪرائيندو / ڪرائيندي. هن طريقي سان لاڳو هيندڙ آئوٽ تي اکر (الف) لاءِ بہ واضح ڪيو ويو آهي. سرگرمي نمبر 2 : روزمره جي شين جي مدد سان اکرن جي سڃاڻپ صلاحڪار روزمره جون شيون استعمال ڪري ڪجه اکرن جي سڃاڻپ _1 پهرين آواز سان _2 آخري آواز سان ۽ _3 وچين آواز سان ڪرائيندو / ڪرائيندي. _1 مددگار استاد اکر (د) جي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ هڪ ڊبو استعمال ڪندو / ڪندي. _2 مددگار استاد شاگردن کي ڊبو ڏيکاري ان جو پهريون آواز پڇا ڪندو / ڪندي. _3 آواز جي نشاندهيءَ کانپوءِ مددگار استاد ٻڌائيندو/ ٻڌائيندي تہ هي اکر (د) آهي. نوٽ: پهرين، آخري ۽ وچين آواز جي مشق لاءِ ڌار ڌار سرگرمي هجي. سرگرمي نمبر 3: اکر ، آواز ۽ تصويرون _1 صلاحڪار ساٿين کي پنجن گروپن ۾ ورهائيندو / ورهائيندي _2 صلاحڪار هر گروهہ کي 6 کان 8 اکر ڏئي هدايت ڪندو / ڪندي تہ هو انهن اکرن لاءِ انهن شين يا تصويرن جو انتخاب ڪن جيڪي ڪلاس ۾ آسانيءَ سان ڪٽي اچي سگهجن تہ جيئن شاگردن کي ڏيکاري اکرن جي سڃاڻپ انهن جي آوازن سان گڏ (پهريون ، آخري ۽ وچون آواز) ڪرائي وڃي. صلاحڪار سرگرميءَ جي دوران ساٿين جي حوصلہ افزائي ڪندو / ڪندي تہ هو شين ۽ تصويرن تي بحث مباحثو ڪن. _3 صلاحڪارگروپن کي پيشڪش ڏيڻ لاءِ گهرائيندو / گهرائيندي ۽ باقي ساٿين کي سوالن ڪرڻ لاءِ چوندو / چوندي.	آوازن جو علامتون سيڪارڻ جو هينڊ آئوٽ اخبارن ۽ رسالن ۾ ورتل تصويرون جو سيٽ جيڪو ڪنهن خاص اکر سان شروع ٿيندو هجي

15 منٽ	خلاصو: اجلاس دوران سکيل تصورن ۽ سرگرمين تي عمل صلاحڪار اجلاس دوران سکيل تصورات ۽ سرگرمين تي عمل ۽ جائزي لاءِ ڏنل سوالن جي مدد سان رهنمائي ڪندو / ڪندي ته 1_ اجلاس دوران اسان اکرن جي آوازن سيکارڻ جا ڪهڙا طريقا سکيا؟ 2_ هي طريقو ڪيتري حد تائين شاگردن لاءِ فائديمند ٿيندو؟ 3_ توهان هن طريقي ۾ ڪهڙيون تبديليون ڪري پنهنجي ڪلاس ۾ استعمال ڪري سگهو ٿا؟ نوٽ: هن ڳاله جي وضاحت جي ضرورت آهي ته ٻارن لاءِ لفظن جو پهريون ۽ آخري آواز سڃاڻڻ آسان هوندو آهي. جڏهن ته تحقيق مان خبر پوي ٿي ته وچون آواز سڃاڻڻ ڏکيو هوندو آهي. ان ڪري استادن لاءِ اهو لازمي آهي ته لفظن جي پهرين ۽ آخري آواز جي مشق ڪرائڻ گهرجي. جڏهن ٻار پهريون ۽ آخري آواز سڃاڻڻ ۾ ماهر ٿي وڃن ته پوءِ وچين آواز جي سڃاڻپ جون مشقون ڪرايون وڃن.	

علم صوت
(ابجد جا اصول)



آواز جو علم

آواز جي علم مان مراد ٻُڌڻ، فرق ڪرڻ ، نشاندهي ڪرڻ ۽ اکرن جي آوازن کي استعمال ڪرڻ جي صلاحيت آهي. آواز جو علم اهو علم آهي جيڪو آوازن ۽ اکرن ۾ تعلق پيدا ڪندو آهي. ٻارن کي اکرن جي علامتن جي سڃاڻپ ڪرائيندو آهي. آوازن کي اکرن ۽ اکر جي مختلف شڪلين سان ملائيندو آهي. ان سان پڙهڻ ۽ لکڻ جو عمل آسان ٿي ويندو آهي. هر لفظ جي شناخت چند علامتن سان ٿيندي آهي. آواز جي علم کي اسان ٻولي سکڻ جو بنيادي اصول به چوندا آهيون. هن علم ذريعي ٻار اهو سکندا آهن ته ابجد، زيرون ۽ زبرون ڪيئن نوان لفظ ۽ جملا ناهڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

آواز جي علم ذريعي ٻار اهو سمجهي ويندا آهن ته اکر (ن) جو آواز / ن / نڪرندو آهي. آواز جي علم ۾ به حصا نهايت اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. يعني الڳ ڪرڻ ۽ ملائڻ . اڄڪلهه پهرين، ٻئي ۽ ٽئين ڪلاس ۾ گڏيل نصاب استعمال ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ دينيات، سماجي اڀياس ۽ سائنس جا موضوع پڙهايا ويندا آهن. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته ڪچي ڪلاسن ۾ ابجد جي آوازن سان ٻارن کي روشناس ڪرايو وڃي. پهرين درجي ۾ اعرابون،

اکرن جا اُچار ۽ نڪ مان نڪرندڙ آواز سيکاريا وڃن ۽ انهن جي مدد سان لفظ سيکاريا وڃن. شروعاتي درجن ۾ ٻارن کي اکرن جي شروعاتي، وچين ۽ آخري شڪلن جي بہ سڃاڻپ ڪرائي وڃي. ٻئين کان پنجين درجن جا شاگرد ان وقت وڌيڪ سکندا آهن جڏهن هو لفظن جي اکرن کي ملائي لفظ ناهيندا آهن. اکرن جي مدد سان ٻار معنيٰ جي بغير لفظ بہ آسانيءَ سان پڙهڻ جي قابل ٿي ويندا آهن.

آوازن سان علامتون سيکارڻ

استاد / استادياڻي بورڊ تي ڏاڙهونءَ جي تصوير ناهيندو / ناهيندي.	
استاد / استادياڻي ٻارن کي مخاطب ڪندي هي ڪهڙو ميوو آهي؟ (ڏاڙهون). ڏاڙهون ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ (/ ڏ /)	

استاد / استادياڻي اکر جي علامت تصوير جي سامهون لکي ٻڌائيندو / ٻڌائيندي ڏاڙهون / ڏ / هن مشق کي بار بار ڪرائي چوندو / چوندي تہ هن شڪل / علامت جو نالو (ڏ) آهي.
۽ هن جو آواز / ڏ / آهي. اهڙي طرح سڀني اکرن جا آواز تصويرن جي مدد سان سيکاريا ويندا.

اکرن جون صورتون

سنڌي رسم الخط ۾ ڪنهن بہ اکر جون چار صورتون ٿيندڙيون آهن، ليڪن ڪي منفصل اکر اهڙا بہ آهن جن جون صرف بہ يا ٽي صورتون ٿين ٿيون؛ جيئن: ا، د، ڏ، ر، ڙ ۽ ء وغيره.

اکر	شروعاتي صورت	وچين صورت	آخري صورت
ا			ـا
ب	بـ	ـبـ	ـب
ٻ	ٻـ	ـٻـ	ـٻ
پ	پـ	ـپـ	ـپ
ت	تـ	ـتـ	ـت
ٽ	ٽـ	ـٽـ	ـٽ
ٿ	ٿـ	ـٿـ	ـٿ

ٽ	ٽ	ٽ	ٽ
ٿ	ٿ	ٿ	ٿ
پ	پ	پ	پ
ج	ج	ج	ج
ڄ	ڄ	ڄ	ڄ
ڃ	ڃ	ڃ	ڃ
چ	چ	چ	چ
ڇ	ڇ	ڇ	ڇ
ح	ح	ح	ح
خ	خ	خ	خ
د	...	...	ڊ
ڏ	...	...	ڏ
ڏ	...	...	ڏ
ڊ	...	...	ڊ
ڊ	...	...	ڊ
ذ	...	...	ذ
ر	...	...	ر
ڑ	...	...	ڑ
ز	...	...	ز
س	س	س	س
ش	ش	ش	ش
ص	ص	ص	ص

ض	ضـ	ـضـ	ـض
ط	طـ	ـطـ	ـط
ظ	ظـ	ـظـ	ـظ
ع	عـ	ـعـ	ـع
غ	غـ	ـغـ	ـغ
ف	فـ	ـفـ	ـف
ق	قـ	ـقـ	ـق
ق	قـ	ـقـ	ـق
ک	کـ	ـکـ	ـک
ک	کـ	ـکـ	ـک
گ	گـ	ـگـ	ـگ
گ	گـ	ـگـ	ـگ
گھ	گھـ	ـگھـ	ـگھ
گ	گـ	ـگـ	ـگ
ل	لـ	ـلـ	ـل
م	مـ	ـمـ	ـم
ن	نـ	ـنـ	ـن
ٹ	ٹـ	ـٹـ	ـٹ
و	...	...	ـو
ھ	ھـ	ـھـ	ـھ
ء	ئـ	ـئـ	...
ي	يـ	ـيـ	ـي

يونٽ نمبر 3
آواز جو علم: علامتون سمجهڻ Phonics, Decoding
سيشن 2

مهارتون:

1. لفظن جون علامتون سمجهڻ

مقاصد:

هن اجلاس کانپوءِ استاد ان قابل ٿي ويندا / ويندیون تہ:

علامتن کي بيان ڪري سگهندا / سگهنديون.

علامتن کي سمجهڻ جي اهميت ۽ انهن جي بنيادي اصولن کي واضح ڪري سگهندا/ سگهنديون.

علامتن کي تدريسي ذريعي طور پنهنجي سبق ۾ استعمال ڪري سگهندا/ سگهنديون.

پارن جي قابليت کي سامهون رکي علامتن تي مواد لکي سگهندا/ سگهنديون.

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
30 منٽ	تعارف: صلاحڪار اجلاس ۾ شريڪ ساٿين جو توجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ٻولين مان ورتل لفظ بورڊ تي لکندو / لکندي ۽ ساٿين کي وڏي آواز ۾ پڙهڻ لاءِ چوندو / چوندي. 教學 শিক্ষাपठन مددگار استاد لاءِ توجهہ: علامتون: 教學 / শিক্ষা / पठन تلفظ: زيناگي / سِڪسہ / پڙهڻ ٻولي: چائنيز / بنگالي / هندي سنڌي معني: تدريس / تعليم / پڙهڻ صلاحڪار ساٿين جي نہ پڙهي سگهڻ تي لکيل سوالن جي مدد سان علامتن جي سمجهڻ تي تنقيدي بحث جي شروعات ڪرائيندو / ڪرائيندي.	هينڊ آئوٽ ’آواز جو علم‘ ۽ ابجد جا اصول

	1_ توهان هنن لفظن کي ڇو نہ سمجهي سگهيا آهيو؟ صلاحڪار ساٿين جي وضاحت کي بورڊ تي لکندي، لکيل نقطن جي مدد سان 'علامتن کي سمجهڻ' تي بحث جو اختتام ڪندو / ڪندي. دنيا جون تمام ٻوليون علامتن جي شڪل ۾ لکيون ويندیون آهن جنهن ۾ مخصوص آواز لاءِ علامتن يا تصويرن جو سهارو ورتو ويندو آهي. جيئن اردو، سنڌي ۽هندي ۾ علامتون ۽ چيني ۽ قديم مصري ٻوليءَ ۾ شڪليون استعمال ڪيون ويندیون آهن. ساڳي انهن لفظن کي نہ پڙهي سگهيا ڇو تہ لفظن ۽ انهن ۾ موجود اکرن کان هو نا واقف هئا. جيڪڏنهن انهن کي اکرن ۽ انهن سان لاڳاپيل آوازن جي خبر هجي ها تہ انهن اکرن کي ملائي انهن جون علامتون سمجهي وڃن ها. ڪلاس ۾ موجود ٻار نصابي ڪتابن ۾ ڏنل لفظ ان ڪري پڙهي نہ سگهندا آهن ڇو تہ هو انهن اکرن ۽ انهن جي آوازن کان نا واقف هوندا آهن ۽ هو اکرن کي ملائڻ ۽ الڳ ڪرڻ نہ ڄاڻيندا آهن.	
20 منٽ گروپ ۾ ڪم ڪرڻ 20 منٽ پريزنٽيشن ۽ سوال جا جواب	اڳتي وڌڻ: سرگرمي نمبر1 : علامتن کي سمجهڻ جو مواد (Decodable Text) 1_ صلاحڪار استاد علامتن کي سمجهڻ لاءِ هيندڙ آئوٽ جو نمونو ورهائيندي پڙهڻ لاءِ چوندو / چوندي. 2_ صلاحڪار Think _ Pair _ Share جي طريقي کي استعمال ڪندي ساٿين کان سوال پڇندو/ پڇندي. 1_ هن مواد کي پڙهندي توهان ڪهڙو مشاهدو ڪيو؟ 2_ هن مواد ۾ ڪهڙيون ڇٽيون خصوصيتون آهن؟ 3_ توهان جي خيال مطابق هي مواد ٻارن ۾ ڪهڙي خوبيءَ کي ظاهر ڪندو؟ 3_ صلاحڪار پڇيل سوالن جي جوابن مان اندازو لڳائي سگهندو / سگهندي تہ ساٿين 'علامتن کي سمجهڻ' جي مواد جي خاصيتن کي ڪيتري قدر پروڙيو آهي. صلاحڪار ساٿين ۾ علامتن کي سمجهڻ جو هيندڙ آئوٽ ڏيندو / ڏيندي تہ جيئن هو ان باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪن. صلاحڪار ساٿين کي مواد گروهہ ۾ پڙهڻ لاءِ چوندو. سرگرمي نمبر 2:علامتن کي سمجهڻ جي مواد جي تياري لاءِ صلاحڪار ساٿين کي گروپن ۾ ورهائيندو / ورهائيندي. ساٿين کي هيٺ لکيل لفظن جي مدد سان علامتن کي سمجهڻ لاءِ مواد لکڻ لاءِ چيو ويندو.	علامتن کي سمجهڻ جو مواد چارٽ ۽ مارڪر

اي	مو	با	چا
بهو	ئي	تا	جو

نوٽ: ساڳي اجلاس جي پهرين حصي ۾ 'علامتن کي سمجهڻ' جي نموني تي بحث ڪري چڪا آهن. اهي هاڻي آسانيءَ سان هن موضوع تي مواد تيار ڪري سگهن ٿا. هر گروهه کي لکيل وڏن لفظن مان هڪ يا ٻه ڏنا ويندا. صلاحڪار گروهي ڪم دوران ساٿين جي رهنمائي ڪندو / ڪندي.

_2ساڳي ڪلاس ۾ پنهنجي ڪم جي پيشڪش لاءِ لکيل 'علامتن کي سمجهڻ' جو مواد چارٽ تي لکندا.

_3 صلاحڪار ساٿين کي پيشڪش ڪرڻ جي دعوت ڏيندو / ڏيندي.

سرگرمي نمبر 4: اعرابن جو استعمال (Use Of Diacritical Marks)

صلاحڪار اعرابن جو تعارف ڪرائيندي ان سان لاڳاپيل آوازن جي سچاڻپ ڏنل چارٽ جي مدد سان ڪرائيندو / ڪرائيندي.

زير	زبر	پيش
آواز: /اي/	آواز: /ا/	آواز: /اوو/

مد: هي اکر (الف) تي لڳائي ويندي آهي ۽ ان جي لڳائڻ سان الف جي آواز کي ڇڪي پڙهبو آهي. ياد رهي ته مدّ هميشه لفظ جي شروع ۾ اچڻ واري الف تي لڳائي ويندي آهي.	
شدّ: هي جنهن به اکر تي لڳائي وڃي ان اکر تي زور لڳائي پڙهيو ويندو آهي يا ان اکر کي گڏ ملائي ٻه دفعا پڙهيو ويندو.	

	جزم: جنهن اکر تي لڳائي وڃي اهو اکر لفظ ۾ صرف پنهنجي اصل آواز جي حد تائين استعمال ٿيندو آهي. ان اکر ۾ ڪو ٻيو آواز (اعراب يا اکر) شامل نہ ٿيندو.
	نون غُنو: هي اکر (نون) هميشہ لفظ جي آخر ۾ ايندو آهي ۽ ان جو آواز نڪ مان نڪرندو آهي.

نوٽ: صلاحڪار هن موقعي تي اعرابن تي تفصيل سان نهيل چارٽ ساٿين کي ڏيکاري سگهي ٿو / ٿي جنهن تي سيني اکرن تي اعرابون لڳل هجن. چارٽ تي ساٿين سان خيالن جي مٿا سٿا ڪانپوءِ صلاحڪار هيٺ ڏنل مثالن جي مدد سان اعرابن جي هر ممڪن استعمال جي وضاحت ڪندو / ڪندي.

_1 حرف علت جي ساده آوازن/ سُرن جي مدد سان لفظ ناهڻ _ مثال:

اَ	اَب _ اَن _ اَڙ _ اَٺ _ گهر _ گَپ _ سَٽ _ سَگهه _ سَر _ دَر _ بَٽڻ _ مَٽر _ ڪَٽ _ ڪَل
آ	آس _ آل _ آهه _ آنا _ آپا _ آغا _ آلا _ پاڇا _ پاوا _ پاسا _ باجا _ بابا _ بال _ بابر _ آرام _ آسان _بادام _ بازار _ آثار _ جاپان _ چالان _ نانا _ تارا _ ڇالا _ راند
اِ	اِن _ جِن _ ڪِن _ دِل _ هِل _ بِن _ اِت _ هِت _ تِير
اِي	جِي _ پِي _ نِي _ هِي _ مِني _ ڏِني _ سِيتي _ سِڏي _ مِتي _ نِيري _ پِيلي _
اُ	اُن _ هُن _ هُٽ _ سُٽ _ سُک _ بُلبل _ بُهه _ بُٽ _ سُنبل
اُو	جُون _ جُوئر _ جُوتي _ نُور _ پُوت _ لُوڻ _ ڏُوڙ _ بُوٽ _ پُورو _ چُورو
او	جو _ ٿو _ ڪو _ پو _ سو _ ڪوٽ _ ووٽ _ نوٽ _ گول _ پول _ ڏول _ تور _ هوريان _ گوري

آو	موت ـ فوج ـ غور ـ حوض ـ طور ـ اوج ـ دوڙ ـ سو
اَي	ڏي ـ هي ـ تي ـ ٻير ـ پير ـ دير ـ سير ـ ڪير ـ تيل
اَئي	چئي ـ غيب ـ عيب ـ چيڪ ـ غير ـ عيش

نڪ مان نڪرڻ وارن علت جي اکرن جي آواز ۾ آوازون ۽ لفظ

اَن	رنگ ـ ڏنگ ـ بنگلو ـ لنگڙو ـ اندر ـ انگور ـ انب ـ انڌيرو
آن	شان ـ جان ـ مان ـ آن ـ پان ـ خان ـ خانداني ـ ڳاني ـ ماني ـ انساني
اِن	اِنگلش ـ اِنساني ـ اِنتقامي
اِين	اِيندو ـ وِيندو ـ نِيرو ـ ڪيرو ـ پِيلو
اُن	بُنڊ ـ هُن ـ ڪُن ـ ڪُنڊو
اُون	نُون ـ مُون ـ هوندو ـ اُونڌو ـ سُونڊ

گهُٽن / نڪوان سُرن (Nasalized Vowels) جي مدد سان لفظ ناهڻ:

اَن	انبُ ـ اَنگ ـ سَنگ ـ ڏَنڊ ـ ڪَنڊ
آن	ڏانڊ سانگ نانگ ڪانگ ـ ٻانگ
اِن	گهِنڊ ـ سِنڌُ
اِين	شِينهُن ـ ڏِينهُن ـ مِينهُن
اُن	ڪُنڊِر ـ چُهِنب ـ مُنهِنجو
اُون	سُونڊِ ـ سُونهَن ـ مُون ـ تُون
اين	مينهِن

	او + او گولو ـ چولو ـ لولو پولو اهڙي طرح حرف علت جي ٻين آوازن کي ملائي لفظ ٺهرائجن 1. ..... ا ل 2. ..... و ر 3. ..... هه ن وچون آواز يا اکر ملائي لفظ ٺاهڻ 1. ب..... ڪ 2. ڪ..... و 3. ب..... ل آخري اکر يا آواز ملائي لفظ ٺاهڻ 1. ت ا..... 2. گ و..... 3. ل و.....	
15 منٽ	خلاصو: اجلاس دوران سکيل تصورن ۽ سرگرمين تي عملدر آمد صلاحڪار اجلاس جي خاتمي کانپوءِ ساٿين کان هيٺ ڏنل سوال پڇندو / پڇندي. 1. توهان علامتن کي سمجهڻ جو مواد پنهنجي ڪلاس جي ٻارن سان ڪڏهن، ڇو ۽ ڪيئن استعمال ڪندا ؟ صلاحڪار ساٿين جي ڏنل جوابن جي مدد سان آواز جي علم جي بحث کي ختم ڪندو / ڪندي.	

علامتن کي سمجهڻ (رمزڪشائي) جو نمونو (Sample Decodable Text)

مواد 1:

باز _ شهباز _ سهڻو باز _ شهباز جو باز _ شهباز جو سهڻو باز _ امتياز ۽ سرفراز ٿيا هم آواز ته شهباز جو سهڻو باز _ سڀني دوستن کي ٿيو ناز ته شهباز جو سهڻو باز

مواد 2:

ٻارُ _ ننڍڙو ٻارُ _ پيارونندڙو ٻارُ _ ايندو آهي اُن تي پيارُ _ پيارونندڙو ٻار اسڪول وڃڻ لاءِ تيار _ آهي اُن جو انتظار _ پيارو ننڍڙو ٻار وينو آهي گهر ۾ بيڪار پر آهي اسڪول وڃڻ لاءِ تيار

مواد:

سلمان _ آهي مهربان _ ۽ قدردان _ سلمان آهي مهربان ۽ قدردان _ سلمان ڏسندو آهي ميرا سلطان _ سلمان جو گل آهي نشان _ سلمان آهي بهترين انسان

علامتن کي سمجهڻ جو مواد (Decodable Text)

علامتن کي سمجهڻ (رمز ڪشائي) جو مواد ڇا ٿيندو آهي؟

علامتن کي سمجهڻ جو مواد اهڙن اکرن ۽ آوازن تي مشتمل هوندو آهي، جن جي ٻارن کي پهريون کان ڄاڻ هوندي آهي.

اهڙو مواد جنهن ۾ گهٽي قدر لفظن کي هڪجهڙن آوازن جي مدد سان سڃاڻي سگهجي ٿو.

هي اڪثر ڪي_ جي ۽ پهرين درجي ۾ پڙهڻ جي مهارت جي سکيا جي شروعات ۾ واضح طور تي مددگار ٿي سگهن ٿا. تدريس جو هي طريقو ٻارن کي منظم انداز ۾ اکر ۽ آواز سيکاريندو آهي.

رمز ڪشائي مواد جي خصوصيتون:

_1 اهڙا آواز جيڪي ٻار سکي چڪا هجن

هي اهڙا آواز آهن جيڪي ٻار پهريون ئي سکي چڪا هوندا آهن. شروع ۾ آوازن جي متعلق ٻارن جي معلومات محدود هوندي آهي. پر جيئن جيئن هو صوتي ڪوڊ سکندا ويندا آهن، رمزڪشائي مواد جي ڊيگهه به وڌندي ويندي آهي.

_2 لفظن جي ترڪيب

رمز ڪشائي لفظ اهڙن آوازن تي مشتمل هوندا آهن جن جي ٻارن کي ڄاڻ هوندي آهي. ياد رکو ته رمزڪشائي

لفظن جو انتخاب ابجد (اکرن) جي بدران آوازن جي بنياد تي هوندو آهي. مثال: با، تا، لا، کا، ها وغيره .

_3 لفظ جي ڊيگهه

ننڍڙن ٻارن کي هڪ اکري لفظ سان شروع ڪرايو وڃي. مثال طور: جا، ها، پا، جو، هو، پو، جي، هي، پي. جيئن ئي ٻار هڪ اکري لفظن تي مهارت حاصل ڪن تہ پوءِ ٻہ اکري لفظ جي طرف وڃي وڃجي. مثال طور: بابا، چاچا، ڪائڻ، سمهڻ، ويهڻ، روئڻ، ڏاڏا، راجا، راڻا وغيره. ياد رکو تہ هتي لفظن جو ٻہ يا ٽي اکري هجڻ ضروري ناهي پر ننڍن ننڍن لفظن جا آواز ۽ شڪلين جي ڄاڻ ۽ سمجهہ ضروري آهي.

اعرابون (زيرون ، زبرون ، پيشُ)

استاد / استادياڻي ٻارن سان مخاطب تي ٻڌائيندو / ٻڌائيندي تہ اسان لفظ ناهڻ لاءِ مختلف اعرابون استعمال ڪندا آهيون. ان ۾ اعرابون اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن.

زبر زير پيشُ

اکر _ ا و ي لفظ ناهڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

اچو تہ ڏسون اعرابن جي مدد سان لفظن ۾ ڪيئن تبديلي ايندي آهي.

اَن اِن اُن بَن بِن بُن

مٿي ڏنل اعرابن کان علاوه هي علامتون بہ لفظ ناهڻ ۽ انهن کي پڙهڻ ۾ مدد ڏيندڙ آهن.

				و	ن
شد	جزم	تنوين	مد		نون

اچو تہ هاڻي اعرابن جي مدد سان لفظ ناهيون.

مدّ	جنهن اکر تي مد لڳل هجي انکي ڇڪي پڙهيو ويندو آهي. آ
شد	جنهن اکر تي شد لڳل هجي ان کي ٻہ دفعا پڙهبو آهي. مثال : چڪر _ رسي _ سکر
جزم	جنهن اکر تي جزم لڳل هجي اهو خاموش ڇوڙائيندو آهي. مثال: بس _ جن
واو	اهو واو جيڪو لکجي تہ سهي پر پڙهجي نہ مثال: خواب، خواهش
نون غنّہ	جڏهن نون غنّہ وچ ۾ ايندو آهي تہ لکي ان تي نون غنّہ جي علامت يعني اُلٽي جزم لڳائي ويندي آهي.
تنوين	جڏهن عربي لفظ جي آخري لفظ جي حرڪت کانپوءِ ن غير حرڪت لڳايو ويندو آهي تہ ان کي تنوين چئبو آهي. هي ن تحرير ۾ نہ پر تلفظ ۾ ايندو آهي.

سُر آواز/ ڪڪ پٽي (Vowels)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏهه صاف سُر (Vowels) ۽ ڏهه نڪوان/ گهُٽا سُر (Nasalized Vowels) ڪم آندا ويندا آهن جيڪي ٻوليءَ ۾ ڪرنگهي واري حيثيت رکن ٿا:

صاف سر	اَ	آ	اِ	اِي	اُ	اُو	اي	اَي	او	اَو
نڪوان سر	اَن	آن	اِن	اِين	اُن	اُون	اين	اَين	اون	اَون

سبقي منصوبہ بندي Phonics 1

ڪلاس: ڪچي	مضمون: سنڌي : علم صوت	موضوع: 'ب' جي سڃاڻپ ۽ آواز	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻار ان قابل ٿي ويندا تہ: 1_ ٻار (ب) کي سڃاڻي سگهندا. 2_ (ب) جي آواز سان شروع ٿيندڙ شيون / تصويرون سڃاڻي سگهندا. 3_ (ب) جي آواز کي ادا ڪري سگهندا.		
پڙهائڻ لاءِ مددگار شيون	'ب' جا فليش ڪارڊ، 'ب' سان شروع ٿيندر شيون / تصويرون، اهڙيون شيون يا تصويرون جيڪي ٻين اکرن سان شروع ٿيندا هجن.		
استاد / استادياڻي جو موضوع تي عبور		استاد / استادياڻي اکرن ۽ آوازن کان باخبر هجي	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
5 منٽ 10 منٽ 10 منٽ	1_ استاد / استادياڻي ٻارن کي بدڪ جي تصوير ڏيکاري ان جو نالو پڇندو / پڇندي. هي ڪنهن جي تصوير آهي؟ 2_ هن (بدڪ) ۾ پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ 3_ استاد / استادياڻي ٻارن جي سامهون 'ب' جو آواز ٻہ يا ٽي ڀيرا چئي ٻڌائيندو / ٻڌائيندي. گڏوگڏ ٻارن کي ٻہ ورجائڻ لاءِ چوندو / چوندي. ٻارن کي جوڙن ۾ وڌيڪ مشق ڪرائي وڃي. 4_ استاد / استادياڻي 'ب' سان شروع ٿيندڙ شيون / تصويرون ڏيکاري انهن جا نالا پڇندي پهرين آواز سان سڃاڻپ ڪرائيندو / ڪرائيندي. استاد / استادياڻي ٻارن کي پاڻ سان گڏ ورجائڻ لاءِ ٻہ چوندو / چوندي. ڪجهہ ٻارن کان الڳ ٻہ پڇا ڪيو ويندو. 5_ استاد / استادياڻي ('ب' ۽ ٻين اکرن سان شروع ٿيندڙ لفظن جون شيون) تصويرون ڏيکاري ٻارن کان 'ب' جي آواز سان شروع ٿيندڙ شين جي سڃاڻپ ڪرائيندو / ڪرائيندي. 6_ اهڙي طرح استاد / استادياڻي اهڙيون شيون / تصويرون ڏيکاري انهن جا نالا پڇندو / پڇندي جن جي آخر ۾ 'ب' هجي. پاڻ سان گڏ ورجائڻ لاءِ ٻہ چوندو /چوندي ۽ ڪجهہ ٻارن کان انفرادي طور تي پڇا ڪندو / ڪندي.		'ب' جا فليش ڪارڊ (استاد هڪ پراڻو گتو ڪٽي ان تي لکي ٻہ سگهي ٿو / ٿي 'ب' جي آواز سان شروع ٿيندڙ شيون يا تصوير پيون شيون جنهن ۾ 'ب' جو آواز نہ ايندو هجي 'ب' جي آواز تي ختم ٿيندڙ شيون يا ان جون تصويرون

10 منٽ	جائزو: استاد / استادياڻي ٻارن کي گروپن ۾ ورهائي اهڙين شين جون تصويرون جنهن جي شروع يا آخر ۾ 'ب' نہ ايندي هجي ٻارن کي ڏيندو / ڏيندي. انهن کي ٽي ڏيرا، 'ب' جي آواز سان شروع ٿيندڙ شيون ، 'ب' جي آواز تي ختم ٿيندڙ شيون ۽ اهي شيون جن ۾ 'ب' جو آواز نہ ايندو هجي ناهڻ لاءِ چوندو / چوندي. استاد / استادياڻي ٻارن جي ڪم جو جائزو سموري ڪلاس ۾ بحث ذريعي وٺندو / وٺندي.	

ب

ب ـب ـب

ب سان شروع ٹیندڑ شیون / تصویرون







”ب“ جي آواز تي ختم ٿيڻ واريون شيون.





ٻين آوازن سان شروع ٿيندڙ شيون / جانور





سبقي منصوبہ بندي Phonics 2

ڪلاس: ڪچي	مضمون: سنڌي _ علم صوت	موضوع: اکرن ۽ آوازن جي سڃاڻپ	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻار ان قابل ٿي ويندا تہ: 1_ لفظ ٻڌي ان جو پهريون آواز سڃاڻي سگهندا 2_ لفظ ٻڌي ان جو پهريون اکر ٻڌائي سگهندا		
پڙهائڻ لاءِ مددگار شيون	ٿيلهي ۾ ننڍا فليش ڪارڊ جن تي چونڊيل ڪهاڻي جا لفظ لکيل هجن، بِنگو (Bingo) بورڊ جنهن تي ابجد هجي، پٿريون /ننڍڙا پِٿر.		
استاد / استادياڻي جو موضوع تي عبور		استاد / استادياڻي کي اکرن ۽ آوازن جي ڄاڻ هجي	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
5 منٽ 10 منٽ 10 منٽ	1_ استاد / استادياڻي ٻارَن جي هَر جوڙي کي بنگو بورڊ ۽ هٿ ۾ پريل پٿريون ڏيندو / ڏيندي. 2_ جيتوڻيڪ هر جوڙي جو بنگو بورڊ ڪجهہ مختلف نظر ايندو. انڪري هر بنگو بورڊ تي اکر مختلف جڳهن تي رکيل هوندا. جيڪڏهن هڪ اکر بہ پيرا اچي تہ ان کي ڪٽڻ صحيح هوندو. 3_ استاد / استادياڻي ٿيلهي مان هڪ ڪارڊ ڪڍندو / ڪڍندي جنهن تي لکيل لفظ وڏي آواز ۾ پڙهندو / پڙهندي. 4_ ٻارن کي ان لفظ جي پهرين اکر جو اندازو لڳائڻو پوندو ۽ جيڪڏهن انهن جي بورڊ تي اِهو اکر هوندو تہ بنگو بورڊ تي ان اکر تي هڪ پٿري رکندو / رکندي. 5_ مثال طور جيڪڏهن استاد / استادياڻي لفظ 'ڪوئو' پڙهي ٻڌائي ٿو / ٿي تہ ٻار بورڊ تي اکر 'ڪ' تي هڪ پِٿري رکندا. هي راند ان وقت تائين هلندي جيستائين هڪ جوڑي کي Bingo board نہ ٿو ملي وڃي (جڏهن ٻارن کي پنج لڳاتار اکر سِڌا ، ٽيڙا يا اُٿيل نظر نہ اچن. بنگو بورڈ جو نمونو		

10 منٽ	جائزو: استاد / استادياڻي ٻارن کي اکرن جي سڃاڻپ لاءِ انهن کان بنگو بورڊ تي موجود ڪنهن به اکر تي آڱر رکرائي ان اکر جو آواز پڇندو / پڇندي. ان کان علاوه به ٻ تي اکري لفظن جو پهريون، آخري ۽ وچون آواز معلوم ڪرائي انهن آوازن جي اکرن جي سڃاڻپ ڪرائيندو / ڪرائيندي.	

غ	ب	س	ج	ت	ق	ل
ا	و	ش	م	ر	و	م
ب	ق	ت	ز	ن	ا	ن
چ	ن	ل	ک	م	ش	ق
ي	ف	پ	ب	ض	ط	ز
ل		ص	ج	ص	ک	پ
پ	ح	ڊ	ط	خ	گ	ب
ف	خ	د	ٽ	ظ	ڇ	ل
ڻ	ڄ	ث	ع	ٻ	ڪ	ھ

يونٽ نمبر 4
رواني Fluency
سيشن 1

مهارتون:

_1 رواني

مقصد:

هن سيشن کانپوءِ استاد ان قابل ٿي ويندا تہ:

رواني ۽ ان جي مختلف رُخن جي وضاحت ڪري سگهندا.

پڙهڻ جي صلاحيت کي نُمايان ڪرڻ ۾ رواني ۽ جي فائدي جي وڪالت ڪري سگهندا.

ٻارن ۾ پڙهڻ جي رواني ۾ بهتري آڻڻ جي طريقن کي ڪلاس ۾ استعمال ڪري سگهندا.

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
40 منٽ	تعارف: _1 صلاحڪار اجلاس ۾ موجود ڪنهن هڪ ساٿي کي رضاڪار ٿيڻ جي دعوت ڏيندي هن کي الڳ سان هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ ڏنل مواد کي ٽن مختلف طريقن سان وڏي آواز ۾ سيني ساٿين جي سامهون پڙهي. _1 رنڊڪ سان _2 تيزيءَ سان _3 مناسب رفتار سان آوازن جي لاهي چاڙهي سان گڏ _2 صلاحڪار مواد جي پڙهڻ کانپوءِ (پاڻ سوچڻ _ جوڙي سان _ وندڻ) (Think _ Pair Share) جي طريقي کي استعمال ڪري سرگرمي جي متعلق استادن جي تاثرات کي هيٺ ڏنل سوالن جي مدد سان چاڻيندو / چاڻيندي. _1 توهانجي خيال مطابق رواني ۽ سان پڙهڻ جو ڪهڙو انداز بهتر آهي ۽ ڇو؟ _2 توهانجي خيال مطابق رواني ۽ سان پڙهڻ جي بهتر انداز جون ڪهڙيون خاصيتون آهن؟	درسي ڪتاب مان ڪنيل مضمون هينڊ آئوٽ رواني سان پڙهڻ

	_3 صلاحڪار ساٿين جا تاثرات ڄاڻيندي رواني سان پڙهڻ جي مختلف رُخن تي باقاعده روشني وجهندو / وجهندي ۽ هيندڙ آئوٽ 'رواني سان پڙهڻ' تقسيم ڪندو / ڪندي. نوٽ: مٿي ڏنل سرگرميءَ لاءِ درسي ڪتاب جو مواد ڪٽي سگهجي ٿو.	
30 منٽ	اڳتي وڌڻ: سرگرمي نمبر 1: رواني سان پڙهائڻ جا مرحلا _1 صلاحڪار ساٿين کي جوڙن ۾ ورهائيندي هيندڙ آئوٽ 'رواني سان پڙهڻ ۾ ترقيءَ جا مرحلا' حصن ۾ ورهائيندي ساٿين کي ڏيندو / ڏيندي. انهن مرحلن (1) مثالي وڏي آواز سان (2) ملي پڙهڻ (3) خاموشيءَ سان پڙهڻ جي مواد کي صحيح ترتيب سان لڳائڻ لاءِ چوندو / چوندي. _2 جڏهن جوڙا سرگرمي مڪمل ڪندا تہ انهن کي ٻين جوڙن سان تنهي مرحلن تي بحث ڪرڻ لاءِ چيو ويندو. _3 صلاحڪار تن يا چئن جوڙن کان انهن جا جواب وٺي رواني سان پڙهڻ جي تنهي مرحلن کي تفصيل سان بيان ڪندو / ڪندي. _4 صلاحڪار ساٿين کي رواني سيڪارڻ جي مرحلن جو ع 1) وڏي آواز ۾ 2) ملي ڪري پڙهڻ (ا) استاد _ سڀني ساٿين سان گڏ (ب) استاد _ مختلف شاگردن سان گڏ (ج) شاگرد _ شاگرد سان گڏ نوٽ: صلاحڪار سرگرمي جي مختلف قسمن جو مواد چونڊيندو / چونڊيندي جيئن ا) نظم ب) ڪهاڻي ج) مڪالمو سرگرمي نمبر 2: رواني سان پڙهڻ جا طريقا (هٿ جو نشان) _1 صلاحڪار هيندڙ آئوٽ 'رواني سان پڙهڻ جا طريقا' (هٿ جو نشان) ساٿين ۾ ورهائيندو / ورهائيندي. ان ۾ موجود پنج وڏيڪ طريقا جيڪي رواني سان پڙهڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا انهن تي تفصيلي بحث ڪندو / ڪندي.	هيندڙ آئوٽ 'رواني سان پڙهڻ جا طريقا' (هٿ جو نشان)

	2_ صلاحڪار ساٿين کي جوڙن ۾ ويهاري انهن پنجن طريقن کي استعمال ڪندي درسي ڪتاب جي ڪهڙي به منتخب موضوع کي پڙهڻ جي هدايت ڪندو / ڪندي.	
50 منٽ	خلاصو: صلاحڪار رواني سان پڙهڻ جي عنوان کي سهيڙيندي ساٿين کي گروپن ۾ ورهائي پنهنجي پنهنجي جماعت کي رواني سيکارڻ جي طريقن ۾ سرگرمين ناهڻ جي هدايت ڪندو / ڪندي. صلاحڪار گروپن کي واري سان گهرائي پيشڪش ڏيڻ لاءِ چوندو / چوندي.	

رواني Fluency

مقصد: هن يونٽ کي پڙهڻ کان پوءِ پڙهڻ جي عمل ۾ رواني جي اهميت واضح ٿي ويندي.

جيئن ته اسين ڄاڻون ٿا ته پڙهڻ ۾ رواني جو لاڳاپو لفظن کي سڃاڻڻ واري مهارت سان آهي. هن مهارت موجب شاگرد لفظن کي سمجهڻ کان علاوه اهي لفظ به پڙهي ٿو وڃي جن جي معنيٰ يا مراد کان واقف ناهي. ان جو مطلب اهو آهي ته لفظ جي معنيٰ ۽ هِجي تي گهٽ ڌيان ڏئي ان جي سمجهڻ تي وڌيڪ زور ڏنو وڃي ته شاگرد ڇا پڙهيو آهي؟ جيڪڏهن شاگرد لفظن جي معنيٰ ڳولهڻ ۾ منجهي پوندو ته هو پڙهڻ جي ٻين طريقن تي ڌيان نه ڏيندو جيڪي هن کي پڙهي سمجهڻ ۾ مدد ڪن.
مشق ڪرڻ، زباني پڙهڻ ۽ دهرائڻ شاگردن کي پڙهڻ ۾ رواني پيدا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. ان لاءِ ڪتاب شاگردن جي سطح کان مٿي نه هجڻ گهرجي.

رواني سان پڙهڻ جا پهلو:
رواني سان پڙهڻ مان مراد درستگي سان، تيزي ۽ بغير ڪنهن لاهي چاڙهي پڙهڻ جي صلاحيت آهي.

لفظن جي علامتن ۾ درستگي:
پڙهندڙ ان قابل هجڻ گهرجي ته هو گهٽ ۾ گهٽ غلطين سان مواد ۾ موجود لفظن ۽ انهن جي آوازن کي سڃاڻي سگهي.

خودڪار (پنهنجو پاڻ) طريقو
پڙهندڙ، پڙهڻُ سکڻ جي شروعاتي مرحلي ۾، صحيح پڙهي سگهي ٿو پر لفظن جي سڃاڻپ ۾ غير فعال هوندو آهي. مستقل پڙهڻ جي مشق سان لفظن جي جلدي سڃاڻپ، تيزي ۽ بغير ڪنهن ڪوشش جي مددگار ٿيندي آهي، ايستائين جو شاگرد ڪافي لفظ پاڻ سڃاڻي سگهندو آهي پر هن جو وڏي آواز ۾ پڙهڻ، بغير ڪنهن لاهي چاڙهي جي ٿي سگهي ٿو. خودڪار طريقي سان پڙهڻ جو مطلب صرف صحيح ۽ تيزيءَ سان لفظن جي سڃاڻپ آهي، لفظن جي لاهي چاڙهي سان نه ـ ان ڪري خودڪار (پاڻ) پڙهڻ ضروري آهي پر ڪافي ناهي.

آوازن جا نمونا، لهجا ۽ سُر سان پڑهڻ (Prosody)

سُر ۽ مخصوص لهجي ۾ پڑهڻ مان مراد پڙهندڙ مواد کي با معنيٰ ٿڪرن ۾ ورهائي سگهي. اهي ٿڪرا جملن ۽ انهن جي حصن تي مشتمل هوندا آهن. پڙهندڙ کي اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته جملن جي وچ ۽ آخر ۾ ڪٿي رُڪڻو آهي ۽ ڪڏهن لهجي کي تبديل ڪرڻو آهي. رُڪجڻ جو صحيح استعمال به ضروري آهي.
پڙهڻ جي سلسلي ۾ پڙهڻ جي رفتار کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته شاگرد کي هر هر پيراگراف پڙهڻ جو موقعو ڏنو وڃي. ان کان پهريائين اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته شاگرد پهريان ڇا پڙهي چڪو آهي ۽ ٻيو ته هن کي هرهر وڏي آواز سان ڪيئن پڙهڻ گهرجي. پڙهڻ ۾ رواني جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهڻ جي مشق جا موقعا ڏيڻ گهرجن.
رواني لاءِ وڏي آواز سان پڙهڻ جي مشق ڪرڻ لازمي آهي. يعني اهڙو سبق يا سبق جو حصو جنهن ۾ اهڙا لفظ هجن جن کي ٻار آساني سان سمجهي سگهن ۽ ان جي معنيٰ مراد ٻڌائي سگهن ۽ رواني سان پڙهي سگهن.
پڙهڻ جو مواد ايترو آسان هجي جو شاگرد 95 سيڪڙو درست انداز ۾ پڙهي سگهي.
جيڪڏهن مواد گهڻو پيچيده هوندو ته ٻار پڙهڻ وقت لفظن کي سمجهڻ ۾ وڃائيندا ۽ انهن کي رواني ۾ تيزي آڻڻ لاءِ موقعو نه ملندو. شاگردن کي پڙهڻ لاءِ مختصر مواد هجي يعني 50 کان 200 لفظن تائين پر اهو ٻارن جي عمر تي منحصر آهي. توهان کي مختلف قسمن جو مواد استعمال ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪهاڻيون ۽ نظم شامل هجن. نظم، پڙهڻ ۾ رواني پيدا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻارن جي نظمن ۾ قافيا ۽ وزن به هوندو آهي ۽ مختصر هجڻ سبب هن جي لفظن جي معنيٰ ڪڍڻ واري مشق به آسان هوندي آهي. اهڙي مشق شاگرد ۾ دلچسپي ۽ حوصلہ افزائي ۾ اضافو ڪندي آهي.

مثالي وڏي آواز سان پڙهڻ:
مثالي وڏي آواز سان پڙهڻ واري عمل کي ٻڌڻ سان ٻارن کي اندازو ٿيندو آهي ته پڙهڻ واري مواد جو مطلب ڇا آهي. توهان روزانو ٻارن جي سامهون وڏي آواز سان پڙهو، جنهن ۾ آواز جو جهيلار درست انداز سان هجي ۽ مواد ۾ موجود تاثرات ۽ ڪيفيتون منتقل ٿي سگهن. هن سان شاگردن ۾ لفظ جي ادائيگي جو ڍنگ پيدا ٿي ويندو.

ٻارن جو وڏي آواز سان پڙهڻ:
جڏهن توهان وڏي آواز سان شاگردن اڳيان پڙهندؤ ته ٻارن جي ذهن ۾ پڙهڻي جو هڪ انداز ذهن نشين ٿيندو.

هاڻي ٻارن کي وڏي آواز سان پڙهڻ جو موقعو ڏيو. ائين ڪرڻ سان ٻار مواد کي دهرائيندو ۽ ٻيا پڻ ان کي غور سان ٻڌندا ۽ وچ ۾ ڪيل درستگي پڻ نوٽ ڪندا. گهڻو ڪري ٻارن کي چار دفعا مواد دهرائڻ گهرجي، جنهن سان هنن جي پڙهڻيءَ ۾ رواني پيدا ٿيندي. اهو به ياد رکو ته پڙهڻ جو وقت به محدود رکيل آهي، جنهن ۾ ٻار درست پڙهڻيءَ مان فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو.

وڏي ۽ ننڍي جو گڏ پڙهڻ:
توهان ٻار کي پنهنجي سامهون ويهاري پهرين پاڻ پڙهي ۽ وڏي آواز سان مثالي پڙهڻيءَ جو نمونو پيش ڪري ۽ پيراگراف پڙهائجي. وڏو ننڍي جي مدد سان حوصلہ افزائي ڪندو. ان سرگرميءَ لاءِ وڏي ۽ ننڍي ڪلاس جي شاگردن کان به ڪم وني سگهجي ٿو. ٻار ان وقت تائين پڙهن جيستائين اهي رواني سان پڙهڻ جي قابل ٿي وڃن.

گڏجي پڙهڻ:
ان عمل ۾ گهڻا ٻار ملي گڏجي پڙهندا آهن ۽ استاد انهن جي مدد ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ٻار اهو مواد ڏسندا ويندا آهن جيڪو توهان پڙهندا ويندا آهيو. جڏهن توهان ڪتاب پڙهندؤ ته ٻار به توهان جي ڍنگ تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو.
مواد لاءِ مختصر ڪتاب جي چونڊ ڪريو ۽ اهو ذهن ۾ رکو ته ٻارن لاءِ آزاد ماحول جي سطح ڇا آهي؟ ان کان علاوه اڳواٽ سوچڻ واري اشارن تي ٻڌل ڪتاب وڌيڪ مفيد ثابت ٿيندا آهن. توهان وڏي آواز سان پڙهو ۽ پيهر ان ڪتاب کي پڙهو ۽ وري ٻارن کي اهو عمل دهرائڻ لاءِ چئو ۽ ڪتاب کي پڙهڻ جاري رکو. ان دوران ٻارن جي همت افزائي ڪرڻ لازمي آهي. توهان کي اهو ڪتاب ٽي يا چار دفعا پڙهڻو آهي. اهو ضروري ناهي ته اهو توهان هڪڙي ڏينهن ۾ ئي ڪري وٺو.

ساٿيءَ سان گڏ پڙهڻ:
ٻارن کي جوڙن ۾ ويهاري هرهڪي وڏي آواز سان پڙهڻ لاءِ چيو وڃي. ان لاءِ بهتر آهي ته هڪ رواني سان پڙهندڙ ٻار پهرين رواني سان پڙهڻ جو مثالي مظاهرو ڪري پوءِ گهٽ رواني وارو ٻار وڏي آواز سان پڙهي. رواني سان پڙهڻ وارو ٻار لفظن کي سمجهڻ ۾ ٻئي جي مدد ڪري ۽ فيڊ بيڪ فراهم ڪري، پيراگراف تي پنهنجا ويچار بيان ڪري ۽ ان جي همت افزائي ڪري. گهٽ رواني وارو ٻار ايستائين پڙهي جيستائين رواني سان پڙهڻ جي قابل ٿي وڃي. هڪ ئي سطح جي وڏي آواز سان ٻڌڻ کان پوءِ ٻار پيراگراف کي وري وري

پڙهي سگهندا.

تئيٽر:

ڳالهائيندڙ جي تئيٽر ۾ شاگرد پنهنجي ساٿين جي سامهون ۽ ٻين جي سامهون ڊرامي جي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ مڪالمن/ گفتگو جي مشق ڪندا آهن. اهي مڪالما درسي ڪتاب ۽ ٻارن جي ڊرامن ۾ ڏنل ڪردارن مان حاصل ڪري ڪاغذ جي پٽين تي لکي سگهجن ٿا. شاگرد ڊرامن جي ڪردارن جا مڪالما ۽ انهن ۾ ڏنل تاثرن جي مدد سان اظهار ڪندا آهن. ڳالهائيندڙ جو تئيٽر ٻارن کي رواني سان پڙهڻ جو موقعو فراهم ڪندو آهي. ڳالهائيندڙ جو تئيٽر پاڻ ۾ سهڪار ۽ گڏيل ردعمل کي فروغ ڏيندو آهي.

رواني ڇو ضروري آهي؟

جيئن ته اسان کي خبر آهي ته رواني جو تعلق لفظن جي سڃاڻپ جي مهارتن سان آهي. اها ٻارن کي لفظن جي تشريح ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي ته جيئن هو بي معنيٰ لفظ به پڙهي سگهن. ان جو مطلب اهو آهي ته لفظ جي معنيٰ ۽ هِجي تي گهٽ ڌيان ڏئي ان جي سمجهڻ تي ڌيان ڏنو وڃي ته شاگرد ڇا پڙهيو آهي. جيڪڏهن ٻار صرف لفظن جي معنيٰ ڳولهڻ ۾ منجهي پوندو ته هو پڙهڻ جي ٻين طريقن تي توجهه نه ڏئي سگهندو جيڪو هن کي پڙهي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو.

مشق، زباني پڙهڻ ۽ ورجائڻ ٻارن ۾ رواني پيدا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن. ان ۾ ٻيهر پڙهڻ به شامل آهي. مثالي وڏي آوازجي نموني جي ذريعي جيڪڏهن ڪتاب جو مواد مشڪل آهي ته ٻار لفظن ۽ ان جي معنيٰ ۾ منجهي پوندو ۽ رواني ۾ رڪاوٽ اچي ويندي آهي.

رواني سان پڙهڻ جون خاصيتون:

- صحيح اچار
- رواني
- مناسب لاها چاڙها
- تاڪيد
- مفهوم جي وضاحت
- مناسب وقفي

رواني سان پڙهڻ جا طريقا



سبقي منصوبہ بندي 1
Fluency روانی

جماعت: ٽئين کان پنجين تائين	مضمون : رواني	سبق/عنوان: ڪوبہ 'نظم'	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق جي پڙهڻ کانپوءِ ٻار ان قابل ٿي ويندا تہ: هو نظم کي وقفن ۽ سُرسان روانيءَ ۾ پڙهندا		
مددگار شيون:	پڙهڻ جوڳو ڪوبہ مواد جيڪو نصاب يا ڪنهن بہ وسيلي سان حاصل ٿي سگهي		
استادياڻي جو موضوع تي عبور /استاد		استادياڻي رواني ۽ ٻولي جي ڄاڻ کان واقف هجي	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
	روانيءَ لاءِ عام هدايت: ٻارن ۾ پڙهڻ ۾ رواني پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن اهڙي سبق جي چونڊ ڪئي وڃي جيڪو انهن جو اڳ پڙهيل هجي ۽ هو شوق سان پڙهي سگهن. پڙهڻ جي عمل ۾ رواني پيدا ڪرڻ لاءِ هيٺيان ڏاڪا رکي سگهجن ٿا: سبق جو عنوان: گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون ڏاڪا: 1. ٽيچر پورو نظم جذبن ۽ ڪيفيتن جي اظهار سان ٻارن جي سامهون پڙهندو/ پڙهندي ۽ ٻار ان کي آگر جي اشاري سان ٻڌندا. 2. ان کان پوءِ ٽيچر ٻارن کي نظم گڏجي دهرائڻ لاءِ چوندو. اهو عمل نظم جي نوعيت موجب هر هڪ ست تي ڏيان سان ڪرائيندو. 3. ٽيچر، اهڙو گڏجي پڙهڻ وارو عمل ڪلاس جي چند ٻارن سان گڏ ڪندو/ ڪندي، تہ جيئن ٻار جوڙن جي صورت ۾ ويهي اهڙو عملي مظاهرو ڪري سگهن. 4. ان کان پوءِ ٽيچر ٻارن کان جوڙن جي صورت ۾ اهو عمل دهرائڻ لاءِ چوندو. ان دوران ٽيچر، ٻارن جي نگراني ۽ رهنمائي ڪندو رهندو. 5. ان کان پوءِ چند جوڙن جي روانيءَ جو مظاهرو پوري ڪلاس جي سامهون ڪرايو ويندو.		
	جائزو: شاگرد/شاگرديڻيون پنهنجي صلاحيت جاچڻ لاءِ مڪالمن ۽ عام مواد کي وڏي آواز ۾ پڙهندا / پڙهنديون.		

سبقي منصوبہ بندي 2
Fluency روانی

جماعت: پيون	مضمون : روانی	سبق/عنوان: ڪوبہ 'مڪالمي يا گفتگو' تي مشتمل سبق	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق پرهڻ کانپوءِ ٻار ان قابل ٿي ويندا تہ: ٻارن جي پڙهڻ ۾ روانی پيدا ٿيندي.		
مددگار شيون:	پڙهڻ جوڳو ڪوبہ مواد جيڪو نصاب ۽ ڪنهن بہ وسيلي سان حاصل ٿي سگهي		
استادياڻي جو موضوع تي عبور /استاد	استادياڻي روانی ۽ ٻولي جي ڄاڻ کان واقف هجي/استاد		
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون	مددگار شيون	
	روانيءَ لاءِ عام هدايت: ٻارن ۾ پڙهڻ ۾ روانی پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن اهڙي سبق جي چونڊ ڪئي وڃي، جيڪو ٻارن جو اڳ پڙهيل هجي ۽ هو شوق سان پڙهي سگهن. پڙهڻ جي عمل ۾ روانی پيدا ڪرڻ لاءِ هيٺيان ڏاڪا رکي سگهجن ٿا: سبق جو عنوان: ڏنڌا ۽ هنر ڏاڪا: 1. استاد پورو سبق يا ان جو ڪجهہ حصو، گفتگو جي جذبن ۽ ڪيفيتن جي ادائگيءَ سان ٻارن جي سامهون پڙهندو/ پڙهندي ۽ ٻار ان کي آڱر جي اشاري سان ٻڌندا. 2. ان کان پوءِ استاد ٻارن کي هڪ هڪ مڪالمو گڏجي دهرائڻ لاءِ چوندو/ چوندي. 3. استاد ڪلاس جي چند ٻارن سان گڏجي مڪالما پڙهندو/ پڙهندي ۽ ٻارن کي جوڙن ۾ مڪالما پڙهڻ لاءِ چوندو/ چوندي. 4. پوءِ استاد سبق ۾ موجود ڪردارن جي بنياد تي ٻارن کي گروپ ۾ ورهائيندو/ ورهائيندي ۽ مڪالما ادا ڪرڻ لاءِ چوندو/چوندي. 5. سڀ گروپ پنهنجي ڪارڪردگي پيش ڪندا ۽ ٽيچر انهن جي نگراني ڪندو/ڪندي. 6. استاد/استادياڻي سرگرمي دوران شاگردن کي مڪالمن جي ادائيگي غور سان ٻڌندو/ٻڌندي ۽ غلطي ڪرڻ تي اصلاح ڪندو/ ڪندي.		
	جائزو: شاگرد/شاگرديڻيون پنهنجي صلاحيت جاچڻ لاءِ مڪالمن ۽ عام مواد کي وڏي آواز ۾ پڙهندا / پڙهنديون.		

سبقي منصوبہ بندي 3
Fluency روانی

جماعت: پهريون	مضمون : روانی	سبق/عنوان: ڪوبہ 'ڪهاڻيءَ' تي مشتمل سبق	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق پڙهڻ ڪانپوءِ ٻار ان قابل ٿي ويندا تہ: ٻارن جي پڙهڻ ۾ روانی پيدا ٿيندي.		
مددگار شيون:	پڙهڻ جوڳو ڪوبہ مواد جيڪو نصاب ۽ ڪنهن بہ وسيلي سان حاصل ٿي سگهي		
استادياڻي جو موضوع تي عبور /استاد		استادياڻي روانی ۽ ٻولي جي ڄاڻ ڪان واقف هجي /استاد	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
5 منٽ 10 منٽ 10 منٽ	روانيءَ لاءِ عام هدايت: ٻارن ۾ پڙهڻ ۾ روانی پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن اهڙي سبق جي چونڊ ڪئي وڃي، جيڪو ٻارن جو اڳ پڙهيل هجي ۽ هو شوق سان پڙهي سگهن. پڙهڻ جي عمل ۾ روانی پيدا ڪرڻ لاءِ هيٺيان ڏاڪا رکي سگهجن ٿا: سبق جو عنوان: ڪهاڻي ڏاڪا: 1. ٽيچر ڪهاڻيءَ تي مبني ڪوبہ سبق ڪهاڻيءَ ٻڌائڻ جي انداز سان ٻارن جي سامهون پڙهندو/ پڙهندي ۽ ٻار ان کي آڱر جي اشاري سان ٻڌندا. 2. ان کان پوءِ ٽيچر ٻارن کي هڪ هڪ جملو يا ان جو معنادار حصو ورجائڻ لاءِ چوندو/چوندي. 3. ان کان پوءِ، ٽيچر ڪلاس جي چند شاگردن سان اهو عمل دهرائيندو/ دهرائيندي تہ جيئن ٻار Frame work جو عملي مظاهرو ڪري سگهن. 4 ٽيچر، ٻارن کي جوڙن جي صورت ۾ سبق پڙهڻ لاءِ چوندو/ چوندي. پوءِ استاد سبق ۾ موجود ڪردارن جي بنياد تي ٻارن کي گروپ ۾ ورهائيندو/ ورهائيندي ۽ ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ چوندو/چوندي. 5. سڀ گروپ پنهنجي ڪارڪردگي پيش ڪندا ۽ ٽيچر انهن جي نگراني ڪندو/ڪندي. 6. استاد/استادياڻي سرگرمي دوران شاگردن جي ڪهاڻي غور سان ٻڌندو/ٻڌندي ۽ غلطي ڪرڻ تي اصلاح ڪندو/ڪندي.		
10 منٽ	جائزو: شاگرد/شاگرديڻيون پنهنجي صلاحيت جاچڻ لاءِ ڪهاڻي کي وڏي آواز ۾ پڙهندا / پڙهنديون		

يونٽ نمبر 5
لفظن جو ذخيرو Vocabulary
سيشن 1

مهارتون:

مقصد:

هن سيشن ڪانپوءِ استاد ان قابل ٿي ويندا تہ:

- ٻولي سکڻ جي مرحلن ۾ لفظن جي ذخيري جي اهميت ۽ تشريح ڪري سگهندا.
- پڙهڻ جي صلاحيت کي عيان ڪرڻ ۾ لفظن جي ذخيري جي افاديت کي اڳتي وڌائيندا.
- ٻڌي سمجهڻ وارن ۽ بياني لفظن جي ذخيري ۾ فرق ڪري سگهندا.
- ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ بهتري آڻڻ وارن طريقن کي ڪلاس ۾ استعمال ڪري سگهندا.

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
40 منٽ	تعارف: صلاحڪار هيٺ ڏنل نقشي جي ذريعي لفظن جي ذخيري جي اهميت ٻولي سکڻ جي عمل ۾ ظاهر ڪندو / ڪندي.  2_ صلاحڪار شريڪ ساٿين جو توجهہ ڏنل شڪل ڏانهن ڇڪائي Think _ Pair _ Share ذريعي ڏنل شڪل متعلق انهن جا خيالات معلوم ڪندو / ڪندي. 3_ بحث جي ختم ٿيڻ تي صلاحڪار وضاحت ڪندو / ڪندي تہ جيئن تہ نقشي ۾ واضح آهي تہ ٻولي سکڻ جي چئني مهارتن دائري کي گهيريو آهي، جيڪو ظاهر ڪري ٿو تہ انهن چئني مهارتن کي سکڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو آندو وڃي.	

3_ صلاحڪار ساڳين کي لفظن جي ذخيري بابت وڌيڪ تفصيل ٻڌائيندي بن قسمن ’ٻڌي سمجهڻ‘ ۽ ’بياني‘ لفظن جي ذخيري ۾ فرق واضح ڪندو / ڪندي.

ٻڌي سمجهڻ وارن لفظن جو ذخيرو:(Receptive Vocabulary)

هي اهي لفظ آهن جن کي ٻڌي سمجهي سگهجي ۽ ڏسي پڙهي سگهجي ڇڻ ته هي لفظ ماڻهوءَ جي فهم ۾ هوندا آهن.

بياني لفظن جو ذخيرو (Expressive Vocabulary)

هي اهي لفظ آهن جن کي ماڻهو خود اعتماديءَ سان ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ استعمال ڪندو آهي. اهڙي طرح هي لفظ ڳالهائڻ ۽ لکڻ وارن لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو آڻيندا آهن.

4_ صلاحڪار مختلف مثال ڏئي ’ٻڌڻ سمجهڻ‘ ۽ ’بياني‘ لفظن جي ذخيري جي فرق کي وڌيڪ عيان ڪندو / ڪندي.

5_ صلاحڪار لفظن جي ذخيري جي موضوع تي سيني سرگرمين مان ان ڳالهه تي زور ڏيندو / ڏيندي ته لفظن جو ذخيرو ٻولي سکڻ جي ضمانت آهي.

اڳتي وڌڻ:

لفظن جي ذخيري تي ڪرايل سيني سرگرمين جو بنيادي مقصد شاگردن جي لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو آڻڻ آهي. جيئن ته هي وقت طلب ۽ پيچيده عمل آهي انڪري جيترو ممڪن هجي شاگردن لاءِ آسان ۽ دلچسپ بڻايو وڃي.

سرگرمي نمبر 1: لفظن ۾ شامل اکرن سان نوان لفظ ناهڻ

1_ صلاحڪار بورڊ تي لفظ ’پاڪستان‘ لکندو ۽ ساڳين کان هن لفظ ۾ موجود اکرن بابت پڇا ڪندو / ڪندي.

2_ صلاحڪار بورڊ تي لفظ پاڪستان جي اکرن کي ڌار ڌار لکندي پ ا ڪ س ت ا ن، ساڳين کي لفظ ناهڻ لاءِ چوندي انهن جا سڀ ٻڌايل لفظ بورڊ تي لکندو / لکندي. صلاحڪار بورڊ تي لکيل لفظ پاڪستان جي اکرن ڏانهن ساڳين جو توجهه ڇڪائيندي ان ڳالهه تي زور ڏيندو / ڏيندي ته هن حڪمت عمليءَ سان ٻيا لفظ به ناهي سگهجن ٿا.

	_3 وڌيڪ مشقن لاءِ صلاحڪار ساٿين کي جوڙن ۾ ورهائيندو / ورهائيندي ۽ هر جوڙي کي ڊبي مان پرچي ڪڍڻ لاءِ چوندو / چوندي (صلاحڪار پهريون کان پرچين تي مختلف لفظ لکندو / لکندي). _4 صلاحڪار جوڙن کي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ هو پنهنجي پرچيءَ تي لکيل لفظ مان ٻيا لفظ ناهن. نوٽ: صلاحڪار ساٿين کي هنن سرگرمين کان علاوه درج ٿيل ٻين سرگرمين ڏانهن توجهہ ڏيارينديو / ڏيارينديي. Wheel سرگرمي نمبر 2: Roll a Word 1. صلاحڪار ساٿين کي پنجن گروپن ۾ ورهائيندي هر گروپ ۾ بورڊ، چَڪو، هينڊ آئوٽ ۽ ساريون / گوٿُون ڏيندو / ڏيندي. نوٽ: هينڊ آئوٽ ۾ چَڪي جي عددن مطابق هدايتون لکيل آهن. صلاحڪار انهن کي واضح ڪندو / ڪندي. 2. صلاحڪار ساٿين کي 30 منٽن جو وقت ڏيندي راند کيڏڻ لاءِ چوندو / چوندي. 3. سرگرمي دوران صلاحڪار ساٿين جي مدد ۽ نگراني ڪندو / ڪندي. 4. سرگرمي ختم ٿيڻ بعد صلاحڪار ساٿين جا تاثرات ڄاڻڻ لاءِ هيٺ ڏنل سوال پڇندو / پڇندي. i. هيءَ سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن جي لفظن جي ذخيري ۾ ڪيترو واڌارو ايندو؟ ٻُڌي سمجهڻ وارو يا بياني؟ ii. هيءَ سرگرمي ڪيتري عمر وارا ٻار ڪيڏي سگهندا ۽ ڇو؟ iii. ڇا هن سرگرميءَ ۾ ردوبدل ڪري ڪو ٻيو طريقو استعمال ڪري سگهجي ٿو؟	

iv. هن راند کي ٻين ڪهڙن موضوعن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪيئن؟



سرگرمي نمبر 3:20 سوالن ۾ لفظ معلوم ڪرڻ

1. صلاحڪار شريڪ ساٿين مان ڪنهن هڪ رضاڪار کي گهرائي ڪُرسي تي ويهاري، تاجُ پارائي ان تي ڪاغذ جي پرچي چنبڙائيندو/ چنبڙائيندي جنهن تي ڪنهن ماڻهو، جانور، شئي يا جڳه جو نالو لکيل هوندو.

2. صلاحڪار رضاڪار کي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ هو تاج تي لکيل لفظ پڇڻ / معلوم ڪرڻ لاءِ ساٿين کان 20 سوال پُڇي.. سوالن جا جواب صرف 'ها' يا 'نہ' ۾ هوندا.

3. صلاحڪار هيءَ سرگرمي 2 کان 4 ڀيرا مختلف رضاڪارن سان ورجائيندو/ورجائيندي.



سرگرمي نمبر 4:تصوير ڀڃيو ، سوال پُڇو.

1) صلاحڪار ساٿين کي پنجن گروپن ۾ ورهائيندو/ ورهائيندي.

2) صلاحڪار هر گروپ مان هڪ سربراهه منتخب ڪندو/ ڪندي.

3) صلاحڪار ساٿين جو توجهه راند طرف ڇڪائيندي هدايت ڏيندو/ ڏيندي ته گروهي ساٿي پنهنجي اڳواڻ جي نگرانيءَ ۾ اکيون بند ڪري بورڊ جي تصويرن تي پنهنجي آگر ڦيرائين ۽ اڳواڻ جي روڪڻ تي رڪجي وڃن. جنهن تصوير تي آگر رُڪندي اُها تصوير ۽ ان جو نالو ٻُڌائڻو پوندو. ان کان بعد ۾ گروهي ساٿي تصوير متعلق مختلف سوال پڇندا، جنهن جا جواب جنهن ساٿيءَ جو وارو ايندو اُهو ڏيندو. سوال هيٺن تي سگهن ٿا.

i. هي ڇا آهي؟

ii. هن جو رنگ ڪهڙو آهي؟

iii. هي ڪهڙي علائقي ۾ ملندو آهي؟

iv. هن جا ٻيا ڪيترا قسم آهن؟

v. ڇا هن کي توهان پاڻ ڏٺو آهي؟

نوٽ: سوال تصوير جي مطابق تبديل ڪري سگهجن ٿا.

4) هيءَ مشق ڪيترائي ڀيرا ورجائي وڃي ته جيئن هر گروهي ساٿيءَ جو ٻه کان تي ڀيرا وارو اچي.



سرگرمي نمبر 5: لفظن جو چڪرو

1. صلاحڪار ساٿين کي جوڙن ۾ ورهائي هر جوڙي کي لکت واري تحرير (اضافي معلومات لاءِ) ڏيندو / ڏيندي.
2. صلاحڪار هر جوڙي کي هڪ منتخب لفظ ((Root Word ڏئي هدايت ڏيندو/ ڏيندي تہ هو هن لفظ سان لاڳاپيل وڌيڪ لفظ ناهن. مثال طور:

رنگ

رنگين		رنگولي
رنگارنگ	رنگت	رنگ ريز
رنگائي		رنگون



سرگرمي نمبر 6: آڳوٺي جو نشان، تصوير جي پهچان

1) صلاحڪا ساٿين کي پنجن گروپن ۾ ورهائيندو/ ورهائيندي.
2) صلاحڪار آڳوٺي جي نشان وارو هيندڙ آئوٽ گروهن ۾ تقسيم ڪندي هدايت ڏيندو/ ڏيندي تہ گروهي ساٿي ڏنل تصويرن جو غور سان مشاهدو ڪري پاڻ ۾ گُفتگو ڪن تہ هنن تصويرن جو نقل ناهي سگهن ٿا يا نہ.
3) صلاحڪار ساٿين ۾ اسٽامپ پيڊ ڏئي هدايت ڏيندو / ڏيندي تہ گروپ جا سڀ ساٿي هيندڙ آئوٽ ۾ ڏنل تصويرن مان ڪجهہ تصويرن جو نمونو پنهنجي ڪاپين ۾ ناهن.
4) صلاحڪار گروپن ۾ چارٽ پيپر تقسيم ڪري هدايت ڏيندو/ ڏيندي تہ گڏيل مشوري سان ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن کان علاوه تصويرون ناهي انهن جي هيٺيان نالا لکو.
5) استاد ڪنهن خاص موضوع تي ڪم ڪري سگهن ٿا.

نوٽ: هيءَ سرگرمي استادن ۾ مواد ناهڻ جي صلاحيت کي اجاگر ڪرائڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. تصويري نمونا اضافي صفحن ۾ ڏنا ويا آهن.

خلاصو: صلاحڪار لفظن جي ذخيري جي موضوع کي مختصر ڪندي ساٿين کي گروپن ۾ ورهائي انهن کي هدايت ڏيندو/ ڏيندي تہ هو پنهنجي پنهنجي جماعتن کي لفظن جي ذخيري جو طريقيڪار سيڪارڻ لاءِ درسي ڪتاب مان ڪنهن موضوع کي منتخب ڪري هڪ سرگرمي ٺاهين.

صلاحڪار گروهن کي واري سان گهُرائي پريزنٽيشن ڏيڻ لاءِ چوندو / چوندي

لفظن جو ذخيرو (Vocabulary)

لفظن جي معنيٰ هجڻ جو ذخيرو، شاگردن ۾ رواني سان پڙهڻ جي مهارت پيدا ڪندو آهي. ان کي لفظن جو ذخيرو چئبو آهي. لفظن جو ذخيرو پڙهڻ واري عمل کي سکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. جڏهن ٻار پڙهڻ سکندا آهن تہ هو اهو سمجهڻ شروع ڪندا آهن تہ ڪتاب جي صفحي تي اهي لفظ لکيل آهن جيڪي هو پنهنجي عام زندگيءَ ۾ ڳالهائيندا ۽ ٻڌندا رهيا آهن. ان لاءِ اهو آسان ٿي ويندو آهي تہ هو لکيل مواد مان ڪجهہ مطلب حاصل ڪري سگهن، جيڪو ان جي ٻوليءَ جو اهم حصو آهي.

(Receptive Vocabulary)ٻڌڻي سمجهڻ وارن لفظن جو ذخيرو:
هي اهي لفظ آهن جن کي ٻڌي ڪري سمجهي سگهجي ۽ ڏسي پڙهي وڃجي. مطلب تہ هي لفظ ماڻهو جي علم ۽ فهم ۾ هوندا آهن.

اظهاري/ بياني لفظن جو ذخيرو: (Expressive Vocabulary)
هي اهي لفظ آهن جن کي ماڻهو پنهنجي خود اعتماديءَ سان ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ استعمال ڪري سگهي. اهڙي طرح اهي لفظ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾اضافو ڪندا آهن. ان کان علاوه روز مره جي زندگيءَ ۾ بہ اهي لفظ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

Spelling Roll-A-Word

لفظ کي جملي ۾ استعمال ڪريو	
لفظ جي معنيٰ ٻڌايو	
لفظ جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ ٻڌايو	
لفظ جو ضِد ٻڌايو	
لفظ جي تفصيلي معنيٰ ٻڌايو	
لفظ کي ٽي ڀيرا لکو	


Roll a Word
پاس!
خرچا
سچ
محبت
حالات
بیواہ
لفظ جی اداکاری کیجہارٹیبو جو سلمی
وکٹ
بادشاہ
رہنما
کاروبار
بہ گھر پُنتي وجو
ریگستان
خندق
دلاور
راحت
پاس!
علامت
گزارش
خلیفہ
رونق
بہادری
درخواست
تعمیر
حکمران
صورتحال
لفظ جی اداکاری کیجہارٹیبو جو سلمی
تاجر
پاس!
بلغار
طاقت
ترقي
اُمید
اقلیت
بہ گھر پُنتي وجو
بیہر شروع کریں


تصويرن سمجهڻ سوال پڇڻ
48

آگوني جا نشان





تصوير ڏسي انهي جو نالو لکو/ٻڌايو

تصويري فليش ڪارڊ جي مدد سان اکر سمجهائڻ

اُوپر	نيچ	پيچه
سامن	پار آر	اندر

تصويري فليش ڪارڊ جي مدد سان رنگن جا نالا سمجهائڻ



لفظن جي هدايت

پاڪِستان

ٻِ ايندڙ اکرن جي مدد سان نوان لفظ جوڙيو.

پ ا ڪ س ت ا ن

جهڙوڪ:

1 ڪات	14 سڪت
2 پاڪ	15 سپنا
3 ست	16 ڪن
4 تان	17 ڪس
5 نڪ	18 پڪ
6 ڪن	19 ڪٽڻ
7پنهنجو	20 ستائڻ
8ڪسڻ	21 تپائڻ
9تڪڻ	22 پچائڻ
10 پان	23 ماپڻ
11 ماپ	24 ايترو
12 تڪڻ	25 ساڪن وغيره
13 تان	

پڪين جا نالا سيکاريڻ

جهرڪي	سرڻ	ڪانو
باز	ڳيرو	ڪبوتر
تتر	چمڙو	چڀرو
ٻٽير	ابابيل	ڪوئل
بلبل	هنجه	بدڪ
حواصل	ٻگه	ڪونج
مرغابي	چڪور	طوطو

ڪالم ب کي ملائي الف جا لفظ مڪمل ڪريو

گلاب	دار
هوائي	پاڳ
سنو	وفا
خراب	باز
بي	نڪ
خط	شرم
جان	مزاج
با	صورت
گهٽ	جهاز
دڪان	چمون

هدايت: الف ڪالم ۾ ڏنل مذڪر لفظن کي ڪالم ب ۾ ڏنل مونث لفظن سان ملايو

ڪالم الف	ڪالم ب
اٺ	هاٿڻ
ٻڪر	وڏي ماسي
چاچو	ڦڦي
ڏاڏو	مامي
نانو	ماسي
مامو	ڏاچي
ماسڙ	چاچي
ڦڦڙ	ناني
وڏو چاچا	ڏاڏي
هاٿي	ٻڪري

تيرجي نشان سان هڪجهڙي اچار وارن لفظن کي ملايو

ڪالم الف	ڪالم ب
پان	تار
نالو	سمورو
وار	نگ
باد	ڳاله
باجو	گڏ
بار	ڳاڙهو
هٿ	راجا
رات	ياد
جڳ	جان
تارا	شام

ضد وارن لفظن کي تيرجي نشان سان ملايو

ڪالم الف	ڪالم ب
صبح	سنهڙو
ڏينهن	فقير
ننڍو	مهانگو
ٿلهو	غريب
اوپر	سچا
ڪوڙو	روئڻ
امير	شام
بادشاهه	رات
سستو	وڏو
ڪلڻ	رات

ساڳي معنيٰ وارن مترادف لفظن کي ٽئين نشان سان ملايو

ڪالم الف	ڪالم ب
چمن	تارا
اسڪول	سج
ٽيچر	مدرسو
لباس	سون
ماڪ	گل
زر	استاد
قمر	ڪپڙا
شمس	باغ
ستارا	ڪوهيڙ
گل	چنڊ

سنڌي ۾ واحد کان جمع ٺاهڻ جا چار طريقا آهن

1 وا کي هٽائي الف لڳائڻ سان جمع بنجي ويندو آهي

جهڙوڪ:

چوڪرو	چوڪرا
ٻڪرو	ٻڪرا
ننڍو	ننڍا
ڪمرو	ڪمرا
موزو	موزا
چوزو	چوزا
خربوزو	خربوزا

1 نون لڳائڻ سان جمع ٺاهيندا آهيون

جهڙوڪ:

ڪمرا	ڪمرن
چوڪرا	چوڪرن
دروازو	دروازن
سردار	سردارن
ديوار	ديوارن
دري	درين
ميز	ميزن

3 و نون لڳائڻ سان جمع ٺاهڻ

جهڙوڪ

ميز	ميزون
شئي	شيون
قبر	قبرون
نهر	نهرون
خبر	خبرون
عورت	عورتون

4 وا نون لڳائڻ سان جمع ٺاهڻ

جهڙوڪ

چوڪري	چوڪريون
ڪڪڙ	ڪڪڙيون
ٻڪري	ٻڪريون
مڇي	مڇيون
ڪاپي	ڪاپيون
گاڏي	گاڏيون

فارسي لفظن جو جمع ٺاهڻ لاءِ

بي جان ڪانپوءِ هائي لڳائيندا آهن ۽ جاندار لاءِ ان لڳائيندا آهن

جهڙوڪ بي بي جان

گلدستہ	گلدستہ هائي
رياست	رياست هائي
تختہ	تختہ هائي

جهڙوڪ جاندار

نوجوان	نوجوانان
مردم	مردمان
مسلمان	مسلمانان

سنڌي ۾ جات لڳائي ٻه جمع ناهي ويندي آهي

جهڙوڪ

محڪمو	محڪما جات
صوبا	صوبا جات

هدايت: پ سان شروع ٿيندڙ ڏهه لفظ لکو:

1 پاڪ
2 پنج
3 پات
4 پارڪ
5 پاس
6 پار
7 پهاڙ
8 پتنگ
9 پتو
10 پڳڙي

پهريون آواز/اکر لڳائي لفظ ناهڻ

پ لي آواز حرف لڳا ڪر لفظ بنانا

_____ ان پان

_____ ام شام

_____ اد باد

آخر ۾ آواز/ اکر لڳائي لفظ ناهڻ

ف و _____ فوج

م و _____ موج

ح و _____ حوض

پهرين آواز/ اکر ۽ آخري آواز/ اکر لڳائي لفظ بنائڻ

_____ ا _____ بات

_____ ا _____ نان

_____ ا _____ راج

هدايتون: وچ ۾ ڪو اکر لڳائي لفظ ناهڻ

جهڙوڪ:

ب _____ ن

ف _____ ج

ر _____ ت

ب _____ ل

غ _____ ر

هڪ لفظ ڏئي ڪري انهي جو خاندان نهرائڻ

استاد، ڪاري بورڊ تي هڪ لفظ لکي انهي مٿان گول دائرو ڪڍي ۽ انهي بعد ٻارن کي چوي تہ هو انهي لفظ سان لاڳاپيل ٻيا لفظ دائري جي ٻاهر لکن.


گوٺ
مختلف اناج
ٽرالي
هاري
زميندا ر
ڳوٺ جو ڪم
جهوپڙيو
ٻني
باغ
ڏاند گاڏي
ٽريڪٽر
مرغي خانا
جانورن جا فارم
ڪوهه
تلاو
پيچرو
ڪمبائين صحت مرڪز
ٽريشر
گل
ميوا
سايون پاڇيون

سبقي منصوبہ بندي 1 (Vocabulary)

ڪلاس: ٽئين کان پنجين تائين	مضمون: سنڌي، لفظن جو ذخيرو	موضوع: مذڪر، مونث ۽ نيوٽرل صنف	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق کي پڙهڻ کانپوءِ ٻار انهي لائق ٿي ويندا جو: 1 اهي مذڪر، مونث ۽ نيوٽرل صنف ۾ تفاوت ڪري سگهن.		
تدريسي مددگار	هي مشق ڪاري بورڊ تي سولائي سان ڪري سگهجي ٿي		
ستاد/ استادياڻي جو مضمون جي متن تي عبور		استاد/ استادياڻي، لفظن جي ذخيري ۽ بولي ڄاڻڻ ۾ انهي جي اهميت کان واقف هجن	
طريقيڪار			

ڏنل وقت	سرگرميون	مددگار شيون
5 منٽ	استاد/ استادياڻي شاگرد/ شاگرديائي روز مره جي زندگي ۾ استعمال ٿيندڙ شين جي نالن جو انتخاب ڪندو/ ڪندي جيڪي مذڪر، مونث ۽ نيوٽرل صنف تي ٻڌل هوندا ۽ انهن کي هڪ خاني جي صورت ۾ بورڊ تي درج ڪرائيندو/ڪرائيندي.	
10 منٽ	شاعر مامون رچ فرد امان جهرڪي ڏوبي ماڇياڻي بادشاه شاگرد درزياڻي چيتا رانديڪو لوهار نوڪرياڻي مالهي ماڻهو مک	
10 منٽ	نانگ بابا انسان ناني موچي ڦڦڙ جانور پکي پٽ پيٽ ساهيڙي چاچو مثال طور استاد/ استادياڻي، هيٺ ڏنل خاني جي صورت ۾ بورڊ تي لکڻ بعد هيٺ ڏنل طريقي بموجب ٽن ڪالمن واري ٽيبل ناهيندو ۽ هر هڪ ڪالم ۾ ترتيب سان مذڪر، مونث ۽ نيوٽرل صنف جو عنوان لکندو/لکندي	

ڏنل وقت		مددگار شيون

مذڪر	مونث	نيوٽرل صنف

استاد/ استادياڻي شاگرد/ شاگرديڻي کي پنهنجن ڪاپين ۾ هيٺ ڏنل ٽيبل ناهڻ جي هدايت ڏيندو/ ڏيندي ۽ خاني ۾ ڏنل لفظن کي گهربل ڪالم ۾ درج ڪرڻ جي هدايت ڪندو/ ڪندي.

استاد/ استادياڻي ساٿين کي گروهن ۾ ورهائي هر گروهه ۾ ٽن شاگردن/ شاگرديڻين کي هدايت ڏيندو / ڏيندي ته هو پنهنجو ڪيل ڪم پنهنجي گروپ جي ساٿين سان پيٽين ۽ هڪبئي جي ڪمن جي چڪاس ڪن.

استاد/استادياڻي انهي سرگرمي جي مرحلي تي شاگردن/ شاگرديڻين جي رهنمائي، معاونت ۽ نگراني ڪندو/ ڪندي

استاد/ استادياڻي شاگرد/ شاگرديڻي جي هر گروپ کي هدايت ڪندو/ ڪندي ته هر گروپ مان ڪو هڪ ميمبر هڪ مذڪر ۽ انهي جي مونث کي ڏاڍيان آواز ۾ پنهنجن سمورن هم جماعتين جي سامهون پيش ڪندو/ ڪندي. اهڙي ريت، سمورن گروپن مان هڪ ميمبر پنهنجي واري اچڻ تي پنهنجو ڪم پيش ڪندو ويندو/ ويندي ۽ استاد/ استادياڻي جي راءِ وٺندو ويندو.

استاد/ استادياڻي شاگرد/ شاگرديڻي جي خيالن جي ڏيڻ ويڻ بعد پنهنجي وضاحت ۽ لفظن جوڙڻ ۾ انهي سرگرمي جي افاديت تي دليل ڏيندو/ ڏيندي ۽ شاگرد/ شاگرديڻين کي هدايت ڏيندو ته هو پنهنجي روزاني جي زندگي ۾ ڪي ٻ اهڙا ڏهه ڏهه مذڪر، مونث ۽ نيوٽرل صنف جي ڪالم الف، ب ۽ ج جي شڪل ۾ فهرست تيار ڪن.

	جائزو: Assessment استاد/استادياڻي درسي ڪتاب مان ڪنهن سبق جو انتخاب ڪندي، ٻارن کي چوندو/ چوندي تہ سبق کي اسڪين ڪندي، انهي ۾ ڪتب ايندڙ لفظن کي مذڪر، مونث، ۽ نيوٽرل جي ڪالم ۾ لکن. سرگرمي جي آخر ۾، استاد/ استادياڻي شاگردن جي گروپن کي پنهنجي پنهنجي ترتيب ڏنل فهرستن جي ڏيڻ ويڻ ڪرڻ ۽ انهن تي خيالن جو تبادلو ڪرڻ لاءِ چوندو/ چوندي.	

سبقي منصوبہ بندي 2 (Vocabulary)

ڪلاس: ٽئين ڪان پنجين تائين	مضمون: سنڌي لفظن جو ذخيرو	موضوع : ساڳي معنيٰ وارا لفظ	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق پڙهڻ بعد ٻار انهي لائق ٿي ويندا تہ 1 هو ساڳي معنيٰ وارن لفظن کي سڃاڻي سگهن 2 هو ساڳي معنيٰ وارن لفظن جو انتخاب ڪري سگهن		
تدريسي مددگار	هي مشق ڪاري بورڊ تي سولائي سان ڪري سگهجي ٿي		
ستاد/ استادياڻي جو مضمون جي متن تي عبور		استاد/ استادياڻي، لفظن جي ذخيري ۽ ٻولي ڄاڻڻ ۾ انهي جي اهميت کان واقف هجن	
طريقيڪار			

ڏنل وقت	سرگرميون	مددگار شيون
5 منٽ	1 استاد/ استادياڻي اڳواٽ پڙهيل سبق مان چند لفظ چونڊيندو/ چونڊيندي	
10 منٽ	نعمت، ساوڪ، ڪرم، تجويز، طاقت، رقبو، ترقي، ٿڌ، فرض، هلال، امن، ڪيئي ساوڪ، رحمت، سيارو، مشورو، ايراضي، اضافو، قوت، ذميواري، چنڊ، سلامتي، گهٽو	
10 منٽ	استاد/ استادياڻي بورڊ تي هيٺ ڏنل ٻن ڪالمن (الف ۽ ب) جي صورت ۾ بنا ڪنهن ترتيب جي درج ڪندو/ڪندي ۽ هڪ مثالي نمونو شاگردن کي ڏيکاريندو/ ڏيکاريندي	

ڪالم الف	ڪالم ب
نعمت	سلامتي
ساوڪ	گهٽو
ڪرم	ذميواري
تجويز	چنڊ
طاقت	اضافو
رقبو	قوت
ترقي	مشورو
فرض	ايراضي
هلال	ساوڪ
امن	رحمت
ڪيئي	سيارو
ٽڏ	الاهه جي طرفان انعام

استاد/ استادياڻي شاگردن/ شاگردياڻين کي هدايت ڪندو/ ڪندي ته هو پنهنجين ڪاپين ۾ مٿي ڏنل ڪالم (الف، ب) ۾ ڏنل لفظن کي درج ڪريو ۽ استاد/ استادياڻي جي مثالي نموني جي مدد سان لفظن ۽ انهن سان ملندڙ جلندڙ ساڳي معنيٰ وارن لفظن سان ملايو

استاد/ استادياڻي شاگرد/ شاگردياڻي کي هدايت ڏيندو/ ڏيندي ته هو پنهنجي ساڄي يا کاڀي پاسي وينل ساٿي سان گڏجي پنهنجي ڪم جو جائزو وٺن ۽ اهو ڳڻين ته سندن ساٿي جا ڪيترا جواب صحيح آهن ۽ ڪيترا غلط آهن.

استاد/ استادياڻي شاگرد/ شاگردياڻي کي هدايت ڏيندو/ ڏيندي ته شاگرد پنهنجي واري اچڻ تي استاد/ استادياڻي طرفان پڇيل لفظ جي ساڳي معنيٰ واري لفظ کي ڪالم ب مان ڏاڍيان آواز سان چئي ٻڌائيندو

نوٽ:

10 منٽ	1 استاد/ استادياڻي انهي موقعي تي هڪ شاگرد جي جواب جي تصديق/ تائيد/ تصحيح ڪرائڻ لاءِ ڪلاس روم مان ڪنهن بہ ٻن يا ٽن شاگردن/ شاگردياڻين کي واري واري سان نالو وٺي انهن جا امڪاني/متوقع جواب ٻڌائڻ لاءِ چوندو. 2 انهي مرحلي تي (Peer Assessment) جو استعمال ڪرڻ سان، پرهجوم جماعت يعني شاگردن/شاگردياڻين جا وڏي تعداد کي گهٽ وقت ۾ هر شاگرد کي سکڻ جي عمل مان ڀرپور طريقي سان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو جيڪو استاد/ استادياڻي کي پنهنجي تدريس ۽ شاگرد/ شاگردياڻين جي سکڻ جي صلاحيت کي هڪ مثبت انداز ۾ واضح رهنمائي فراهم ڪندو آهي	
10 منٽ	جائزو Assessment: استاد/ استادياڻي شاگرد/ شاگردياڻي جي شرڪت ڪانپوءِ انهي سرگرمي کي شاگرد/شاگردياڻين سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندي، انهي سرگرمي ۾ شاگردن/شاگرياڻين کي لفظن جي چونڊيل ذخيري مان چند چونڊيل ڏهاڙي جي جملن استعمال ڪيا ويندا آهن انهن لاءِ ساڳي معني وارا لفظ ڳولهڻ لاءِ گهر جي ڪم طور هدايت ڪندو/ڪندي.	

سبقي منصوبہ بندي 3 (Vocabulary)

ڪلاس: ٽئين کان پنجين تائين	مضمون: سنڌي لفظن جو ذخيرو	موضوع: ضد وارا لفظ	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق کي پڙهڻ بعد ٻار انهي لائق ٿي ويندا تہ: 1 هو متضاد لفظن جي شناخت ڪري سگهن.		
تدريس ۾ مدد ڪندڙ شيون	هي مشق ڪاري بورڊ تي پڻ سولائي سان ڪري سگهجي ٿي ڪاغذ جون پرچيون		
استاد/استادياڻي جو مضمون جي متن تي عبور هجڻ		استاد/استادياڻي لفظن جي ذخيري ۽ ٻولي جاڻڻ جي عمل ۾ انهي جي اهميت کان واقف هجن ۽ ضد لفظن جي جاڻ هجين	

طريقيڪار

ڏنل وقت	سرگرميون	مددگار شيون
5 منٽ 10 منٽ 10 منٽ	نوٽ: استاد/استادياڻي شاگرد/شاگرديانين کي لفظن جي جوڙڻ ۾ اضافي لاءِ پهرين هيٺ ڏنل لفظن جو راند جو خاڪو بورڊ تي ڪنهن پراڻي ڪيلينڊر جي پوئين صفحي تي تيار ڪندو/ڪندي ۽ سبق جي عبارت مان منتخب ڪيل لفظن کي مخصوص خانن ۾ درج ڪندو/ڪندي ستاد/استادياڻي شاگردن کي پنجن ميمبرن واري گروپ ۾ ورهائيندي ۽ گروپ جي هر رڪن کي هيٺ ڏنل ذميواري سونپي ويندي. 1 منتظم 2وقت جي سار سنڀال ڪندڙ 3نوٽ وٺندڙ 4 رهنما	

10 منٽ	استاد/استادياڻي شاگرد/شاگردياڻين کي پنهنجن پنهنجن گروپن ۾ لفظن جيتريون پرچيون ناهڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي ۽ انهن مٿان لفظن جي تعداد مطابق ترتيب وار انگ لکيا ويندا. استاد/استادياڻي شاگرد/شاگردياڻين کي گروپن ۾ هدايتون ڏيڻ کان پهرين هڪ عملي مشق ڪري ڏيکاريندو/ڏيکاريندي. انهي مشق ۾ هو شاگردن/شاگرياڻين سان انهي راند جي طريقي ڪار ۽ گروپ ۾ ڏنل ذميوارين جي باري ۾ وضاحت ڪندو/ڪندي. مثال طور: پرچي ۾ لکيل انگ جي مطابق لفظ جو ضد لفظ ٻڌائڻ 1 منتظم سمورن ميمبرن کي واري سان حصو وٺڻ ۾ معاونت ڪندو/ڪندي. 2 وقت نوٽ ڪندڙ انهي ڳاله جي خاطري ڪرائيندو تہ گروپ جو هر رڪن استاد/استادياڻي پاران ڏنل / مقرر ٿيل وقت ۾ راند کي مڪمل ڪري ۽ سمورن ميمبرن کي هڪ کان وڌيڪ دفعا کيڏڻ جو موقعو ملي 3 نوٽ وٺندڙ انهي ڳاله جي خاطري ڪرائيندو تہ شاگرد/شاگردياڻيون پرچي تي لکيل انگن موجب بورڊ تي درج ٿيل لفظ جو ضد ٻڌائي 4 رهنما، گروپ جي سمورن ميمبرن ۾ برابري جي بنياد تي راند کي پنهنجي معلومات ۾ اضافي لاءِ ڀرپور طريقي سان استعمال ڪندا/ڪنديون	
10 منٽ	استاد/ استادياڻي جي عملي مشق جي مشاهدي بعد، سمورا شاگرد/شاگردياڻيون پنهنجن گروپن ۾ پنهنجي لاءِ ذميوارين جو انتخاب ڪندا ۽ راند جي شروعات ڪندا/ڪنديون استاد/استادياڻي گروپن جي معاونت ۽ نگراني ڪندو/ڪندي گروپ ۾ سمورن ٻارن جا وارا مڪمل ڪرڻ ٿيڻ بعد استاد/استادياڻي راند ختم ڪرڻ جي هدايت ڏيندا/ڏيندي ۽ سمورن گروپ جي رهنمائن کي هدايت ڪندو تہ وڌ کان وڌ لفظن جا ضد ٻڌائڻ واري ساٿي جي نالي جو اعلان ڪري استاد/استادياڻي سمورن گروپن جي پيشڪش مڪمل ٿيڻ بعد شاگردن/شاگردياڻين سان انهي راند جي دوران پيش ايندڙ ڏکيائن ۽ دلچسپ پهلوئن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪندو ۽ انهي جو ورجاءُ ڪندو/ڪندي. استاد/استادياڻي شاگرد/شاگردياڻين کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ راند ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن مان ڪن بہ پنجن لفظن کي جملن ۾ استعمال ڪن	

10 منٽ	جائزو: Assessment: استاد/استادياڻي شاگرد//شاگردياڻين جي شرڪت ڪانپوءِ هن سرگرمي ڪي شاگردن/شاگردياڻين سان گڏ خيال جي ڏي وٺ ڪندي، انهي سرگرمي ۾ شاگردن/شاگردياڻين ڪي لفظن جي ذخيري جا ڪجه چيده لفظ جيڪي ڏهاڙي جي جملن ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن انهن کي ابتڙ لفظن جي ڳولا ڪرڻ لاءِ گهر جي ڪم طور ڪرڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي.	

سبقي منصوبہ بندي 4 (Vocabulary)

جماعت ٽئين کان پنجين تائين	مضمون سنڌي لفظن جو ذخيرو	موضوع: مرڪزي خيال ۽ انهي سان لاڳاپيل لفظ	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق کي پڙهڻ بعد ٻار انهي لائق ٿي ويندا تہ: 1 هو مرڪزي خيال سان جڙيل لفظ گڏ ڪري سگهن		
تدريس ۾ مدد ڪندڙ	هي مشق ڪاري بورڊ تي پڻ سولائي سان ڪري سگهجي ٿي		
استاد/ استادياڻي جو مضمون جي متن تي عبور:		استاد/ استادياڻي لفظن جي ذخيري ۽ ٻولي جاڻڻ ۾ انهي جي اهميت کان واقف هجن	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون	مددگار شيون	
	استاد/ استادياڻي هن سرگرمي لاءِ اڳوات پڙهيل سبق جي عبارت مان اهڙن لفظن جو انتخاب ڪندو/ ڪندي جيڪي ٻنهنجي حيثيت ۾ اسم هجن جنهن سان وڌيڪ لفظ ڳنڍي سگهجن يعني اهي لفظ، چونڊيل لفظن سان ويجهو تعلق رکندا هجن. جهڙوڪ:  		

استاد / استادياڻي چونڊيل لفظ بورڊ تي لکندو ۽ شاگردن/شاگردياڻين کي هدايت ڪندو/ ڪندي ته هوپنهنجي ڪاپي ۾ انهي لفظ کي صفحي جي وچ ۾ واضح انداز ۾ لکن

استاد/ استادياڻي کين هدايت ڪندو/ ڪندي ته هو انفرادي طور تي لفظ جو غور سان مطالعو ڪندي، انهي لفظ سان ڳنڍيل لفظن کي ڏنل نموني موجب پر ڪن.
استاد/ استادياڻي شاگردن/ شاگردياڻين کي هدايت ڪندي ته هو پنهنجي ڪيل ڪم کي ساڄي/ ڪاپي وينل ساٿين سان ڀيٽ ڪن ۽ هڪ گڏيل فهرست تيار ڪن.
استاد/ استادياڻي شاگردن/ شاگردياڻين کي هدايت ڪندو/ ڪندي ته جوڙي جو ڪوبه هڪ ميمبر پنهنجي گڏيل فهرست پنهنجن هم جماعتين سان گڏ باآواز بلند خيالن جي ڏي وٺ ڪندو/ ڪندي



جائزو Assessment
استاد/ استادياڻي چند جوڙن کي چوندي ته هو پنهنجي سموري فهرست سڄي جماعت سان خيالن جي ڏي وٺ بعد هدايت ڪندو/ ڪندي.
1هن سرگرمي مان توهان ڇا سکيو؟
2 هن سرگرمي مان اسان ڪهڙو فائدو وٺي سگهون ٿا؟
3 ڇا انهي سرگرمي سان توهان جي لفظن جي ذخيري ۾ اضافو نه ٿيو
استاد/استادياڻي شاگردن/ شاگردياڻين جي امڪاني جوابن کي پنهنجي سمجه ۽ فهم استعمال ڪندي، هن سرگرمي کي آئنده لفظن جي ذخيري ناهڻ لاءِ استعمال ڪندو/ڪندي.
استاد/استادياڻي شاگردن/ شاگردياڻين کي گهر جي ڪم جي صورت ۾ عملي ڪم بطور هڪ لفظ 'باغ' يا 'ريگستان' بورڊ تي درج ڪندو/ ڪندي ۽ منتخب ٿيل لفظ سان ڳنڍيل لفظ ڳولهڻ ۽ ڪاپي ۾ درج ڪرڻ لاءِ چوندو/ چوندي. استاد/ استادياڻي ٻارن کي گهر جي ڪم جي طور تي لفظن جي ناهيل نقشي جي مدد سان چند جملن تي ٻڌل پيراگراف لکڻ جو چوندو/ چوندي

يونٽ 6
سمجهڻ
Comprehension
سيشن 1

مهارتون

1 سمجهڻ

تدريسي حاصلات:

هن سيشن کانپوءِ استاد انهي لائق ٿي ويندا ته:

ڪنهن بـ متن کي پڙهڻ ۾ سمجهڻ جي اهميت ۽ افاديت کي سمجهي سگهن
پڙهڻ جي صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ ۾ متن جي فهم جي افاديت جي وڪالت ڪري سگهن
ٻارن جي سمجهڻ جي صلاحيت ۾ بهتري آڻڻ وارين سرگرمين جو تنقيدي جائزو وٺي ڪري مناسب تبديلين سان ڪتب آڻي سگهن.

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
40 منٽ	تعارف: معاونت ڪندڙ سمجهڻ جو تعارف ڪرائڻ لاءِ هيٺ ڏنل ڪهاڻي جو استعمال ڪندو/ڪندي. پرلن ۽ ترلي هڪ لڳا جو ذڪر آهي تـ هڪ ماڇومين ترلي ۾ رهندو هو. هو ترلي فرامش ڪتفي ڪرونڻ ويندو هو ۽ ڏروڪي تي واپس ايندو هو. هڪ ڏينهن ٻئي شرلي جي پرلن گهمڻ ڦرڻ لاءِ پنهنجي تلپن سان گڏ ماڇو آئي. تڏهن اتي ڇڇرپا اچي ويو ۽ سڀ ڪنٽو تي ويا. پرلن ماڇوئن جي ڏڙيندڙ وٽ پهچي وئي. پرلن ڏڙيندڙ کي ڏنو تـ پڪچو تي ڊينتي ڏنائين پر پڪچو تي ڪير بـ نـ آيو. پرلن اندر بيهڻ جو فيصلو ڪيو. پرلن اندر بيٺي تـ اندر ڪير بـ نـ هو.	

	پرلن اندر بيٺي ته اندر ڪير بہ نہ هو. پرلن چاڪاڻ ته ڪي رمپا کان هاڪتي هئي انهي ڪري هو گل فرانتا تي وئي. جڏهن ترلي ڏروڪي کي پنهنجي ڏڙيندڙ واپس آيو ۽ پرلن کي فرانتو ڏٺائين تو هو رتڪو تي ويو ۽ بگوتي جا ٽاشا پرلن جي وات تي وڌائين. پرلن کي فرانتو آيو ته ماچوئن پرتايو؛ " توهان ڪير آهيو؟" پرلن کين نرتايو؛ " مان هڪ پرلن آهيان". ماچوئن جي وڏيڪ پرتالڻ تي پرلن کين نرتايو ته ڇڇرپا جي اچڻ کان اڳ مان ۽ منهنجا تلپا هڪبئي سان رغبا تي وياسين. پوءِ پرلن ماچوئن کي فرانتيو ته ڇا هو هتي تابي سگهي ٿي. ماچوئن هڪبئي سان ڪلتي ڪري چيو؛ " نيڪ آهي". معاونت ڪندڙ شريڪ ڪارن کي هدايت ڪندو/ ڪندي ته هو ڏنل عبارت کي پڙهن ۽ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب ڏين سوال؛ 1 ماچومين ڪير رهندا هئا؟ 2 پرلن ڪٿان آئي هئي؟ 3 ڇڇرپا ڪڏهن آيو ۽ پوءِ ڇا ٿيو؟ 4 پرلن ڇو ۽ ڪٿي گل فرانتا تي وئي؟ 5 پرلن پڪچوپر ڏينتي ڏيڻ بعد ڇا ڪيو؟ شرڪت ڪندڙ سوالن جا جواب سولائي سان ڏئي سگهندا پر چاڪاڻ ته متن ۾ لفظ ايڏا ته سمجه ۾ نہ ايندڙ آهن جو ڪير بہ انهن کي سمجهڻ کان قاصر رهندو. معاونت ڪندڙ انهي اهم نقطي کي ڪٽندي، انهي ڳاله تي زور ڏيندو/ ڏيندي ته سوالن جو جواب ڏيڻ انهي ڳاله جي ضمانت ناهي ته متن سمجه ۾ بہ اچي وڃي. تنهنڪري، ڪلاس روم ۾ متن کي زور سان پڙهائڻ ۽ سوال جواب سان سمجهڻ جو مقصد حاصل نٿو ڪري سگهجي. تفهيم جو مقصد، صرف متن جي قرات ڪرڻ ۽ سمجهڻ وارن سوالن جا جواب ڏيڻ ناهي پر متن ۾ موجود مصنف جي ستن اندر لڪل پيغام کي سمجهڻ بہ آهي. پنهنجي انهي اهم نقطي کي سمجهائڻ لاءِ، معاونت ڪندڙ شرڪت ڪارن ۾ هيندڙ آئوٽ ورهائيندو جنهن تي هيٺ ڏنل ڪهاڻي درج ٿيل هوندي. 2 معاونت ڪندڙ، متن پڙهڻ ۾ سمجهڻ جي اهميت تي روشني وجهندو ۽ هيٺ ڏنل ڊائيگرام ڪاري بورڊ تي ناهيندو/ ناهيندي	



معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن جو ڌيان ڊائگرام طرف ڇڪائيندي، متن جي سمجهڻ ۾ مقصد سان پڙهڻ جي عمل تي زور ڏيندو/ڏيندي ۽ انهي عمل کي ڪتب آڻڻ لاءِ، ٻارن کي ڪجه اهڙين سرگرمين ۾ مشغول ڪرڻ گهرجي جيڪي ته هو پنهنجي سمورو ڌيان متن کي غورسان پڙهڻ ۾ صرف ڪن. ڇوته متن کي جيترو غور ۽ تندهي سان پڙهيو وڃي متن جي سمجه اوتروئي سولي ٿي سگهي ٿي.

معاونت ڪندڙ پنهنجي ڳاله کي اڳتي وڌائيندي، شرڪت ڪندڙ کي آگاه ڪندو ته هڪ سنو پڙهندڙ، متن پڙهڻ وقت خود پنهنجي سمجه سوچ جي نگراني ڪندو آهي جنهن سان ڪيس متن پڙهڻ دوران درپيش ڏکيائن تي قابو پائڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي.

سمجهڻ ۾ نگراني جون حڪمت عمليون:

1 نشاندهي: متن جي انهي حصي جي نشاندهي ڪرڻ جنهن هنڌ متن کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش آئي هجي

2 نوعيت: ڏکيائي جي نوعيت جي نشاندهي ڪرڻ

3 ورجائڻ: متن ۾ موجوده ڏکين جملن کي پنهنجن لفظن ۾ ورجائڻ

4 متن جي ڏکئي حصي سان پوئين حصي کي ٻيهر پڙهڻ

5 ۽ ڪڏهن متن جي مشڪل حصي کان اڳتي وارو حصو پڙهڻ ته جيئن متن کي بهتر طريقي سان سمجهي سگهجي. انهي کان علاوه متن کي سمجهڻ لاءِ پڙهندڙ جي اڳوڻي معلومات ۽ سوال ڪرڻ جي حڪمت عملي کي استعمال ڪرڻ به فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو.

30 منٽ

سرگرمي نمبر 2

معاونت ڪندڙ، ڳاله کي اڳتي وڌائيندي، شرڪت ڪندڙن کي ٻڌائيندو/ ٻڌائيندي ته متن جي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته پڙهڻ وقت پڙهندڙ کي ڪو خاص مقصد ڏيڻ لازمي آهي. معاونت ڪندڙ هيٺ ڏنل خاڪو ٺاهيندو.

سمجهڻ جون حڪمت عمليون:

پڙهڻ کان پهرين	پڙهڻ وقت	پڙهڻ کانپوءِ

معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن جو ڌيان خاڪي طرف ڇڪائيندي، وضاحت ڪندو ته ڪنهن ٻ متن کي جيڪڏهن سمجهڻ خاطر پڙهجي ته انهي عمل کي عملي جامو پارائڻ لاءِ ڪجه خاص حڪمت عمليون اختيار ڪرڻيون پونديون آهن. معاونت ڪندڙ مٿي ڏنل خاڪي مان هڪ هڪ ڪري حڪمت عمليون لکندو ويندو ۽ انهن جي وضاحت ڪندو ويندو/ ويندي

45 منٽ

پڙهڻ کان اڳ	پڙهڻ وقت	پڙهڻ کانپوءِ
سمجهڻ جي نگراني	شناخت ڪرڻ	متبادل تدريسي طريقي ڪار
اڳوئي معلومات ڪتب آڻڻ	فرق واضح ڪرڻ	وين ڊائيگرام
پيشنگوئي ڪرڻ	درجي بندي ڪرڻ	پيشنگوئي(DRTA)
سوال ڪرڻ	ترتيب ڏيڻ	(K-W)-L
ذهني سوچڻ ويچارڻ Brain Storming	صحيح/غلط ڳولڻ	چارنشان هڪ عنوان
K-W-(L)	معلومات کي ملائڻ	INSERT
تصويرون	سوال ڪرڻ	رهنما اندازا
	خالي جاءِ پرڻ	

30 منٽ 20 منٽ	معاونت ڪندڙ سڀ کان پهرين، پڙهڻ کان اڳ وارين حڪمت عملين تي عملي ڳاله ٻوله ڪندو ۽ هڪ هڪ ڪري سڀني حڪمت عملين جي وضاحت ڪندو/ ڪندي. بعد ۾، معاونت ڪندڙ شرڪت ڪندڙن کي گروپن ۾ ورهائي هدايت ڪندو/ ڪندي ته هو پنهنجي گروپ جي ميمبرن سان گڏجي انهن حڪمت عملين تي خيال جي ڏي وٺ ڪن. سرگرمي نمبر 4: سمجهڻ جا مختلف طريقا نوٽ: ڇاڪاڻ ته سنڌ ريڊنگ پروگرام گهڻو ڪري اهڙن ٻارن جي پڙهڻ جي صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ آهي جيڪي ياتہ اجان ابتدائي درجن ۾آهن يا وڌين درجن ۾ هئڻ جي باوجود متن کي پڙهڻ ۽ انهي کي سمجهڻ جي صلاحيت کان اڻواقف آهن. تنهنڪري، هيٺ ڏنل سموريون سرگرميون انتهائي سوليون ۽ شاگردن جي معيار کي مدنظر رکي ترتيب ڏنيون ويون آهن. معاونت ڪندڙ، هيٺ ڏنل ڪهاڻي جو هينڊ آئوٽ شرڪت ڪارن ۾ ورهائيندو/ ورهائيندي. لالچ بري بلا آهي هڪ ڀيري جو ذڪر آهي ته هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ نوجوان رهندو هو جنهن وٽ سونين اشرفين سان ڀريل هڪ ٿيلهي هئي. هن نوجوان کي هميشہ هي خوف رهندو هوتہ سندس اشرفين جي ٿيلهي گم ٿي ويندي. تنهنڪري اشرفين جي ٿيلهي کي هو هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هو. هڪڙي ڏينهن هي نوجوان تڪڙ ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته ڪيس احساس ٿيو ته سندس اشرفين جي ٿيلهي سندس ڪيسي مان ڪٿي ڪري پئي آهي. هو ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ پنهنجي اشرفين جي ٿيلهي کي ڳولهڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙيو پر ناڪام رهيو. آخر هن اعلان ڪرايو ته جيڪو بہ ماڻهو سندس اشرفين جي ٿيلهي ڳولهي ايندوهو ڪيس ڏهہ اشرفيون انعام ۾ ڏيندو. ڪجهہ ڏينهن بعد، نوجوان وٽ هڪڙو غريب هاري آيو. وٽس هن نوجوان جي گم ٿيل اشرفين جي ٿيلهي هئي. هاري اها ٿيلهي	

30 منٽ	نوجوان کي ڏيندي چيو تہ ڪيس اها ٿيلهي هڪڙي وڻ جي تاري تي ٽنگيل ملي هئي. نوجوان، اشرفين جي ٿيلهي واپس ملڻ تي خوشي ۾ گد گد پئي ٿيو. هاري ڪيس انعام ڏيڻ جو واعدو ياد ڏياريو تہ نوجوان جي دل ۾ لالچ اچي وئي ۽ هن هاري کي چيو تہ هو پنهنجو انعام اڳيئي ٿيلهي مان ڪڍي چڪو آهي. هاري انهي الزام تي ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ روئڻ لڳو. جنهن تي نوجوان ڪيس ڏاڍي بي رحمي سان چيو تہ اشرفين جي ٿيلهي ۾ ڪڪڙ جي آني جيترو هڪ موتي پڻ هو جيڪو هاڻي ٿيلهي ۾ ڪونهي. هاري ڏاڍو رنو ۽ ڪيس منٽون ڪيائين تہ هو ڪيس انعام واريون اشرفيون ڏئي پر نوجوان پنهنجي ڳاله تي اٽل هو تہ هاري، ٿيلهي مان ڪڪڙ جي آني جيڏو وڏو موتي ڪڍي چڪو آهي. آخرڪار، هاري پنهنجو هي مسئلو عدالت ۾ ڪڍي ويو. قاضي، نوجوان ۽ هاري جون شڪايتون وڏي غور سان ٻڌيون ۽ اشرفين جي ٿيلهي کي گهرائي ماڻهن جي آڏو رکيو ۽ پڇيو تہ ڇا انهي ٿيلهي ۾ جيڪا مٿي تائين ڀريل آهي، انهي اندر ايتري جاءِ بچي ٿي جو انهي ۾ ڪڪڙ جي آني جيترو موتي اچي سگهي. سڀني ماڻهن چيو تہ نہ ائين نٿو ٿي سگهي ڇاڪاڻ تہ ٿيلهي ۾ ايتري گنجائش ئي ڪانهي. قاضي پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي چيو تہ جيئن تہ انهي ٿيلهي ۾ ڪنهن ٻئي اضافي جي گنجائش ئي ڪانهي ۽ نوجوان موجب سندس ٿيلهي ايتري وڏي آهي جو انهي ۾ ڪڪڙ جي آني جيترو موتي اچي سگهي ٿو تنهنڪري هي ٿيلهي هن نوجوان جي ناهي ۽ قانون موجب هي ٿيلهي جنهن ماڻهو کي ملي آهي هاڻ انهي جي ئي آهي. هاري، اشرفين سان ڀريل ٿيلهي ملڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ قاضي جي فيصلي جي ساراهہ ڪرڻ لڳو. انهي لالچي نوجوان پنهنجي صفائي ۾ گهڻو ڪجه چوڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪنهن سندس هڪ بہ نہ ٻڌي. اهڙي ريت، ڪيس سندس لالچ جي بري سزا ملي. لالچ واقعي بري بلا آهي. هينڊ آئوٽ ورهائڻ بعد، معاونت ڪندڙ شرڪت ڪندڙن کي هيٺ ڏنل سرگرميون ڪرڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي.	

30 منٽ	(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا جواب درج ڪريو: 1: نوجوان جي ٽيلهي ۾ ڪهڙي قيمتي شئي هئي؟ 2: نوجوان جي ٽيلهي ڪنهن کي ملي؟ 3: نوجوان، غريب هاري تي ڪهڙو الزام هنيو؟ 4: هاري، پنهنجو مسئلو ڪٿي قاضي وٽ ڇو ويو؟ 5: قاضي ڪهڙو فيصلو ڏنو؟ 6: قاضي، هاري جي حق ۾ فيصلو ڇو ڏنو؟ (ب) ڏنل عبارت کي ڌيان سان پڙهو ۽ هيٺ ڏنل جملن کي پڙهي صحيح ( )، غلط ( ) يا خبر ناهي(*) جو نشان لڳايو 1 اشرفين جي ٽيلهي ۾ ڪڪڙ جي مٿي جيڏو وڏو موتي هو ( ) 2 نوجوان کي خوف هو تہ متان سندس اشرفيون چوري نہ ٿي وڃن ( ) 3 نوجوان جهنگ ۾ پنهنجي اشرفين جي ٽيلهي ڳولهيندو رهيو ( ) 4 نوجوان اعلان ڪرايو تہ جيڪو بہ سندس اشرفين جون ٽيلهيون ڳولهي ايندو هو ڪيس انعام ۾ ويه اشرفيون ڏيندو ( ) 5 نوجوان وٽ چاندي جي اشرفين جي ڀريل هڪ ٽيلهي هئي ( ) 6 هاري ڪيس ٻڌايو تہ اشرفين جي ٽيلهي ڪيس وڻ جي ٽاري سان ٽنگيل ملي هئي ( ) 7 نوجوان اشرفين جي ٽيلهي ملڻ تي خوشي مان نچڻ لڳو ( ) 8 ڳوٺ جو قاضي هڪ ايماندار شخص هو جيڪو هميشہ انصاف ڪندو هو ( ) 9 قاضي جو فيصلو ٻڌي نوجوان چپ چاپ عدالت مان هليو ويو ( ) 10 غريب هاري هڪ ننڍڙي جهوپڙي ۾ رهندو هو ( ) (ج) هيٺ ڏنل عبارت کي ڌيان سان پڙهو ۽ خالي جاءِ کي، خاني ۾ ڏنل مناسب لفظن سان ڀريو **منٿون ڪيائين آنا رٽ خوشي ۾ گد گد ٿيڻ لالچ انعام روئڻ ٽيلهي غريب وڻ**	

	ڪجه ڏينهن ڪانپوءِ نوجوان وت هڪ .....هاري آيو، وتس نوجوان جي گم ٿيل اشرفين جي.....هئي. هاري اها ٿيلهي نوجوان کي ڏيندي ڪيس ٻڌايو تہ ڪيس اها ٿيلهي هڪ.....جي تار تي تنگيل ملي هئي. نوجوان، اشرفين سان پريل ٿيلهي جي واپس ملڻ تي..... هاري ڪيس انعام ڏيڻ جو واعدو ياد ڏياريو تہ نوجوان جي دل ۾.....اچي وئي ۽ هن هاري کي چيو تہ هو اڳيئي پنهنجو... ٿيلهي مان ڪڍي چڪو آهي. هاري انهي الزام تي ڏاڍو پريشان ٿيو ۽..... لڳو جنهن تي نوجوان ڏاڍي بي رحمي سان ڪيس چيو تہ اشرفين جي ٿيلهي ۾ هڪ ڪڙ جي...جيڏو وڏو موتي بہ هو جيڪو هاڻي ٿيلهي ۾ ڪونهي. هاري ڏاڍو رنو ۽.....تہ ڪيس انعام جون ڏهہ اشرفيون ملي وڃن پر نوجوان جي هڪڙي ئي ....هئي تہ هاري ٿيلهي مان ڪڙ جي آني جيڏوقيمتي موتي ڪڍي چڪو آهي.	
50 منٽ	خلاصو: معاونت ڪندڙ، سمجهڻ جي عنوان کي سميٽيندي سڀني شرڪت ڪارن کي گروپن ۾ ويهاري، پنهنجي جماعت کي سمجهڻ جي صلاحيت سيکارڻ جي طريقي ڪار کي استعمال ڪندي، هڪ هڪ تدريسي سرگرمي ناهڻ جي هدايت ڪندو/ ڪندي معاونت ڪندڙ، گروپن کي واري واري سان جماعت آڏو پنهنجي تدريسي سرگرمي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي	

يونٽ نمبر 6
سمجهڻ جا طريقا
سيشن 2

مهارتون

1 سمجهڻ جا طريقيڪار

تدريس جا حاصلات

هن سيشن بعد، استاد انهي لائق ٿي ويندا ٿ:

1 ڪنهن بـ متن کي سمجهڻ جي سرگرمين کي بيان ڪري سگهندا

2 پڙهڻ جي مرحلي (پڙهڻ کان اڳ، انهي دوران ۽ بعد ۾) جي سرگرمين جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا

ڏنل وقت	طريقيڪار	مددگار شيون
40 منٽ	تعارف: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن جي مدد سان سيشن 1 جي سرگرمين جو جائزو وٺندي ڪين ٻڌائيندو ٿ هن اجلاس ۾ اسان سمجهڻ جي طريقي ڪار ۽ متفرق حڪمت عملين جي استعمال کي عملي طور تي سمجهائڻ خاطر سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ معاون تدريسي مواد مان چونڊيل سبق تي انهن حڪمت عملين ۽ طريقي ڪار کي استعمال ڪندا سين. اهڙي ريت، شرڪت ڪندڙ، سمجهڻ جي حڪمت عملين کي سبق تي عملي طور تي استعمال ڪري سگهي ويندا	
30 منٽ	Development سرگرمي نمبر 1: سبق: حاڪم اهڙا ٿيندا آهن (سنڌي ٽيون ڪتاب، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ) (پڙهڻ کان پهرين) (Pre Reading)	هينڊ آئوٽ

	شناخت (Identifying) 1 معاونت ڪندڙ بلند آواز سان ٻارن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ سبق جي عبارت ۾ موجود سمورن پيراگرافن تي نمبر لکن ۽ پيراگرافن جي ڪل تعداد کي پنهنجي ڪاپي ۾ درج ڪن. 2 معاونت ڪندڙ هيٺ ڏنل سوال ۽ خاڪو بورڊ تي ٺاهيندو/ٺاهيندي آخري لفظ | پهريون لفظ | پيراگراف نمبر 1 2 3 4 5 نوٽ: معاونت ڪندڙ جو مقصد شرڪت ڪارن کي پيراگراف جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ آهي. جهڙوڪ: سبق جي ترتيب، پيراگراف جي مناسبت سان، پيراگراف جي شروعات ۽ پڄاڻي وغيره While_Reading (پڙهڻ وقت) (Matching) 1 معاونت ڪندڙ بورڊ تي هيٺ ڏنل خاڪو تشڪيل ڏيندو/ڏيندي ۽ شرڪت ڪارن کي انفرادي طور تي پنهنجي ڪاپي ۾ ساڳئي ٽيبل ٺاهڻ جي هدايت ڪندو.	45 منٽ

30 منٽ	
20 منٽ	

کالم (ب) پيراگراف نمبر	کالم (الف) معلومات
ڏکر	5
ڦٽڪا هنيا	1
ڊگهو قد	3
قميص جو ڪپڙو	4
پورو سفر طئي ڪيو	2

نوٽ: معاونت ڪندڙ عبارت مان چند منتخب ٿيل لفظ ڪالم الف ۾ جڏهن ته ڪالم ب ۾ انهن جا مخصوص پيراگراف نمبر بي ترتيب درج ڪندو.

2 معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي خاڪي ۾ درج ڪيل معلومات کي پنهنجين پنهنجين ڪاپين ۾ لکڻ جي هدايت ڪندو.

3 معاونت ڪندڙ هاڻي شرڪت ڪارن کي هدايت ڪندو/ڪندي ته سيئي شرڪت ڪندڙ انفرادي طور تي خاموشي سان سبق جي عبارت پڙهندا ۽ جنهن پيراگراف ۾ هيٺ ڏنل خاڪي ۾ ڏنل لفظ موجود هوندا انهي مان ڪالم ب ۾ ڏنل پيراگراف نمبر سان انهي کي ملائيندا.

4 سرگرمي مڪمل ٿيڻ بعد، معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي اجتماعي طور تي ڏنل سرگرمي جا جواب معلوم ڪندو/ڪندي تنهنڪري جن شرڪت ڪندڙن جا جواب صحيح هوندا ۽ جن جا جواب صحيح نه هوندا اهي سڀ پنهنجا جواب صحيح هئڻ جي سند حاصل ڪندا يا غلط هئڻ جي صورت ۾ جواب درست ڪندا/ڪنديون

30 منٽ	پڙهڻ کانپوءِ (Post_Reading) ترتيب ڏيڻ (Ordering) 1 معاونت ڪندڙ، منتخب ٿيل عبارتي جملا بورڊ تي درج ڪندو/ڪندي ۽ شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ هو اهي سڀ جملا پنهنجين ڪاپين ۾ نوٽ ڪن 1؛ پٽ سمورن ماڻهن جي سامهون ٻڌايو تہ مونکي ۽ منهنجي والد کي پڻ ايترو ئي ڪپڙو مليو هو 2؛ والد صاحب جو قد ڊگهو هئڻ سبب سندن قميص نہ پئي نهي سگهي. 3؛ خليفي پنهنجي پٽ کي دربار ۾ گهرايو 4؛ تنهنڪري مون پنهنجي حصي جو ڪپڙو بہ ڪين ڏئي ڇڏيو 5؛ جيترو سيني مسلمانن کي ڏنو ويو هو 2 معاونت ڪندڙ شرڪت ڪارن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ مٿي ڏنل ٽيبل ۾ ڇاڻايل جملن کي سبق جي عبارت جي ترتيب جي لحاظ سان انهن جملن جي آڏو نمبر درج ڪن 4 معاونت ڪندڙ سرگرمي جي دوران شرڪت ڪارن جي مدد، رهنمائي ۽ نگراني ڪندو/ڪندي 5 4؛ معاونت ڪندڙ، سرگرمي مڪمل ٿيڻ بعد شرڪت ڪندڙن کي چوندو تہ هو پنهنجي ساڄي/ ڪاپي ويٺل ساٿي سان پنهنجا جواب ڀيٽين. 5؛معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کان، بورڊ تي لکيل جملن جي درست ترتيب معلوم ڪندو ۽ نمبر بورڊ تي درج ڪندو/ ڪندي. سرگرمي نمبر 2؛ سبق؛ حضرت علي (رضي الله تعالي عنهہ) (سنڌي ٽيون ڪتاب، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)	

پڑهڻ کان اڳ (Pre Reading)
(K_W_L)

معاونت ڪندڙ بورڊ تي هيٺ ڏنل خاڪو ٺاهيندو/ٺاهيندي

هينڊ آئوٽ

(الف) مان ڇا ڄاڻان ٿو/ ڄاڻان ٿي What I know	(ب) مان ڇا ڄاڻڻ چاهيان ٿو/چاهيان ٿي What I want to know	(ج) مان ڇا ڄاڻي چڪس/چڪيس What I learned

1: معاونت ڪندڙ، سبق جو عنوان حضرت علي رضہ بورڊ تي درج ڪندو/ ڪندي ۽ سيني شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ چند سيڪنڊن لاءِ، عنوان ۾ ڏنل شخصيت جي باري ۾ سوچين.

2: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن جو ڌيان، پهرئين ڪالم طرف ڇڪائيندو/ڇڪائيندي ۽ وٺانئن حضرت علي جي باري ۾ سندن معلومات گڏ ڪندو/ڪندي ۽ پهرئين ڪالم الف ۾ درج ڪندو/ڪندي

3: معاونت ڪندڙ هاڻي شرڪت ڪندڙن کان سوال پڇندو/پڇندي تہ هو حضرت علي رضہ جي باري ۾ وڌيڪ ڪهڙي معلومات حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.

4: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي ڇئن ميمبرن واري گروپ ۾ ورهائيندو/ورهائيندي ۽ هر ميمبر پنهنجي گروپ ۾ ويهي ذهن ۾ ايندڙ سوال درج ڪرائيندو/ڪرائيندي

نوٽ: گروپ جا سمورا ميمبر پنهنجي پنهنجي واري اچڻ تي گروپ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندا ۽ معاونت ڪندڙ سندن نگراني ۽ مدد ڪندو/ڪندي تہ جيئن سوالن جي تڪرار نہ ٿئي.

	5: معاونت ڪندڙ، سموري گروپ کان ترتيب وار سوال پڇندو/پڇندي ۽ ڪالم ب ۾ درج ڪندو/ڪندي 1: معاونت ڪندڙ، تشڪيل ڏنل چار رڪني گروپن لاءِ، چار ڪردار (رول) بورڊ تي درج ڪندو/ڪندي	
30 منٽ	1: خلاصو يا تت ٻڌائيندڙ 2: سوال پڇندڙ 3: جواب ڏيندڙ 4: بحث ڪندڙ معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙ کي چئني ڪردارن جي باري ۾ آگاهي فراهم ڪندو/ڪندي، جهڙوڪ: خلاصو يا تت ٻڌائيندڙ: عبارت کي ڏاڍيان آواز ۾ پڙهي انهي جو تت گروپ جي ميمبرن سان خيالن جو تبادلو ڪندو/ڪندي سوال ڪندڙ: عبارت کي پڙهي انهي جي باري ۾ گروپ ميمبرن کان سوال پڇندو جواب ڏيندڙ: سوال پڇندڙ جي سمورن سوالن جا جواب ڏيندو/ڏيندي بحث ڪندڙ: پڇيل سوالن ۽ جوابن تي پنهنجي دليلن جي بنياد تي بحث ڪندو/ڪندي معاونت ڪندڙ شرڪت ڪندڙن کي هدايتون ڏيندو/ڏيندي تہ سمورن گروپن ۾ موجود خلاصو ٻڌائيندڙ، سبق جي عبارت کي باآواز بلند پڙهندو/پڙهندي جڏهن تہ گروپ جا ٻيا ميمبر ڪين ڏيان سان ٻڌندا معاونت ڪندڙ انهي دوران سيني گروپن کي رهنمائي ۽ معاونت فراهم ڪندو/ڪندي	

	معاونت ڪندڙ، هاڻي سمورن گروپن کان، گروپن ۾ ٿيندڙ بحث جي باري ۾ شرڪت ڪندڙن جي راءِ وٺندو/وٺندي گروپن ۾ اهڙي بحث جو توهان ڪهڙو نتيجو ڪڍيو اهڙي طريقي سان سبق پڙهڻ مان توهان ڇا سکيو پڙهڻ کانپوءِ Post Reading معاونت ڪندڙ شرڪت ڪندڙن جو ڌيان ڪالم (ج) تي ڇڪائيندي سوال ڪندو/ڪندي تہ انهن اڄ، حضرت علي رضہ جي باري ۾ پنهنجي معلومات ۾ ڪهڙو اضافو آندو؟ معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن جي جوابن کي ڪالم (ج) ۾ درج ڪندو/ ڪندو تخليقي لکت Core Version معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ هو انفرادي طور تي انهي سبق مان پنهنجي پسند جو ڪوبہ هڪ جملو منتخب ڪن ۽ انهي جي پسنديدگي جي سبب کي وضاحت سان لکن. سرگرمي نمبر 3: سبق؛ بگهڙ ۽ ردِ جو ٻچو (ڪتاب مينا، آڪسفرڊ اردو سلسلو براءِ ٻيو درجو) پڙهڻ کان اڳ Pre_reading پيش گوئي Prediction 1؛ معاونت ڪندڙ، سبق جي عبارت ۾ ڏنل تصوير کي غور سان ڏسڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي ۽ تصويرن جي مدد سان شرڪت ڪندڙن کي ڪهاڻي پرجهڻ يا پروڙڻ لاءِ چوندو/چوندي	

	2: معاونت ڪندڙ پنجن يا ستن شاگردن/شاگردياڻين کي واري واري سان ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ چوندو/چوندي نوٽ: اهڙي ريت ڪهاڻي پروڙڻ جو عمل، شرڪت ڪندڙن ۾ سبق کي پڙهڻ ۾ دلچسپي ۽ لڳاو کي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو پڙهڻ وقت While reading شناخت ڪرڻ Identifying شناخت ڪرڻ 1: معاونت ڪندڙ، سبق جي عبارت مان منتخب ٿيل هيٺ ڏنل لفظن کي، بورڊ تي خانو ناهي درج ڪندو/ڪندي نوٽ: معاونت ڪندڙ سبق کي ڏاڍيان آواز ۾ پڙهندي، ادائيگي جي رفتار کي نسبتن جهڪو رکندو/رکندي. معاونت ڪندڙ سبق جي عبارت کي باآواز بلند پڙهندو معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ جڏهن هو ڏاڍيان آواز ۾ پڙهي تڏهن سمورا شاگرد ڪيس غور سان ٻڌن ۽ پنهنجي ڪتاب ۾ خاموشي سان پڙهن معاونت ڪندڙ، شاگردن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ هو عبارت پڙهڻ وقت بورڊ تي لکيل لفظن کي عبارت ۾ اندر لائين ڪن 2: معاونت ڪندڙ، انهي دوران نہ صرف سبق جي عبارت کي باآواز بلند پڙهندو/پڙهندي پر هو شرڪت ڪارن جي نگراني جي عمل جو پڻ مشاهدو ڪندو/ڪندي	

پڙهڻ کان پوءِ د Post reading
وين ڊائگرام Venn Diagram

معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن جي سمجهڻ کي جاچڻ خاطر هيٺ ڏنل سوال انفرادي طور تي دريافت ڪندو/ڪندي

1: توهان بگهڙ جي باري ۾ ڇا ڄاڻو ٿا/ ڄاڻو ٿيون؟

2: توهان ردِ جي باري ۾ ڇا ڄاڻو ٿا/ڄاڻو ٿيون؟

نوٽ: الف، معاونت ڪندڙ جي صلاحيت جي مدنظر، وڌيڪ اضافي سوال پڇي سگهي ٿو/سگهي ٿي، جيڪي شرڪت ڪارن کي بگهڙ ۽ ردِ جي باري ۾ معلومات واضح ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪندو

جهڙوڪ:

(الف) بگهڙ ڪٿي رهندو آهي؟ (ب) بگهڙ ڇا کائيندو آهي؟

(ج) بگهڙ ڪيئن ٿيندو آهي؟ (د) بگهڙ جسماني بناوت ۾ ڪيئن ٿيندو آهي؟

نوٽ: ب، معاونت ڪندڙ، انهي ئي انداز ۾ ردِ جي باري ۾ سوال پڇي سگهي ٿو/سگهي ٿي

معاونت ڪندڙ هيٺ ڏنل تصويري خاڪو بورڊ تي ٺاهيندو/ٺاهيندي



	معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن طرفان حاصل ٿيندڙ معلومات بورڊ تي نهيل تصويري خاڪي ۾ پريندو/پريندي نوٽ: معاونت ڪندڙ انهي ڳاله جو خيال رکندو/رکندي تہ بگهڙ ۽ ردِ جون گڏيل صفتون تصويري خاڪي ۾ يڪجا ڪري لکيون وڃن جڏهن تہ مختلف صفتون مختلف تصويري خاڪن جي جاءِ تي لکيا وڃن تخليقي لکت: Core Version معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ سمورا شرڪت ڪندڙ، انفرادي طور تي بورڊ تي درج خاڪي ۾ لکيل معلومات جي مدد سان ڪنهن بہ هڪ جانور جي باري ۾ هڪ مختصر نوٽ لکن سرگرمي نمبر 4: سبق زنجير تتي پوندي 1 (ڪتاب " مينا" آڪسفرڊ اردو سلسلو براءِ ٻيو درجو) پڙهڻ کان اڳ Pre_reading پيشگوئي Prediction معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ سبق ۾ ڏنل تصويرن کي غور سان ڏسن ۽ انفرادي طور تي پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي تخليق ڪن 2: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ هو پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي ساڄي يا کاٻي پاسي وينل ساٿي کي ٻڌائين 3انهي مشق دوران، معاونت ڪندڙ سمورن شرڪت ڪندڙن جي مدد، رهنمائي ۽ نگراني جو ڪم سرانجام ڏيندو/ڏيندي 4: معاونت ڪندڙ،ڪن بہ ٽي يا پنج شرڪت ڪندڙن کي پنهنجي ڪهاڻي، رضاڪاراڻي طور تي، سموري جماعت سان گڏ باآواز بلند ٻڌائڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي	

	پڑهڻ وقت While reading رهنما اندازا Anticipation Guide 1: معاونت ڪندڙ، سبق جي عبارت ۾ ڏنل چند جملن کي مختصر ترين تبديلي سان گڏ، هيٺ ڏنل جملا بورڊ تي درج ڪندو/ڪندي 1: هيرادیس جا ماڻهو آرام سان رهندا هئا 2: برسات ۾ ڏيڏر، ڪٽڪ جي فصل ۾ گانا ڳائيندا هئا 3: هيرادیس جا ماڻهو ڏيڏر شوق سان نہ کائيندا هئا 4: ماڻهو ناراض ٿي ڇاڪاڻ تہ ڪين سني اجرت ملي 5: هيرادیس ۾ ڏيڏر نہ رهيا تہ زنجير ٽٽي ويندي معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪارن کي چوندو/چوندي تہ اهي جملا ڪاپي ۾ درج ڪن 6: معاونت ڪندڙ شرڪت ڪارن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ تہ هو انفرادي طور تي خاموشي سان سبق جي عبارت کي پڙهن ۽ بورڊ تي درج ٿيل جملو اچڻ تي انهي جي سامهون صحيح يا غلط جي علامت لڳائين ( ) 7: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي پڙهڻ جي عملي مشق ڪرڻ جي دوران، انهن جي رهنمائي، مدد ۽ نگراني ڪندو/ڪندي. 8: معاونت ڪندڙ، سبق جي عملي مشق مڪمل ٿيڻ بعد، سمورن شرڪت ڪندڙن کي هدايتون ڏيندو/ڏيندي تہ پنهنجي ساڄي يا کاٻي پاسي ويٺل ساٿي سان پاڻ ۾ ڪاپيون تبديل ڪري هڪبئي جي ڪم جي جاچ پڙتال ڪن 9: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن طرفان هڪبئي جي جاچ پڙتال مڪمل ٿيڻ بعد، چند شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو تہ هو رضاڪاراڻي طور تي پنهنجي ڪم جو نتيجو پنهنجي پوري جماعت سان وندين	

	پڙهڻ کانپوءِ Post Reading سوال ڪرڻ Questioning 1: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن جي پڙهڻ جي سمجه کي وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ انهن کان هيٺ ڏنل سمجه سان لاڳاپيل هيٺ ڏنل سوال ڪندو/ڪندي 1: هيرادِيس جا ماڻهو ڇا شڪار ڪندا هئا؟ 2: ڏيڏر، چانورن جي فصل ۾ ڪڏهن گانو ڳائيندا هئا؟ 3: پرڏيهي هيرادِيس ڇو آيو هو؟ 4: بادشاهه، پرڏيهي کي ڏيڏر کي پڪڙي وني وڃڻ جي اجازت ڇو ڏئي ڇڏي؟ 5: ڏيڏر ڪپائڻ تي هيرادِيس جا ماڻهو ڇو خوش ٿيا؟ 1: معاونت ڪندڙ، شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪندو/ڪندي ته ڪهاڻي مان پنهنجي پسند جو ڪوبه هڪ جملو منتخب ڪن ۽ انهي جي پسنديدگي جو ڪارڻ ٻڌائين.	
50 منٽ	خلاصو معاونت ڪندڙ، سمجهڻ جي عنوان کي سميٽيندي، سمورن شرڪت ڪارن کي گروپن ۾ ويهاري پنهنجي جماعت کي تفهيم سيکارڻ جي طريقي ڪار کي استعمال ڪندي، هڪ هڪ ايڪٽوٽي ريڪارڊ شيٽ ناهڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي معاونت ڪندڙ، گروپن کي واري واري سان جماعت جي آڏو، پنهنجي ايڪٽوٽي ريڪارڊ شيٽ جي پيشڪش ڪرڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي	

حاڪم اهڙا ٿيندا آهن

1: مسلمانن جو خليفو، خطبو ڏيڻ لاءِ اٿيو تہ هڪ ماڻهو اٿي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: سائين، اسان توهان رضہ جي ڪا ڳاله ڪانہ ٻڌنداسين، چوتہ توهان جي قميص ۾ جيڪو ڪپڙو لڳو آهي اهو انهي کان گهٽو وڌيڪ آهي جيڪو ٻين مسلمانن کي ڏنو ويو آهي. توهان رضہ هي ٻڌايو تہ توهان هي وڌيڪ ڪپڙو ڇو ورتو؟

2: خليفي چيو: انهي سوال جو جواب منهنجو پٽ ڏيندو. خليفي پنهنجي پٽ کي سيني جي سامهون گهرايو. پٽ چيو: منهنجي والد کي بہ ايترو ئي ڪپڙو مليو هو جيترو هر مسلمان کي، پر والد صاحب جو قد ڊگهو آهي، اهو ڪپڙو سندن قميص لاءِ ناڪافي هو تنهنڪري مون پنهنجي حصي جو ڪپڙو بہ والد صاحب کي ڏئي ڇڏيو جنهن مان سندس قميص تيار ٿي وئي. خليفي، سيني جي آڏو انهي ماڻهو جي همت جي تعريف ڪئي.

3: هڪ ڀيري اهوئي خليفو پنهنجي هڪ ٻانهي سان گڏ، مديني شريف کان بيت المقدس جو سفر ڪري رهيا هئا. سواري هڪڙي هئي تنهنڪري ڪجه دير خليفو انهي اٺ تي سوار ٿيو پئي ۽ غلام پنڌ ٿي هليو پوءِ ڪجه دير غلام کي اٺ تي ويهاريائون ٿي ۽ پاڻ پيدل ٿي هليو. سمورو سفر اهڙي ريت طئي ڪيائون. جڏهن شهر ويجهي آيو تہ اتفاق سان اٺ تي ويهڻ جو وارو غلام جو اچي ويو. پاڻ غلام کي اٺ تي ويهاريائون ۽ اٺ جي مهار وٺي شهر ۾ داخل ٿيا. جڏهن ماڻهن کي اها خبر پئي تہ خليفو مهار پڪڙي پيدل هلي رهيو آهي ۽ غلام اٺ تي سوار آهي تہ ڏاڍا حيران ٿيا.

4: هڪ ڀيري مديني ۾ ڏڪار پئجي ويو. ماڻهو بک ۾ مرڻ لڳا. خليفي ماڻهن جي خوراڪ جو انتظام پاڻ سنڀالي ورتو. جيستائين ڏڪار هليو تيستائين پاڻ گيه ۽ گوشت استعمال نہ ڪيائون.

5: انهي ئي خليفي سان هڪ ڀيري ٻهراڙي جي ڪنهن ماڻهو، هڪ علائقي جي گورنر جي پٽ جي شڪايت ڪئي. خليفي انصاف ڪرڻ خاطر، گورنر جي پٽن کي پاڻوٽ گهرائي ورتو. سڀ حاضر اچي ٿيا. خليفي، ٻهراڙي جي انهي ماڻهو کان ڏوهي جي شناخت ڪرائي پوءِ گورنر جي پٽ کان پڇيائين تہ تو هن کي ڇو ماريو؟ گورنر جو پٽ ڪو جواب نہ ڏئي سگهيو. خاموش رهڻ تي خليفي کي يقين ٿي ويو تہ ٻهراڙي جو اهو ماڻهو صحيح ٿو چون. خليفي، ٻهراڙي جي انهي ماڻهو کي چيو: هاڻ تون هن کان انهي ڳاله جو بدلو وٺي سگهين ٿو. گورنر جي سامهون خليفي ٻهراڙي جي انهي ماڻهو کي پنهنجو ڪوڙو ڏنو ۽ ڪيس چيائين: هاڻ تون هن کان پنهنجو بدلو وٺ. ٻهراڙي جي انهي ماڻهو، گورنر جي سامهون سندس پٽ کي ڪوڙا هڻي پنهنجو بدلو ورتو ۽ پنهنجو بدلو ورتائين.

6: پيارا ٻارو: حاڪم ٿي ڪري خادم وانگر ڪم ڪرڻ وارو هي مسلمانن جو ٻيو خليفو حضرت عمر فاروق رضي اللا تعاليٰ عنه هئا.

1: هڪ ماڻهو حضرت عمر فاروق جي ڳاله ٻڌڻ کان ڇو انڪار ڪيو؟

2: حضرت عمر فاروق رضہ جي پٽ انهي ماڻهو کي ڪهڙو جواب ڏنو؟
3: حضرت عمر فاروق رضہ ۽ سندس غلام اٺ تي واري واري سان سواري ڇو ڪئي؟
4: بيت المقدس جا ماڻهو ڇا ڏسي ڪري حيران ٿي ويا؟
6: حضرت عمر فاروق رضہ ڪهڙي ريت ٻهراڙي جي انهي ماڻهو کي انصاف ڏياريو؟
7: حضرت عمر فاروق رضہ مسلمانن جا ڪهڙا خليفا هئا؟

جملا ٺاهيو

ڪاميابي، برابر، ايترو، جيترو، پوري، شڪايت

8: لفظن جا حرف ڌار ڌار ڪري لکو:

ڏڪار، خليفو، مدينو، ماڻهو، يقين

9: هنن لفظن جا جمع لکو

شهر، اٺ، غلام، جواب، ڳاله،

10 خوش خطي لکو

خاموشي، ٻهراڙي جو ماڻهو، ناڪامي، وارو، ڪڏهن

حضرت علي رضـ اللا تعاليٰ عنه

حضرت علي رضـ اللا تعاليٰ عنه مسلمانن جا چوٿان خليفا هئا. پاڻ رضـ ڪيئي لڙاين ۾ بهرو ورتائون. پاڻ رضـ انتهائي دليري سان وڙهيا ۽ فتح حاصل ڪيائون.سندن بهادري جي ڪري، رسول اللا (صلي اللا عليه وسلم) کين اسد اللا يعني اللا جو شينهن جو لقب ڏنو. هڪ لڳا مديني تي ڪافرن حملو ڪيو. مسلمانن مديني کان ٻاهر خندق کوٽي رکي هئي. خندق جي ڪري ڪافر مديني ۾ داخل نٿ سگهيا. آخر هڪ ڏينهن هڪ ڏينهن ڪافرن جو هڪ طاقتور پهلوان خندق پار ڪري آيو ۽ مسلمانن کي مقابلي لاءِ للڪاريائين. حضرت علي رضـ اللا تعاليٰ عنه، رسول اللا صلي اللا عليه وسلم کان موڪل وٺي سندس مقابلو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو ۽ ڪيس چيايون؛ مون ٻڌو آهي تـ تون تن ڳالهين مان هڪڙي ڳاله پوري ڪندو آهين. هن چيو هائو.

حضرت علي رضـ فرمايو مان توکي تي ڳالهيون چوان ٿو. پهرين ڳاله تـ اسلام قبول ڪر، ٻي ڳاله اها تـ مسلمانن کان وڙهڻ کان مڙي وڃ ۽ واپس وڃ، ٽين ڳاله اها تـ منهنجو مقابلو ڪر. اها ڳاله ٻڌي انهي پهلوان کي ڪاوڙ لڳي. هن پوري طاقت سان توهان رضـ تي تلوار جو وار ڪيو. پاڻ رضـ تلوار جو وار روڪيائون پر پوءِ بـ سندن پيشاني زخمي ٿي پئي. پاڻ رضـ زخم جي پرواهه نـ ڪيائون ۽ پنهنجي تلوار سان ڪافر تي ايڏو تـ پرپور وار ڪيائون جو هن جو خاتمو ٿي ويو.

هڪ ڀيري پاڻ رضـ پنهنجي هڪ خادم سان گڏ بازار مان ڪپڙو خريد ڪرڻ ويا. خادم کي چيائون تـ هو پنهنجي لاءِ ۽ سندن لاءِ ڪپڙو پسند ڪري. خادم توهان رضـ لاءِ سنو ۽ پنهنجي لاءِ سادو ڪپڙو پسند ڪيو. پوءِ پاڻ رضـ ڪپڙو ڪٽي درزي وٽ ويا. پاڻ رضـ درزي کي چيائون سني ڪپڙي مان وڳو خادم لاءِ سبي ۽ سادي ڪپڙي مان وڳو سندن رضـ لاءِ سبي ڏئي.

يهودي خلاف هڪ مقدمي دوران، قاضي حڪم ڪيو تـ ڪو شاهد يا ثابتي پيش ڪريو. حضرت علي رضـ، بطور شاهد پنهنجي پٽ ۽ هڪ غلام کي پيش ڪيو. قاضي، انهن جي شاهدي اهو چئي مڃڻ کان نابري واري تـ پيءُ جي حق ۾ پٽ جي شاهدي کي قبول نٿو ڪري سگهجي. اهڙي ريت غلام جي پڻ قبول نٿي ڪري سگهجي ڇاڪاڻ تـ هوپنهنجي مالڪ خلاف شاهدي نـ ڏيندو.

انهي بعد، قاضي، يهودي جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو. زرهه حضرت علي رضـ جي هئي پر پاڻ رضـ خليفو هوندي بـ قاضي جو فيصلو مڃيائون. انهي ڳاله جو يهودي تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ هن اسلام قبول ڪري ورتو. حضرت علي رضـ مسلمانن جا خليفا بنيا تـ پاڻ رضـ اسلامي حڪومت جو انتظام تمام سني نموني سان هلايائون. پاڻ رضـ غريب توڙي امير سان هڪ جهڙو سلوڪ روا رکندا هئا.

پاڻ رضـ فرمايائون؛

1 غريب اهو آهي جنهن جو ڪو دوست ناهي
2: علم، مال کان بهتر آهي
3: علم جي خوبي انهي تي عمل ڪرڻ ۾ آهي

مشق:
1: ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو
2: حضرت علي رضہ مسلمانن جا ڪهڙا خليفا آهن؟
3: حضرت علي رضہ جو لقب ڇا هو؟
4: حضور جن صلي اللا عليه وسلم، حضرت علي رضہ کي اسداللا ڇو چوندا هئا؟
5: مديني تي ڪافرن جي حملي کي روڪڻ لاءِ مسلمانن ڇا ڪيو؟
6: عدالت ڪنهن جي حق ۾ فيصلو ڏنو

بگھڙ ۽ ريڍ جو ٻچو

لفظ: بگھڙ، ريڍ جو ٻچو، ڏڻ، ريڍ، ٻڌي اڻ ٻڌي، سج لهڻ، ٿڌي، ٻرانگھون، محافظ، خواهش، بانسري، ساراهه، سڳ، دل ۾ آيو

هڪ ننڍڙو، پيارو پيارو ريڍ جو ٻچڙو هو. هونئن ته هو اجان ننڍڙو هو پر سندس مٿي تي ٻه ننڍڙا ننڍڙا سڳ نڪري رهيا هئا. ريڍ جو ٻچو دل ۾ چوندو هو: ”هون..هاڻ مان ٻار ٿورئي آهيان. مان ته پورو گهيٽو بنجي ويو آهيان. هاڻ مونکي ڪنهن جي ٻه نظرداري جي ضرورت ناهي.“

هڪ ڏينهن ريڍن جو هڪ ڏڻ جهنگ ۾ گاهه چر رهيو هو. جڏهن شام ٿي وئي ته ريڍ جي ٻچي جي ماءُ ڪيس سڏيندي چيو ته ”هل هاڻي گهر موٽڻ جو وقت ٿي ويو آهي“. پر ريڍ جي ٻچي ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ۽ سائو گاهه چرندو چرندو پري نڪري ويو. ڪجه دير بعد جڏهن هن واپس اچي ڏٺو ته ڏڻ موٽي وڃِ چڪو هو.

هاڻ ريڍ جو ٻچو اڪيلو رهجي ويو هو. سج لهي چڪو هو ۽ جهنگ ۾ اونداهي ڇانئجي وئي هئي. ٿڌي ٿڌي هوا پنن سان ٽڪرائجي سائين سائين جا آواز ڪڍي رهي هئي. هاڻي ته ريڍ جي ٻچي کي ڏاڍو ڊپ اچي لڳو. هن جهنگ ۾ هڪ بگھڙ ٻه رهندو هو. بگھڙ جو خيال ايندي ئي ريڍ جو ننڍڙو ٻچو خوف ۾ اچي، پنهنجي ماءُ کي سڏ ڪندو ۽ ٻرانگھون ڀريندو وني گهر ڏانهن ڀڳو.

اجان هو ٿورو اڳتي ئي ويو هو ته بگھڙ کيس اچي پهتو.

ها ها ها ها..بگھڙ چيو: ڪهڙو نه موٽو تازو نرم گرم ريڍ جو ٻچو آهي. مان ته هن کي ڏاڍو مزي سان کائيندس.

انهي مهل ريڍ جي ٻچي کي هڪ ترڪيب دل ۾ آئي. هن بگھڙ کي چيو.” سائين توهان وڏي خوشي سان مونکي کائجو. پر منهنجي هڪ آخري خواهش آهي ته هڪ ڀيري توهان جي بانسري جي ڌن ٻڌي وٺان. ڇا توهان مونکي کائڻ کان اڳ، منهنجي هي ننڍڙي خواهش پوري نه ڪندا“.

پنهنجي بانسري وڄائڻ جي ساراهه ٻڌي، بگھڙ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم انهي ڳاله تي راضي ٿي ويو. بگھڙ بانسري وڄائڻ شروع ڪئي ۽ ريڍ جي ٻچو سندس ڌن تي نچڻ ۽ ڪڏڻ شروع ڪيو. رات جي خاموشي ۾ بانسري جو آواز ڀري تائين وڃي پهتي. ريڍن جو ڏڻ اڌ رستي ۾ هو. ڏڻ جي محافظ ڪتن بگھڙ جي بانسري جو آواز سڃاڻي ورتو ۽ هڪدم آواز طرف ڊڪيا.

بگھڙ جو ڪتن کي ڏٺو ته بانسري کي ڇڏي، جان بچائي وني ڀڳو. ڪتن سان گڏ، ريڍ جو ٻچو، ڪلندو ڪڏندو پنهنجي ڏڻ سان اچي مليو.

سمجهڻ

متن کي سمجهڻ:

سمجهڻ اهڙو بـ طرفو عمل آهي، جيڪو پڙهندڙ ۽ متن جي وچ سرانجام ٿيندو آهي. صفحي تي لفظن جي رمز سمجهڻ کان وڌيڪ، سمجهڻ سوچ جو اهڙو طريقي ڪار آهي جيڪو پڙهڻ مهل وقوع پذير ٿيندو آهي. ڪهڙيون شيون سمجهڻ ۾ مدد فراهم ڪنديون آهن.

سنو پڙهندڙ، بامقصد ۽ فعال ٿيندو آهي. هو مختلف طريقي ڪار اختيار ڪندا آهن. گهڻو ڪري گڏوگڏ تـ جيئن هو متن مان معنيٰ ڪڍي سگهن. انهن مان چند اهم هي آهن:

سمجهڻ جي نگراني: ڪامياب پڙهندڙ جڏهن پيراگراف کي سمجهندا آهن تـ ڪين خبر هوندي آهي تـ هو سمجهي رهيا آهن ۽ جڏهن هو نـ سمجهندا آهن تـ ترسندا آهن ۽ سمجهڻ جي طريقي کي بهتر ڪرڻ تي سوچيندا آهن.

اڳواٽ معلومات کي ڪتب آڻڻ:

اڳوٽي معلومات جي بنياد تي، پڙهندڙ ڪهاڻي سان پنهنجو ڳانڍاپو جوڙي وٺندا آهن. شاگرد، پڙهيل عبارت ۽ پنهنجي اڳوٽي معلومات جي وچ ۾ ربط پيدا ڪندا آهن. انهي عمل سان هو پنهنجي موجوده معلومات ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا.

پيشنگوئي ڪرڻ: سنو پڙهندڙ، پڙهڻ وقت پيشنگوئي ڪري سگهندو آهي تـ ڪهاڻي ۾ ڪهڙا واقعات پيش اچي سگهن ٿا ۽ ڪهڙا نتيجا نڪري سگهن ٿا.

سوال ڪرڻ: پڙهڻ وقت، ٻار سوال پڇندا آهن ۽ جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تـ جيئن انهن جي معنيٰ سمجهي سگهن. سنا سوال ٻار جي ذهانت تي ٻڌل هوندا آهن تـ هو مزيد ڪهڙي معلومات حاصل ڪرڻ گهري ٿو.

ڪهاڻي کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ:

ٻار، بي ترتيب عبارت کي انهي وقت وڌيڪ سمجهندا آهن جڏهن هو بي ترتيب عبارت کي ٻيهر ترتيب ڏئي سگهن. هي حڪمت عملي ڪهاڻين ۽ معلوماتي مضمونن سان گڏ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

خلاصو بيان ڪرڻ: جڏهن هو ڪهاڻي جو خلاصو بيان ڪندا آهن تـ هو خاص مقصد حاصل ڪري وٺندا آهن ، اهم معلومات کي سمجهي وٺندا آهن ۽ پنهنجن لفظن ۾ استعمال ڪندا آهن ۽ اهو ثابت ڪندا آهن تـ انهن ڇا سمجهيو آهي

سمجهڻ جا طريقي ڪار:

موثر پڙهندڙ، هميشہ پڙهيل متن مان معنيٰ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو غير شعوري طور تي پنهنجي پڙهڻ جي صلاحيت جو جائزو وٺندو آهي تہ جيئن هو پڙهيل متن جي بتدريج معنيٰ سمجهي سگهي. پڙهڻ دوران، معنيٰ سمجهڻ ۾ ڏکيائون پيش اچڻ جي صورت ۾، پڙهندڙ، غير شعوري طور تي عبارت کي ورائي ورائي پڙهندو آهي. (Prereading) يا پنهنجي ئي اندر ڪيئي سوال پڇي وٺندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾، متن جي معنيٰ ڪڍڻ ۾ هي طريقي ڪار مددگار ثابت ٿيندا آهن ۽ پڙهندڙ، عبارت ۾ موجودمتن جي سمجه کي ڪاميابي سان سرانجام ڏيندو آهي. تعليمي سرشتي ۾ پڙهڻ جو هنر ۽ انهي جا طريقي ڪار هڪ شعوري ڪوشش آهن جيڪا ابتدائي مرحلي واري پڙهندڙ لاءِ سمجهڻ لازمي آهي.

ڪنهن بہ قسم جي عبارت کي پڙهڻ دوران، ان جي متن کي سمجهڻ پڙهندڙ لاءِ نهايت ضروري آهي. پڙهڻ جي پنجين ۽ سڀ کان اهم جزي "سمجهڻ" لاءِ، استاد چند اهڙا طريقا اختيار ڪندا آهن، تہ جيئن انهن جي مدد سان، شاگردن کي پڙهيل عبارت جو متن سمجه ۾ اچي ۽ پڙهندڙ انهي کي پنهنجي اڳواٽ موجوده معلومات سان ملائي سگهي. هيٺ ڏنل طريقي ڪار، سمجهڻ جي حوالي سان نهايت موثر مڃيا ويندا آهن، ۽ انهن جو استعمال، عبارت جي متن جي بنسبت، استاد متفرق انداز ۾ ڪري سگهن ٿا. استاد تي منحصر آهي تہ هو انهن طريقن کي ڪڏهن ۽ ڪيئن ڪتب آڻي ٿو. انهن سمورن طريقن جي استعمال جو مقصد، پڙهندڙ جو ڌيان، عبارت طرف ڇڪائڻ آهي. ڪيس پڙهڻ وقت اهڙو بامقصد ٽاسڪ ڏيڻو آهي جنهن جي مدد سان هو عبارت تي پنهنجو پورو ڌيان لڳائي سگهي. اهڙي ريت پڙهندڙ، پڙهجندڙ عبارت کي سولائي سان سمجهي سگهندو.

1: شناخت ڪرڻ: (Identifying)

هن طريقي ڪار هيٺ، استاد، شاگردن کي ڏنل عبارت ۾ ڪنهن مخصوص قسم جي معلومات کي سڃاڻڻ جي هدايت ڪندو آهي. هي مخصوص معلومات، ڪنهن ڪهاڻي جي ڪردار جون وصفون ٿي سگهن ٿيون، ڪنهن مضمون ۾ موجود اصطلاحون ٿي سگهن ٿيون، چند مخصوص لفظ، جملا، تاريخ يا واقعا ٿي سگهن ٿا. جهڙوڪ:

1: ڏنل عبارت ۾ درج پڪين جي خصوصيتن کي اندر لائين ڪريو.

2: ڏنل عبارت ۾ پاڪستان جي آبادي جي باري ۾ معلومات تي دائرو لڳايو

3: بگهڙ ۽ ريڍ جي ڪهاڻي ۾ بگهڙ جي باري ۾ لکيل جملن تي نمبر لڳايو

4: عبارت ۾ موجود (ج) سان شروع ٿيندڙ اکرن کي اندر لائين ڪريو

نوٽ: هن طريقي ڪار کي پڙهڻ وقت ۽ پڙهڻ کان پوءِ ٻنهي صورتن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

تفاوت ڪرڻ (Distinguishing)

هن طريقي ڪار تحت، استاد، شاگردن کي ڏنل عبارت ۾ موجود ۽ متفرق معلومات ۾ فرق ڳولڻ ۽ نشاندهي ڪرڻ جي هدايت ڪندو آهي. هن طريقي ڪار کي استعمال ڪرڻ جو بنيادي مقصد، شاگردن ۾ ڪنهن بن مختلف ماڻهن، جزن، واقعن، وصفن جو فرق سڃاڻڻ ۽ انهن جي نشاندهي ڪرڻ جي صلاحيت بيدار ڪرڻ آهي.

هيٺ ڏنل مثالن سان انهي طريقي کي سولائي سان سمجهائي سگهجي ٿو.

1: عبارت ۾ موجود جاندار شين کي اندر لائين ڪريو ۽ بي جان شين چوڌاري دائرو لڳايو

2: عبارت ۾ ڏنل قائد اعظم جي باري ۾ ڏنل معلومات تي ( ) جو نشان لڳايوءِ لياقت علي خان تي ڏنل معلومات تي پر (*) جو نشان لڳايو

3: ڏنل عبارت ۾ درج ٿيل سياري جي موسم جا ميوا ڪالم الف ۾ ۽ اونهاري جا ميوا ڪالم ب ۾ لکو

درجي بندي ڪرڻ (Classifying)

هن طريقي ڪار تحت، استاد، شاگردن کي عبارت ۾ موجود، متفرق معلومات کي انهن جي وصفن، وقت، درجي يا صلاحيت جي نسبت سان ترتيب ڏيڻ جي هدايت ڪندو آهي. مثال طور: ڪنهن ڪارخاني جي معلومات بيان ڪرڻ لاءِ، انهي جا وسيلا، ڪارڪن، ۽ آمدرفت جا ذريعا ترتيب وار بيان ڪري سگهجن ٿا. وڌيڪ مثالون هيٺ درج ڪيون ويون آهن.

ڏنل عبارت ۾ موجود، پاڻي ۾ رهندڙ، زمين تي رهڻ وارن ۽ هوا ۾ اڏامندڙ پکين ۽ جانورن کي ڪالم الف، ڪالم ب ۽ ڪالم ج ۾ درج ڪريو

پاڪستان، يوڪان، بنگلاديش، ۽ نيپال جي قومي جهنڊن جا رنگ، ۽ انهن تي موجود علامتن کي عبارت مان ڳولي چئن الڳ الڳ ڪالمن ۾ درج ڪريو

4: ترتيب ڏيڻ (Ordering)

هن طريقي ڪار ۾ استاد، ڏنل عبارت ۾ موجود معلومات کي بي ترتيب پيش ڪر، شاگردن کي انهن جي درست ترتيب ۾ درج ڪرڻ جي هدايت ڪندو آهي. اهڙي ريت، شاگرد، عبارت ۾ ڏنل معلومات کي انهن جي درست ترتيب ۾ درج ڪرڻ جي مشق ڪندا آهن ۽ هي مشق انهن جي سمجه جي صحت جاڻڻ جو موثر طريقو آهي.

مثال طور:

1: يخني ٺاهڻ جي ترڪيب کي پڙهي ڪري انهي کي درست ترتيب ۾ درج ڪريو

2: محمود غزنوي جي فتحن جي تاريخ، درج واقعن جي روشني ۾ درست ترتيب ۾ درج ڪريو

پڙهڻ جون حڪمت عمليون (Reading Strategies)

موت ڏيندڙ تدريسي طريقي ڪار (Reciprocal Teaching)

هي طريقي ڪار، چئن حصن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ شاگردن کي چئن ميمبرن واري گروپ ۾ تقسيم ڪيو ويندو آهي. هر ميمبر جو هڪ ڪردار هوندو آهي. انهن مان هڪ خلاصو بيان ڪندڙ، هڪ سوال ڪندڙ، هڪ جواب ڏيندڙ ۽ هڪ بحث ڪندڙ هوندو آهي. استاد، شاگردن کي چونڊ عبارت پڙهڻ جي هدايت ڪندو. عبارت جو ڊگهو ۽ ضخيم هئڻ شاگردن جي عمر ۽ ٻولي جي ڄاڻ جي درجي بندي ۽ مرحلن تي منحصر آهي. شاگرد، پنهنجن پنهنجن گروپن ۾ عبارت کي پڙهندا ۽ پنهنجا ڪردار ادا ڪندا.

هيٺ ڏنل تفصيل چئني ڪردارن جي حوالي سان آهن.

خلاصو بيان ڪندڙ: عبارت کي باآواز بلند پڙهي، انهي جي خلاصي متعلق ميمبرن سان خيالن سان ڏي وٺ ڪندو/ڪندي

سوال پڇندڙ: عبارت کي پڙهي، انهي جي باري ۾ سوال، گروپ جي ميمبرن کان پڇندو/پڇندي

جواب ڏيندڙ: سوال پڇندڙ جي پڇيل سمورن سوالن جا جواب ڏيندو/ڏيندي

بحث ڪندڙ: پڇيل سوالن ۽ جوابن مٿان پنهنجن دليلن جي بنياد تي بحث ڪندو/ڪندي

استاد انهي ڳاله جي خاطري ڪرائيندو ته هو چارئي ڪردار شاگردن کي واضح طور تي سمجهائي ۽ ٿي سگهي ته انهن ڪردارن کي ادا ڪري پڻ ڏيکاري ته جيئن شاگردن کي پنهنجا ڪردار ادا ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. سرگرمي دوران پڻ استاد، شاگردن جي رهنمائي، مدد ۽ نگراني ڪندو، ۽ ڪين درپيش ڏکيايون دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو

(Venn Diagram) وين ڊائيگرام

جڏهن شاگردن کي ڪا اهڙي عبارت پڙهائي وڃي جنهن ۾ ٻه متفرق شين، ماڻهن، جاين، جانورن، واقعن يا خيالن جو ذڪر ٿيل هجي، استاد، اڪثر ڪري ٻن ڪالمن وارو خاڪو ٺاهي، شاگردن کان انهن ٻن شين جون خصوصيتن، خوبين يا جزن کي انهن ڪالمن ۾ ڌار ڌار درج ڪرڻ جي هدايت ڪندو آهي. وين ڊائگرام انهي لحاظ سان هڪ منفرد، دلچسپ ۽ نسبتن سولو طريقي ڪار آهي جنهن ۾ شاگرد، ٻن مختلف شين کي پيٽي سگهن ٿا ۽ انهن ۾ موجود مختلف ۽ هڪجهڙين خوبين کي انهي خاڪي جي مدد سان واضح ڪري سگهجي ٿو.

هيٺ ڏنل چئن قدمن سان وين ڊائگرام جي سرگرمي بخوبي سرانجام ڏئي سگهجي ٿي

1: عبارت چونڊي وڃي

2: بورڊ تي ٻن دائرن وارو خاڪوانهي جي مخصوص انداز ۾ ناهيو وڃي ۽ شاگردن کي هدايت ڪجي تہ هو پڻ پنهنجين ڪاپين ۾ انهي خاڪي کي ناهين.
3: استاد/استادياڻي شاگردن کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ اهي متفرق شيون جيڪي عبارت ۾ درج ٿيل آهن تن جون صفتون گول دائري واري خاڪي وين ڊائگرام جتي مختلف لکيل آهي اتي درج ڪن.
4: بعد ۾، استاد/استادياڻي شاگردن کي جوڙن ۾ ويهاري، هدايت ڪندو/ڪندي تہ هاڻ ٻئي شاگرد انهن ٻن متفرق شين جي باري ۾ هڪٻئي سان خيالن جو تبادلو ڪن ۽ جيڪي صفتون انهن ۾ مشترڪ هجن انهن کي دائرن جي وچ واري هنڌ تي لکن



3: پيشگوئي ڪرڻ (صرف ڪهاڻين لاءِ) Prediction
هن حڪمت عملي تحت، شاگرد، ڪهاڻي ۾ پيش ايندڙ واقعن جي پيش گوئي ڪندا آهن. هي پيش گوئي ڪهاڻي پڙهڻ کان اڳ، انهي دوران ۽ آخر تائين، رکجي رکجي استعمال ڪئي ويندي آهي. شاگرد، پنهنجن اڳين تجربن ۽ معلومات جي روشني ۾ هي پيشگوئي ڪري سگهندا آهن. هيٺ ڏنل قدمن ذريعي هن حڪمت عملي کي احسن طريقي سان سرانجام ڏئي سگهجي ٿو.
1: ڪهاڻين سان گڏ اڪثر ڪري تصويرون بہ هونديون آهن جيڪي شاگردن جو ڌيان حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو بنجي سگهن ٿيون. استاد/استادياڻي سڀ کان اڳ ۾ شاگردن جي توجه ڪهاڻي سان ڏنل تصويرن ڏانهن ڇڪائيندو/ڇڪائيندي . انهي کان علاوه ڪهاڻي جو عنوان پڻ دلچسپ انداز ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.
2: استاد/استادياڻي اهڙا سوال پڇي جن سان شاگرد جي توجه ڪهاڻي ۾ پيش ايندڙ واقعن ڏانهن ڇڪجي وڃي. مثال طور: هي ڪهاڻي ڪنهن جي باري ۾ آهي؟ هن ڪهاڻي ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟ ڇا هي جنن پوتن جي ڪهاڻي آهي؟ ڇاهي پرين جو داستان آهي؟ يا هي ڪنهن جهنگل جو قصو آهي؟ ڇا هي ڪنهن ڏورانهين ملڪ جي رحمدل بادشاهه جي ڪهاڻي آهي؟

3: استاد/استادياڻي شاگردن جا ڏنل سمورا جواب غيرجانبداري سان ٻڌندو ۽ ڪنهن بہ جواب کي رد نہ ڪندو/ڪندي ۽ نڪوئي وري انهن جي ڪهاڻين سان هڪجهڙائي ظاهر ڪندو. استاداستادياڻي سموريون پيشگويون بورڊ تي درج ڪندو. استاد/استادياڻي هاڻ شاگردن کي ڪهاڻي جو پهريون پاڳو خاموشي سان انفرادي طور تي پڙهڻ جي هدايت ڪندو. جيئن ئي پهريون پاڳو مڪمل ٿيندو استاد/استادياڻي، ٻن کان ٽن شاگردن کي چوندو تہ اهي هن مهل تائين پڙهيل ڪهاڻي جو خلاصو بيان ڪن ۽ شاگردن جي توجه، بورڊ طرف ڇڪائيندو ۽ ڪانئن پڇندو تہ ڪهڙي پيشگوئي ڪهاڻي سان هڪجهڙائي رکي ٿي.

نوٽ: استاد/استادياڻي اڳوات فيصلو ڪندو/ڪندي تہ ڪٿان کان ڪيستائين شاگردن کي ڪهاڻي پڙهڻ ۽ رکجڻ جو چوندو/چوندي

4: ڇاڪاڻ تہ شاگرد، خاموشي سان عبارت جو مطالعو ڪندا، استاد/استادياڻي شاگردن کي ڏکين لفظن ۾مدد ڪندو/ڪندي. هر اها طئي ٿيل جاءِ جتي عبارت ۾ شاگردن کي ترسڻ جي هدايت ڏنل آهي، اتي هو ڪتاب بند ڪندا ۽ بورڊ تي درج ٿيل پيشگوئي مان ڪهڙي پيشگوئي ڪهاڻي سان هڪجهڙائي رکي ٿي. هو اهو ڏسندا ۽ ڪهاڻي جي اڳئين حصي جي پيشگوئي ڪندا، ايستائين جو ڪهاڻي ختم ٿي وڃي.

5: ڪهاڻي مڪمل ٿيڻ بعد، استاد/استادياڻي، ڪنهن بہ شاگرد کي چوندي تہ هو ڪهاڻي جو خلاصو بياڪن ڪري. استاد، وڌيڪ شاگردن سان گڏجي، ڪهاڻي جي ڪردارن، رونما ٿيندڙ واقعن، ڪهاڻي جي باري ۾ انهن جي احساسن جي باري ۾ تفصيل سان ساڻن خيالن جي ڏي وٺ ڪندي.

K_W_L :4

هي حڪمت عملي اهڙي عبارت سان استعمال ڪئي ويندي آهي جيڪا ڪهاڻي نہ هجي بلڪ ٻين موضوعن تي ٻڌل ڪو مضمون هجي يا عام معلومات هجي. هن حڪمت عملي ۾ شاگردن جي اڳوٽي معلومات ۽ تجربن کي استعمال ڪندي، ڪانئن پڇيو ويندو آهي تہ سندن خيال ۾ عبارت ۾ ٻيو ڪهڙي قسم جي وڌيڪ معلومات ٿي سگهي ٿي.

1: استاد/استادياڻي بورڊ تي ٽن ڪالمن وارو خاڪو ٺاهيندو ۽ انهي ۾ هيٺ ڏنل سوال لکندو/لکندي

مان ڇا ڄاڻان ٿو؟ (What I Know? (K	مان ڇا ڄاڻڻ چاهيان ٿو؟ (What I Want to Know? (W	مان ڇا ڄاڻي چڪو آهيان؟ (What I Learnt? (L

2: استاد/استادياڻي شاگردن جو ڏيان پهرين ڪالم طرف ڇڪائيندي عنوان جي باري ۾ سندن معلومات دريافت ڪندو/ڪندي. استاد/استادياڻي شاگردن کان متفرق سوال پڇندي/پڇندو جنهن جي مدد سان شاگرد سولائي سان عنوان جي باري ۾ پنهنجي اڳيئي حاصل ٿيل معلومات بيان ڪندا. استاد/استادياڻي پاران پڇيل سوال دلچسپي سان ڀرپور هئڻ گهرجن ۽ انهن جو انداز بـ دلچسپ هجي. استاد/استادياڻي شاگردن پاران ڏنل جوابن کي پهرين ڪالم ۾ درج ڪندو/ڪندي

4: جڏهن عنوان جي باري ۾ شاگردن پاران ڪافي معلومات جمع ٿي وڃي ۽ بورڊ تي پهرين ڪالم ۾ درج ٿي وڃن تڏهن استاد/استادياڻي،شاگردن جي توجه ٻئي ڪالم طرف ڇڪائيندو/ڇڪائيندي ۽ ڪانئن پڇندو/پڇندي تـ هو ڏنل عنوان يا موضوع جي باري ۾ وڌيڪ ڇا ڄاڻڻ چاهين ٿا؟ شاگردن جي ڏنل جوابن کي ٻئي ڪالم ۾ درج ڪيو وڃي

نوٽ: هيستائين جي سرگرمي ۾ پڙهڻ کان اڳ (پري ريڊنگ) جو حصو مڪمل ٿئي ٿو.

4:ـ استاد/استادياڻي، شاگردن کي مضمون پڙهڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي تـ جيئن شاگرد مضمون ۾ موجودمعلومات کي پنهنجي اڳواٽ حاصل ڪيل معلومات سان ڀيٽي سگهن ۽ جيڪا وڌيڪ معلومات هو ڄاڻڻ چاهين انهي جي باري ۾ وڌيڪ پڙهي سگهن.

5: مضمون پڙهڻ جي مرحلي کي طئي ڪرڻ کانپوءِ، استاد/استادياڻي آخري ڪالم ڏانهن شاگردن جي توجه ڇڪائيندو/ڇڪائيندي ۽ ڪانئن معلوم ڪندو تـ انهن وڌيڪ ڇا سکيو ۽ هن مضمون جي حوالي سان هو جيڪا معلومات حاصل ڪرڻ گهرن پيا ڇا اها ڄاڻ عبارت ۾ درج هئي؟ اڪثر ائين بـ ٿيندو آهي تـ ڪا معلومات جيڪا شاگرد ڄاڻڻ گهرن پيا اها مضمون ۾ شامل نـ هوندي. اهڙا سمورا سوال "پڙهڻ کانپوءِ" (پوسٽ ريڊنگ) يا ڪنهن ٻئي طريقيڪار کي ڪتب آڻيندي، جواب حاصل ڪيا وڃن

5 چار نشان هڪ عنوان (INSERT)

هن حڪمت عملي هيٺ، شاگرد، بـ طرفي عمل تحت، پنهنجي پڙهيل مضمون يا عبارت کي سمجهڻ جو پاڻ مستقل جائزو وٺندا آهن. هن حڪمت عملي هيٺ، شاگرد پنهنجي پيشگي معلومات کي ڪتب آڻيندي، پڙهڻ وقت، مستقل انهي کي ڀيٽيندا رهندا آهن ۽ اهڙي ريت، هڪ بامقصد، سرگرمي عمل ۾ ايندي آهي. هي طريقي ڪار، شاگردن جي توجه کي مضمون سان ڳنڍي رکندو آهي ۽ سندن توجه عبارت ۾ موجود معلومات جو پهرين حاصل ٿيل معلومات سان ڀيٽ ڪرڻ ۽ ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي.

هيٺ ڏنل چئن قدمن سان هي سرگرمي ڪري سگهجي ٿي

1: استاد/استادياڻي شاگردن جي پڙهڻ لاءِ عبارت يا مضمون جو انتخاب ڪندو/ڪندي

2: استاد/استادياڻي شاگردن کي هدايت ڪندو يا ڪندي تہ هو عبارت پڙهندي، هيٺ ڏنل چارئي نشان، عبارت جي ساڄي يا کاٻي پاسي حاشي ۾ لکندا وڃن

✓ + ؟ ↑

جو نشان شاگرد اهڙي معلومات تي هڻن جيڪا ڪين اڳيئي معلوم هئي
جو نشان شاگرد اهڙي معلومات تي هڻن جيڪا سندن لاءِ بلڪل نئين آهي+
(؟) جو نشان شاگرد اهڙي معلومات يا عبارت تي هڻن جنهن جي باري ۾ شڪ شبهي جو شڪار هجن
جو نشان شاگرد اهڙي عبارت يا معلومات تي هڻن جنهن جي باري ۾ هو وڌيڪ ڄاڻڻ گهرن ٿا

3: عبارت پڙهڻ بعد، استاد يااستادياڻي، بورڊ تي هيٺ ڏنل خاڪو ناهيندو يا ناهيندي ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو يا ڪندي تہ هو انفرادي طور تي ڪم ڪندي، پنهنجين ڪاپين ۾ هي خاڪو ناهين ۽ پنهنجي عبارت ۾ لڳل نشانن واري معلومات انهن چئن ڪالمن ۾ درج ڪن.

4: عبارت ۾ نشان لڳل معلومات کي ڪالم ۾ جڏهن سمورا شاگرد درج ڪري وٺن تہ استاد يا استادياڻي، ڪين هدايت ڪندو/ڪندي تہ هو پنهنجي ساڄي يا کاٻي ويٺل ساٿي سان پنهنجو ڪالم شيئر ڪن ۽ انهي تي ساڻس خيالن جي ڏي وٺ ڪن ۽ ڏسن تہ ڪهڙي معلومات جي ڪين اڳيئي خبر هئي ۽ عبارت پڙهڻ بعد درست ثابت ٿيون، ڪهڙي معلومات تي اجان تائين ڪين وضاحت جي ضرورت آهي، ڪهڙي معلومات اهڙي قسم جي آهي جيڪا شاگردن لاءِ نئين آهي ۽ اهڙي ڪهڙي معلومات آهي جنهن لاءِ هو وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.

6 رهنما اندازا (Anticipation Guide)

هي حڪمت عملي، شاگردن جي نئين معلومات کي پنهنجي پراڻي ڄاڻ سان پيٽڻ ۽ انهي سان ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي. هيٺ ڏنل پنج قدم انهي حڪمت عملي کي پورو ڪرڻ لاءِ ضروري آهن.

1: منتخب ٿيل عبارت جي مضمون جي متن سان استاد/استادياڻي چند جملا ترتيب ڏيندو/ڏيندي. هي جملا، معلومات يا عبارت ۾ موجود ڄاڻ جي مطابق هجن ۽ ڪجه انهي جي خلاف هجن.

2: استاد/استادياڻي انهن ترتيب ڏنل جملن کي بورڊ تي لکندو/لکندي ۽ شاگردن کي هدايت ڏني ويندي تہ جملن کي پنهنجين ڪاپين ۾ درج ڪن.

3: استاد/استادياڻي شاگردن کي هدايت ڪندي تہ هو انهن جملن تي غور ڪن ۽ فيصلو ڪن تہ انهن مان ڪهڙي معلومات درست آهي ۽ ڪهڙي غلط ٿي سگهي ٿي. شاگرد درست معلومات تي ( ) ۽ غلط معلومات تي ( ) جو نشان لڳائين

4: هن سرگرمي کي مڪمل ڪرڻ بعد شاگرد، استاد/استادياڻي جي هدايت تي عمل ڪندي، پنهنجا جواب پنهنجي ساٿي سان پيٽيندا ۽ جن جوابن تي منجهن اختلاف هجي انهن تي بحث ڪندا.

5: آخر ۾ استاد/استادياڻي شاگردن کي هدايت جاري ڪندا تہ هو خاموشي سان عبارت جو مطالعو ڪن ۽ نشان لڳايل جملن جي درستگي يا غلط هئڻ ثابت ڪن (عبارت ۾ ڏنل معلومات جي نسبت سان).

7: جواب حاضر آهي، سوال ڪٿي آهي؟ ?Here's the Answer, Where is the Question

هي حڪمت عملي، استاد/استادياڻي ڏهاڙي جي ڪم ڪار (شاگردن لاءِ سوال تشڪيل ڏيڻ) جي بلڪل برخلاف آهي. هن حڪمت عملي ۾ استاد/استادياڻي منتخب ٿيل عبارت مان ڪجه جواب تشڪيل ڏيندا ۽ انهن کي بورڊ تي درج ڪندو/ڪندي. استاد/استادياڻي شاگردن کي هدايت جاري ڪندا تہ هو عبارت کي غور سان پڙهي ڏنل جوابن جا سوال جوڙين. هي هڪ ڪان وڌيڪ ڪيئي ٻيا بہ ٿي سگهن ٿا. هي حڪمت عملي شاگردن ۾ سوال تشڪيل ڏيڻ ۽ پڇڻ ۾ معاون ثابت ٿيندي آهي ۽ هي هڪ سني پڙهندڙ جي نشاني آهي تہ هو عبارت کي پڙهڻ جي دوران جام سوال تشڪيل ڏين ۽ انهن جا جواب بہ ڳولين.

سبقي منصوبہ بندي 1 (Comprehension)

درجو: ٽئين کان پنجين تائين	مضمون: سنڌي، سمجهڻ	موضوع: سبق: پاٽي جي ڪهاڻي، حوالو: ڪتاب "ڪوئل" آڪسفرڊ اردو سلسلو براءِ ٻيو ڪلاس	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق کي پڙهڻ بعد ٻار انهي لائق ٿي ويندا تہ: INSERT کي بطور پڙهڻ جي مهارت جي عملي طور استعمال ڪري سگهن INSERT کي استعمال ڪندي متن جي اهم نڪتن کي نوٽ ڪري سگهندا		
تدريس ۾ مدد ڏيندڙ شيون	هي مشق سولائي سان ڪاري بورڊ تي پڻ ڪري سگهجي ٿي		
استاد/استادياڻي جو مضمون تي عبور		استاد/استادياڻي سمجهڻ ۽ ٻولي جي ڄاڻ ۾ انهي جي اهميت کان واقف هجي	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
	پڙهڻ کان اڳ(Pre Reading) (Brain Storming) استاد/استادياڻي بورڊ تي لفظ "پاٽي" درج ڪندو/ڪندي ۽ شاگردن / شاگردياڻين کي هدايت ڪندو يا ڪندي تہ هو لفظ پاٽي جي باري ۾ گهٽ مان گهٽ ڪو بہ هڪڙو معلومات جملو جوڙين. استاد/استادياڻي شاگردن /شاگردياڻين کي 'پاٽي' جي باري ۾ ڏني ويندڙ معلومات بورڊ تي هيٺ ڏنل انداز ۾ درج ڪندو/ڪندي جهڙوڪ:		

	پڙهڻ وقت While Reading چار نشان هڪ عنوان INSERT استاد/استادياڻي بورڊ تي هيٺ ڏنل علامتي خاڪو ٺاهيندو/ٺاهيندي چئني اشارن جي مختصر وضاحت ڪندو/ڪندي اشارا: هن اشاري جو مطلب هي آهي تہ هي معلومات اڳواٽ ئي منهنجي ڄاڻ ۾ هئي هي اها نئين معلومات آهي جيڪا مون اڄ سکي ؟ هي اها معلومات آهي جيڪا منهنجي سمجهه ۾ ڪانہ آئي هن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ گهران ٿو/ٿي استاد/استادياڻي شاگردن/شاگردياڻين کي هدايت ڪندو/ڪندي تہ سمورا شاگرد انفرادي طور تي خاموشي سان سبق جي عبارت پڙهن ۽ پاڻي جي باري ۾ معلومات حاصل ٿيڻ تي پنهنجي سمجهه جي مناسبت سان علامتن جو استعمال ڪن ۽ لاڳاپيل جملن هيٺان ليک ڪڍين. پڙهڻ کان پوءِ Post Reading رهنما اندازا جاري استاد/ استادياڻي پڙهڻ جي هن سرگرمي دوران سمورن شاگردن/ شاگردياڻين جي مدد، نگراني ۽ رهنمائي ڪندو/ڪندي استاد /استادياڻي مخصوص علامتن جو استعمال ڪندي، بورڊ تي هيٺ ڏنل خاڪو تيار ڪندو/ڪندي ۽ شاگردن/شاگردياڻين کي اهوئي خاڪو پنهنجين پنهنجين ڪاپين ۾ ٺاهڻ جي هدايت ڪندو/ڪندي.	

	استاد/استادياڻي، شاگردن/شاگردياڻين کي هدايت ڪندي ته هو پنهنجن ڪتابن ۾ لڳائجندڙ جملن کي علامتن جي لحاظ سان مخصوص خانن ۾ درج ڪن. استاد/استادياڻي هن عمل دوران شاگردن/شاگردياڻين جي رهنمائي، مدد ۽ نگراني جا فرائض انجام ڏيندو/ڏيندي استاد/استادياڻي، شاگردن/شاگردياڻين کي ٻن ٻن جي جوڙن ۾ ترتيب ڏئي کين هدايت ڪندو/ڪندي ته هو پنهنجي پنهنجي معلومات کي وندين ۽ انهي تي هڪبئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪن. استاد/استادياڻي شاگردن/شاگردياڻين جي ڪاوشن جي واڪاڻ ڪندي انهن جي رهنمائي ڪندو/ڪندي ۽ جيڪا وڌيڪ وضاحت طلب معلومات آهي تن کي پنهنجي صلاحيت موجب انهي متعلق کين ڄاڻ فراهم ڪندو/ڪندي ۽ شاگردياڻين کي پنهنجي مدد پاڻ تحت انهي معلومات جي باري ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي تاڪيد ڪندو/ڪندي	
	جائزو: Assessment شاگرد/شاگردياڻيون پنهنجي حاصل ٿيل معلومات جي مدد سان پاڻي تي هڪ مختصر مضمون لکندا. انهي کان علاوه استاد//استادياڻي شاگردن/شاگردياڻين کي هدايت ڪندو/ڪندي ته هو پنهنجي آسپاس جو مشاهدو ڪن ۽ جائزو وٺن جنهن ۾ پاڻي جي هروپرو استعمال ۽ انهي جي زيان کي روڪڻ لاءِ پنهنجون تجويزون تحرير ڪن.	

پاڻي جي ڪهاڻي

لفظ: ساز، فرمائش، بي صبري، ضايع ڪرڻ، احتياط، لڄي ٿيڻ

جڏهن بـ ڦڦي اسانوت ايندي هئي، اسانکي ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. انهي ڪري اسان ڪيس پڪڙي ويٺا هئاسين.

”اڄ سڄو ڏينهن توهان وڏن سان ڳالهيون ڪندا رهيا، پهرين اسان سان ڳالهيون ڪريو پوءِ اسان توهان کي گهر وڃڻ ڏينداسين“.

”چڱو نيڪ آهي پر حارث ڪٿي آهي؟“ هن پڇيو

پنهنجي سوال جو جواب کين پاڻ ئي ملي ويو. غسل خاني مان ڦونهاري جو آواز اچي رهيو هو ۽ حارث جي ڳائڻ جو پڻ. حارث، ڦونهاري کي پوري ريت کولي رکيو هو ۽ ڦونهاري مان ڪرندڙ پاڻي ساز وانگر گاني ۾ سندس ساٿ ڏئي رهيو هو.

حارث جي عادت هئي تـ هو دير تائين وهنجندو هو. خير، جڏهن هو غسل خاني مان ٻاهر نڪتو ۽ تيار ٿي ويو تـ اسان ڦڦي کي وري فرمائش ڪئي تـ هو اسان سان ڳالهيون ڪري.

”اڄ مان توهان کي پاڻي جي ڪهاڻي ٻڌايان ٿي“. ڦڦي چيو

”ها ها ڦڦي، بس شروع ڪريو“ ناصره بي صبري مان چيو

”ڇا توهان ڪڏهن سوچيو آهي تـ جنهن پاڻي سان حارث وهنجي رهيو هو، ٿي سگهي ٿو تـ هي اهوئي پاڻي هجي جنهن ۾ موهن جي دڙي جو ڪو ٻار، پنج هزار ورهيـ اڳ تريو هجي؟ يا جيڪو انهي کان بـ اڳ،ڪنهن گهاٽي جهنگ ۾ ڊڪندڙ هرڻن مٿان وسيو هجي“

” ڇا مطلب ڦڦي“؟

” مطلب هي آهي تـ جيڪو پاڻي ڪروڙين ورهيـ پهرين هو اڄ بـ اهوئي آهي“.

دنيا ۾ جيترو بـ پاڻي شروع سان آهي، انهي ۾ نـ اضافو ٿيندو ۽ نـ ئي انهي ۾ گهٽتائي ٿي آهي پر انهي مان گهڻو تڻو يعني ستانوي سيڪڙو نمڪين پاڻي جيڪو سمنڊ ۾ آهي اهو پيئڻ جوڳو ناهي. تازو، پيئڻ جوڳو پاڻي، فقط ٿي سيڪڙو آهي. انهي مان تمام گهڻو پاڻي برف ۽ گليشيئر ۾ بند آهي ۽ باقي دريائن ۽ ڍنڍن جي صورت ۾ آهي. تمام گهڻو پاڻي زمين جي هيٺان بـ آهي.

”ڦڦي، تازو پاڻي ڪٿان ايندو آهي“ ناصره پڇيو

”تازو پاڻي بـ سمنڊ جي پاڻي مان ئي ٺهندو آهي پر ڳاله هي آهي تـ سمنڊ مان تازو پاڻي ٺهندي ٺهندي گهڻو

وقت لڳي ويندو آهي ۽ دنيا ۾ تازو پاڻي دنيا ۾ سمنڊ جي نمڪين پاڻي کان گهڻو گهٽ آهي، ۽ استعمال ڪرڻ وارن جو تعداد وڌندو ٿو وڃي. پاڻي گهٽ ٿي ويو ته لڙايون جهيڙا ۽ جنگيون پڻ ٿي سگهن ٿيون. تنهنڪري اسان کي تازو پاڻي ڏيان سان خرچ ڪرڻ گهرجي.

”پاڻي جي احتياط ڪيئن ڪرڻ گهرجي ڦڦي“؟ حارث پڇيو

”ادا توهان دير تائين وهنجڻ بجاءِ جهٽ پٽ وهنجي ونو ۽ گانا ٻاهر اچي ڳايو.

اسان سڀ کلڻ لڳاسين ۽ حارث لڄي ٿي ويو ته ڦڦي چيو: ” ناصره مون ڏٺو پئي ته جيتري دير تو ڏندن کي برش پئي ڪيو تيستائين تو نل کي کولي رکيو هو. انهي سان به گهڻو پاڻي ضايع ٿي وڃي ٿو“

مان چيو، ” ڦڦي، توهان مونکي ته ڪڏهن پاڻي ضايع ڪندي ڪونه ڏٺو هوندو“

ڦڦي ٿوري مرڪي ۽ چيائين” اڄ مان توکي ڏٺو پئي ظاهره. تو پنهنجي گلاس ۾ پاڻي پريو پر انهي مان به ٿي ڍڪ پري هاري ڇڏيئي“

” پر اهو ته ٿورڙو پاڻي هو“ مون بحث ڪندي چيو

”تازو پاڻي ٿورڙو به هجي تڏهن به انهي کي زيان نه ڪجي. آخر ٿورڙيون ٿورڙيون شيون ئي ته ملي ڪري ته وڏيڪ ٿينديون آهن. تازو پاڻي ونڻ لاءِ ته ڪيئي ماڻهن کي پري پري تائين وڃڻو پوندو آهي. چڱو هاڻي مان جڏهن وري ايندس ته پاڻسان گڏ توهانجن ڪمرن لاءِ هڪڙي هڪڙي تصوير وٺيون ايندس. انهي تصوير ۾ ٿي ننڍيون ننڍيون ڇوڪريون پنهنجن مٿن تي وڏا وڏا مٽ کڻي کوه تان پاڻي پرڻ وڃي رهيون آهن ته جيئن پنهنجي گهر جي سموري ڏينهن جي پاڻي جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. انهي تصوير کي ڏسي ڪري توهان جو دل پاڻي ضايع ڪرڻ تي نه چوندي

سبقي منصوبہ بندي Comprehension 2

درجو: ٽئين ڪان پنجين تائين	مضمون: سنڌي سمجهڻ	موضوع: سبق: پاڻي جي ڪهاڻي حوالو: ڪتاب "ڪوئل" آڪسفرڊ سلسلو براءِ ٻيو ڪلاس	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق کي پڙهڻ بعد ٻار انهي لائق ٿي ويندا تہ: 1: هن سبق کي ڏيان سان پڙهي، تصويرن کي پيراگراف سان لڳائي سگهن 2: ڏنل جوابن جا سوال ناهي سگهندا		
تدريس ۾ مدد ڏيندڙ شيون	ڪاغذ جون پرچيون 6: تصويري سيٽ		
استاد/استادياڻي جو مضمون تي عبور		استاد/استادياڻي سمجهڻ ۽ ٻولي جي ڄاڻ ۾ انهي جي اهميت کان واقف هجي	
طريقيڪار			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
	پڙهڻ کان اڳ Pre_reading شناخت ڪرڻ Identifying 1: استاد/استادياڻي عبارت ۾ استعمال ٿيل 5 تڪراري لفظن (بار بار استعمال ٿيندڙ لفظ) کي ننڍين پرچين تي ٻارن جي تعداد جي مطابق لکندو هر ٻار/ٻارڙي کي هڪ پرچي جنهن تي صرف هڪ لفظ لکيل هوندو سا ڏني ويندي. استاد/استادياڻي ٻارن کي هيٺ ڏنل هدايتون ڏيندو/ڏيندي		

	1: پرچي تي لکيل لفظ غورسان پڙهو ۽ ڪنهن ساٿي کي پرچي بلڪل نہ ڏيکاريو 2: سمورا ٻار پنهجيون ڪاپيون بند ڪري خاموشي سان ويهي رهن 3: استاد/استادياڻي سبق کي باآواز پڙهندو/پڙهندي 4: جيئن ئي پرچي تي لکيل لفظ اڳتي ايندو، اهو ٻار پنهنجي جاءِ تي يڪدم اٿي بيهندو جنهن وٽ اها پرچي هوندي ۽ پوءِ ويهي رهندو 5: بنا رڪجڻ جي پورو سبق پڙهندو يا پڙهندي ۽ سبق جي ختم ٿيڻ تي ٻار اهو عمل ورجائيندا.	

پڑهڻ وقت (While Reading)
(Matching)
استاد/استادياڻي عبارت جي متن موجب ڪجه تصويرون چونڊيندو/ چونڊيندي. هر تصوير عبارت جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي سان لاڳاپيل هئڻ گهرجي. استاد/استادياڻي انهن تصويرن کي شاگردن جي گروپن جي حساب سان سيٽ ٺاهي وٺندو. ڇاڪاڻ تہ ڇه گروپ ٺاهڻ جو پهرين ئي فيصلو ٿيل آهي تنهنڪري هو ڇه سيٽ ٺاهيندويا ٺاهيندي.

تصوير کي متن سان ملايو
1: استاد/استادياڻي شاگردن جا ڇه گروپ ٺاهيندا ۽ سمورن گروپن ۾ تصويري سيٽ ورهائيندو/ورهائيندو
2: استاد/استادياڻي ٻارن کي چئن ميمبرن واري گروپ ۾ ورهائيندا
3: سبق جي عبارت کي گروپن جي مناسبت سان چئن مساوي حصن ۾ ورهايو ويندو
4: هر ٻار پنهنجي واري اچڻ تي پنهنجو مخصوص پيراگراف باآواز بلند پڑهندو ۽ پنهنجي حصي جي عبارت پڑهڻ بعد ٻار، عبارت سان واسطو رکندڙ تصوير يا تصويرون چونڊيندا.
5: جڏهن تہ گروپ جا ٻيا ميمبر پنهنجي ساٿي کي ڌيان سان ٻڌندا ۽ پنهنجي ساٿي جي حصي جي عبارت سان وابستا تصويرن کي منتخب ڪرڻ ۾ مدد ڪندا
6: هي سلسلو هر هڪ ميمبر لاءِ ترتيبوار جاري رهندو
7: استاد/استادياڻي سڀني گروپن جي رهنمائي ۽ معلومات فراهم ڪندا ۽ خاص

پڑهڻ کانپوءِ (Post Reading)

جواب هيڏانہ آهي سوال ڪٿي آهي؟ Here's the Answer, Where is the Question?
1: استاد/استادياڻي عبارت ۾ ڏنل معلومات کي لفظن يا جملن جي صورت ۾ بورڊ تي درج ڪندا
معلومات:
1: جيڪو پاڻي لکين ڪروڙين سال پهرين هو اهوئي پاڻي هاڻي بہ آهي

	2دنيا ۾ جيترو بـ پاڻي شروع کان وني آهي انهي ۾ نـ ڪا گهٽتائي آئي آهي نـ انهي ۾ واڌ ايندي 3: گهاٽو جهنگ 4: لڙائي جهڳڙو 5: تصوير 1: استاد/استادياڻي هر گروپ کي مٿي ڏنل جوابن جي مدد سان جيترو ممڪن ٿي سگهي سوال جوڙڻ ۾ مدد فراهم ڪندا 2: سمورا گروپ ڏنل جوابن کي ڏسندي، جيترو ممڪن ٿي سگهي سوال جوڙيندا 3: استاد/استادياڻي سمورن گروپن جي نگراني ڪندا ۽ سوال ناهڻ ۾ سندن معاونت ڪندا 4: سمورا گروپ واري واري سان جوابن جا سوال معلوم ڪندا ۽ انهن مان ڪجه بورڊ تي درج ڪندا 5:استاد/استادياڻي ٻارن کي هدايت ڪندا تـ جيڪي سوال انهن جي گروپن لاءِ نوان آهن انهن کي پاڻ وٽ درج ڪن 6: استاد/استادياڻي شاگردن توڙي شاگرياڻين کي هدايت ڪندا تـ هو پاڻي جي افاديت ۽ اهميت تي روشني وجهن ۽ سبق ۾ شامل پاڻي تي موجود معلومات کي استاد/استادياڻي جي سوال ڪرڻ تي باآواز بلند پنهنجن هم جماعتن سان انهي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪن	
10 منٽ	جائزو: Assessment استاد/استادياڻي شاگردن /شاگردياڻين کي هدايت ڪندا تـ هو پنهنجي آسپاس جو جائزو وٺن ۽ پاڻي جي زيان تي هڪ نوٽ لکن ۽ انهي جي زيان کي روڪڻ لاءِ پنهنجون تجويزون ڏين	

سبقي منصوبہ بندي Comprehension 3

درجو: ٽئين ڪان پنجين درجي تائين	مضمون: سنڌي سمجهڻ	موضوع: سبق: سج نہ هجي ها تہ سنڌي ٽيون ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ حيدرآباد	ڏنل وقت: 35 منٽ
مقصد:	هن سبق کي پڙهڻ بعد ٻار انهي لائق ٿي ويندا تہ: 1: سبق کي ڌيان سان پڙهي سبق ۾ موجود لفظن ۽ معلومات جو تصويري خاڪن جو تصور (وزيولائز) ڪري سگهن.		
تدريس ۾ مدد ڏيندڙ	هي مشق ڪاري بورڊ تي پڻ ڪري سگهجي ٿي		
استاد/استادياڻي جو مضمون تي عبور		استاد کي ٻولي سمجهڻ ۽ ٻولي جي ڄاڻ جي اهميت ڪان واقف هئڻ گهرجي	
طريقيڪار (Procedure)			
ڏنل وقت	سرگرميون		مددگار شيون
	پڙهڻ کان اڳ (Pre Reading) ذهني فڪر Brain Storming استاد/استادياڻي ٻارن جي ٻن ميمبرن واري جوڙي ۾ ورهائيندا استاد/استادياڻي ٻارن کان سوال ڪندا تہ جيڪڏهن هن دنيا ۾ سج نہ هجي ها تہ ڇا ٿئي ها. استاد/استادياڻي ٻارن جي جوڙن کي هدايت ڪندا تہ پاڻ ۾ هن سوال جا امڪاني جواب تجويز ڪن. استاد/استادياڻي ٻارن جي جوڙن کان واري واري سان پنهنجا جواب پنهجن هم جماعتن سان باآواز بلند انهن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ چوندا استاد/استادياڻي جوڙن جا ڏنل جواب ٻن ڪالمن ۾ درج ڪندا. ڪالم نمبر 1 ۾ اها سموري معلومات جيڪا ڏنل سبق جي عبارت ۾ موجود آهي جڏهن تہ ڪالم نمبر 2 ۾ اها معلومات جيڪا سبق جي عبارت جي علاوه درج ڪئي ويندي. نوٽ: ٻن ڪالمن جي فرق کي استاد/استادياڻي ٻارن جي سرگرمي جي ختم ٿيڻ تي واضح ڪندا. هن سرگرمي جي پڄاڻي تي پڙهڻ وقت سرگرمي کي شروع ڪرايو ويندو		

10 منٽ	پڙهڻ وقت (While Reading) پڙهو ۽ تصويري خاڪا ناهيو: Read and Visualize استاد/استادياڻي سمورن جوڙن کي سبق ۾ ڏنل عبارت کي ٻن حصن ۾ ورهائي پنهنجي پنهجي مخصوص حصي کي انفرادي طوري تي خاموشي سان پڙهڻ لاءِ چوندا. پڙهڻ بعد (Post Reading) استاد/استادياڻي چند ٻارن کان انهن جا چونڊ لفظ ۽ انهن سان لاڳاپيل خاڪن جي باري ۾ معلوم ڪندا. 1 سوال: توهان پنهنجي لاءِ ڪهڙن لفظن جي چونڊ ڪئي آهي ۽ انهي مان ڪنهن ٻه هڪ لفظ جو سبب ٻڌايو ۽ انهي سان لاڳاپيل تصور جي وضاحت ڪريو استاد/استادياڻي پڙهڻ کان اڳ بورڊ تي ناهيل ڪالم 1 ۽ ڪالم 2 جي طرف ٻارن جي توجه ڇڪائيندي انهن کان معلوم ڪندا تہ انهن مان ڪهڙي ڪالم ۾ ڏنل معلومات سبق ۾ شامل ناهي	ڪاغذ جون پرچيون
10 منٽ	جائزو: Assessment استاد/استادياڻي ٻارن جي ڪاوش کي ساراهيندي انهن جي ڏنل معلومات جيڪا سبق کان علاوه هئي تنهن کي هڪ مختصر پيراگراف جي صورت ۾ لکڻ جي هدايت ڪندا.	

تدريس جا حاصلات: هي سبق پڙهڻ بعد شاگرد:
هن سبق ۾ شامل شين ۽ موسمن جي باري ۾ بيان ڪري سگهندا
صورتخطي جي لحاظ سان لفظن کي جملن ۾ استعمال ڪري سگهندا
زماني جا اعتبار سان جملن کي تبديل ڪري سگهندا

سج نـ هجي ها تـ
ڏاڏي، اڄ امين ۽ بلال کي سج جي ڪهاڻي ٻڌائي رهي آهي. هو ٻئي ڏاڍا خوش آهن. ڏاڏي ڪهاڻي شروع ڪندي چيو "ٻارو، اللا تعاليٰ جي هڪ وڏي نعمت سج آهي. سج نـ هجي ها تـ دنيا ۾ نـ روشني هجي ها نـ حرارت. ٻاٽ اونداهي هجي ها. ايڏي تـ سخت ٿڌ پوي ها جو ڪو ساهوارو زنده رهي نـ سگهي ها. سج جي گرمي سان ئي فصل ٿيندا آهن، اناج پچندا آهن. رنگ رنگ جا گل ٽڙندا آهن ۽ مزي مزي جا ميوا پچي تيار ٿيندا آهن. امين وچ ۾ چيو:" پر ڏاڏي، اسانجي استاد صاحب تـ هي ٻڌايو آهي تـ فصلن کي جيڪر پاڻي نـ ڏنو وڃي تـ اناج، سايون ڀاڄيون، ميوا ڪجه بـ پيدا نـ ٿين".
ڏاڏي: "توهانجي استاد صاحب بلڪل نيڪ چيو آهي. هي پاڻي بـ تـ سج جي گرمي مان حاصل ٿيندو آهي. سج جون گرم شعاعون جڏهن سمنڊ جي پاڻي تي پونديون آهن تـ سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بنجي مٿي اٿندو آهي ۽ ڪڪر بنجي ويندو آهي. انهن ڪڪرن مان برسات ٿيندي آهي."
امين: "ڏاڏي، سج جي گرمي ڇا فقط فصلن لاءِ ئي ضروري آهي"؟
ڏاڏي: " نـ پٽ ائين ناهي. بلڪ انسان هجي يا حيوان، پکي هجن يا وڻ ٻوٽا، سج جي گرمي کانسوا جيئرا نٿا رهي سگهن. سج جي ئي شعاعن سان جبلن تي جميل برف پاڻي بنجي پگهرجي ويندي آهي. هي پاڻي وهي ڪري دريائن ۾ ايندو آهي. انهي پاڻي سان انسانن، حيوانن ۽ نباتات سڀني جون ضرورتون پوريون ٿيندڙيون آهن. "
بلال: " ڏاڏي، اس مان ڪهڙا ڪم ورتا ويندا آهن"؟
ڏاڏي: " اس مان ڪيئي ڪم ورتا ويندا آهن. سج جي تيز شعاعن سان تانڪين ۾ پيل پاڻي گهڻو گرم ٿي ويندو آهي. انهي گرم پاڻي ۽ انهي جي ٻاڦ سان ڪيئي ڪم ورتا ويندا آهن"
امين: " ڏاڏي، ڇا سج ۾ تمام گهڻي گرمي آهي جو ايڏو پري زمين تائين انهي جي گرمي پهچي وڃي ٿي"؟
ڏاڏي:" ها، اهائي تـ خاص ڳاله آهي. سج، ٻاهه جو ڀڙڪندڙ نهايت وڏو گولو آهي، جيڪو لڪين ورهين کان

اسانکي گرمي ۽ روشني ڏئي رهيو آهي ۽ انهي جي گرمي ۾ ڪا ڪوت نٿي اچي. ڏينهن جي وقت سج جي روشني ۾ ڪم سولائي سان ٿي ويندا آهن. سج لهندي ئي اونداهي ڦهلجڻ لڳندي آهي. پڪي پنهنجن آڪيرن جو رخ ڪندا آهن. ماڻهو پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿي ويندا آهن. ڏٽي سڳوري ڏينهن کي ڪم لاءِ رات کي آرام لاءِ ناهيو آهي.“

بلال: ”ڏاڏي، اڄ توهان اسانکي سج جي باري ۾ ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون آهن. اسان سيٽي پنهنجي ڪلاس وارن کي اهي ڳالهيون ٻڌائينداسين“.

مددگار تعليمي مواد Supplementary Teaching and Learning Material

مددگار تعليمي مواد جو مطلب اهي سمورا تعليمي وسيلا آهن جيڪي انفرادي يا اجتماعي طور شاگردن جي سکڻ جي عمل ۾ تيزي پيدا ڪن ۽ سندن ذهني سطح جي مطابق هجن. انهي مواد ۾ ڪتاب، چارٽ، فليش ڪارڊ، وڊيو سي ڊي، آڊيو سي ڊي، ڪمپيوٽر سافٽ ويئر ۽ جوڙڻ ٺاهڻ جا وسيلا اچي وڃن ٿا.

مددگار تدريسي مواد جا مثال ۽ انهن جا استعمال

1 ڪتاب، جيڪي پڙهڻ جي ڏانءَ جي واڌ ويجه ڪن ٿا
2 مددگار ڪتاب جيڪي تدريسي ڪتاب ۾ ڏنل سبقن ۽ انهن سان واسطو رکندڙ مشقن کي وڌيڪ سمجهڻ ۽ وڌيڪ مشق جو موقعو فراهم ڪن ٿا
3 مرحلي وار ريڊر جيڪو وسيع انداز ۾ پڙهڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا
4 پراڻيون اخبارون، ميگزين ۽ ڪالم جيڪي تصديق شده مواف کي پڙهڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا
5 گانن جي سي ڊي جيڪا ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت کي وڌائي ٿي
6 بورڊ گيم، توڙڻ ۽ ڳنڍڻ وارا پزل، فليش ڪارڊ جيڪي دلچسپ مشق جو موقعو فراهم ڪن ٿا
7 انٽرنيٽ جون ويب سائيٽون جيڪي لفظن جي ذخيري، اچار، سمجهڻ ۽ رياضي جي مشق لاءِ، مشق جي سرگرمين جو موقعو فراهم ڪن ٿا
8 انٽرنيٽ جي ويب سائيٽ جيڪا رياضي جي راندين، پزل ۽ سوالن جوابن جيڪي سکڻ جي عمل سان گڏوگڏ مزيدار سرگرمين جو موقعو فراهم ڪن

مددگار تعليمي مواد جون خاصيتون

1 مددگار تعليمي مواد نصاب ۽ حالتن بموجب ۽ مددگار هئڻ گهرجي
2 اهڙي مددگار تعليمي مواد کي اوليت ڏيڻ گهرجي جيڪو مقامي ماحول سان هم آهنگ هجي
3 مواد، مضمون جي تت جي بنيادي روح جي مطابق هجي ۽ ٻارن جي عمرين، سماجي قدرن، سکڻ جي طور طريقي، صلاحيت جي سطح ۽ جذباتي واڌ ويجه لاءِ مناسب هجي ڍ
4 مددگار تعليمي مواد صوبائي يا مرڪزي سطحن تي تجويز ڪيل مضمون کي تبديل نـ ڪندو هجي بلڪ انهي کي سکڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهيو هجي
5 مددگار تعليمي مواد ٻارن ۾ تخليقي صلاحيت جو محرڪ بنجندو هجي
6 مددگار تعليمي مواد مختلف خيالن ۽ نظرين کي پيش ڪندڙ هجي تـ جيئن انهن جي مدد سان هڪ متوازن بحث ڪري سگهجي

7 سموري مددگار تعليمي مواد کي استعمال ۾ آڻڻ کان اڳ انهي کي پڙهڻ ۽ انهي جو تنقيدي جائزو وٺڻ ضروري آهي
8 مددگار تعليمي مواد کي هرقسم جي نامناسب ٻولي ۽ تصوير جهڙوڪ دقيانوسي جنسي ڪردار، تفاوت، پرچار ۽ تشهير وغيره کان پاڪ هئڻ گهرجي
9 مددگار تعليمي مواد ڪنهن بـ قسم جي منفي ۽ دقيانوس سوچ ۽ تصور جي واڌ ويجه نـ ڪندو هجي

مددگار تعليمي مواد جي چونڊ

1 پيشه ور تعليمي ماهرن کي نصابي ضرورتن جي مدنظر، تعليمي مواد جو جائزو وٺڻ گهرجي. اعليٰ ماهرن ۽ ادارن جي تيار ڪيل مواد مان چونڊ ڪرڻ گهرجي
2 مددگار تعليمي مواد جي خريداري کان اڳ تعليمي مواد جو جائزو ۽ منظوري ڪنهن مجيل ذريعي کان ڪرائڻ گهرجي جهڙوڪ مضمون جا ماهر يا پيشه ور لائبريرين وغيره
3 مددگار تعليمي مواد کي ڪاپي رائيٽ قانون بموجب چونڊڻ ۽ خريدڻ گهرجي

مددگار تعليمي مواد جي انتخاب جو طريقو

ايس آر پي هڪ تحقيق جو اهتمام ڪيو جيڪا ٽن حصن تي ٻڌل هئي. هن تحقيق جو مقصد مددگار تعليمي مواد جي چونڊ ڪرڻ هو جيڪو ڪلاس روم ۾ تدريسي عمل کي اڳتي وڌائي. هي تحقيق، ايس آر پي جي سرڪردگي ۾ هڪ ٽيڪنيڪل ريفرنس ڪئي جيڪو چوويهن ڄڻن تي مشتمل آهي. انهن مان سترهن ڄڻا سنڌي ٻولي تي عبور رکن ٿا ۽ ست ڄڻا اردو ٻولي تي عبور رکن ٿا. ٽيڪنيڪل ريفرنس گروپ جي ميمبرن جو تعلق سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، بيورو آف ڪريڪيولم، پائيٽ ۽ بـ ڪنسلٽنٽ شامل آهن.
هن ٽيم ڇاهتر اشاعت گهرن جي 942 ڪتابن 46 رياضي جو سامان ڏنو. انهن مان هن ٽيم هڪ سئو ڪتاب ۽ رياضي جي 26 سامانن جو انتخاب ڪيو جيڪو ايس آر پي جي منتخب اسڪولن ۽ استادن کي ڏنو ويندو.

مددگار تدريسي مواد جي استعمال جا سبب

1 سبقن ۾ انتخاب جي گهٽائي فراهم ڪن ٿا

2 پڙهڻ جي مهارت جي عنصرن جهڙوڪ رواني، لفظن جي ذخيري ۽ اچار جي مشق جو وڌيڪ موقعو فراهم ڪن ٿا
3 مهارتي واڌ ويجه (پڙهڻ، لکڻ، انگ) جي وڌيڪ مشق جو موقعو ڏين ٿا
4 تدريسي ڪتابن جا اهڙا سبق جن ۾ استاد ائين سمجهندا هجن تہ انهن ۾ ڪا ڪمي بيشي آهي، تن ۾ اها ڪمي دور ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو
5 تدريس ۾ مزيدار سرگرمين کي شامل ڪرڻ ممڪن هوندي آهي
6 سبقن ۾ وڌيڪ اعتبار جوڳي مواد کي وجهڻ ممڪن هوندو آهي
7 رياضي جون مهارتون سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ وڏي مدد فراهم ڪن ٿا

تعليمي ڪچهري جو عمل Process of Learning Circle



يوايس ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام هن تعليمي مواد کي تيار ڪرڻ هيٺ ڏنل سيني ماهرن جو ٿورائتو آهي.

سيد آفاق احمد	ڊي اي ٽي آر سي ڪراچي
الطاف حسين جوڪيو	جي ڊي سي ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز
مسرت حسين رضوي	(ريٽائرڊ) بي او سي ڄامشورو
عطيہ تبسم پٽو	جي جي ڊي سي حيدرآباد
غلام اصغر ميمڻ	بيورو آف ڪريڪيولم ڄامشورو
فرحانہ ناز صديقي	پائيٽ نوابشاهه
حبيب احمد خان	جي ڊي سي پي جي سي لطيف آباد نمبر 11 حيدرآباد
سليم الدين	جي ايس ايم ڊي سي ٽنڊو الهيار
ظهير عباس چانگ	پائيٽ نوابشاهه
نور احمد ڪوسو	پائيٽ نوابشاهه
آغا مشتاق احمد	اسٽيڊا ڪراچي
عليہ ظفر	(ڊبليو) جي اي سي اي حسين آباد ڪراچي
شبانہ حيدر	(ڊبليو) جي اي سي اي حسين آباد ڪراچي
تسنيم سومرو	(ڊبليو) جي اي سي اي لاڙڪاڻو
نسيم اختر	(ڊبليو) جي اي سي اي شاهه فيصل ڪالوني ڪراچي
شازيا چانڊيو	(ڊبليو) جي اي سي اي لاڙڪاڻو
سلمىٰ راڄپر	(ڊبليو) جي اي سي اي شاهه فيصل ڪالوني ڪراچي
فوزيا ميمڻ	(ڊبليو) جي اي سي اي سکر
شگفتہ جبين	(ڊبليو) جي اي سي اي شاهه فيصل ڪالوني ڪراچي
شيلا ديوي	(ڊبليو) جي اي سي اي لياري ڪراچي
بشير احمد	(ايم) جي اي سي اي دادو
منظور الهيٰ	(ايم) جي اي سي اي ڪنڌ ڪوٽ
نياز احمد	(ايم) جي اي سي اي ڪنڌ ڪوٽ
عبدالمجيد	جي ايم پي ايل، ايچ ايس پراڻو سکر
محمد ادريس جتوئي	بي او سي ڄامشورو
ديدار علي	(ايم) جي اي سي اي لاڙڪاڻو
نسيم اختر ميمڻ	(ڊبليو) جي اي سي اي لاڙڪاڻو
نازا چانڊيو	پائيٽ نوابشاهه
محمود ڪلوئي	پائيٽ نوابشاهه
عبدالرحمان	پائيٽ نوابشاهه
عفت ڪاظمي	يو ايس ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام
سعيد نسيم	يو ايس ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام
محمد يوسف	يو ايس ايڊ سنڌ ريڊنگ پروگرام
سائره شهاب	مختصر مدي واري ڪنسلٽنٽ
هما زبير	مختصر مدي واري ڪنسلٽنٽ
فرزانہ	آئي آر سي ڪراچي
نثار احمد	آئي آر سي ڪراچي

یو ایس ایڊ سندریڈنگ پروگرام
info@sindhreading.org